ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) اربع 07 آڪٽوبر 2026ع 24 ربيع الثاني 1448ھ صفحا 6 - ملھ 30 روپيا شمارو (53)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Wednesday 7th October 2026

احتجاج ۽ ڌرڻا ختم ڪريو، اسان جا دروازا کليل آهن: وزيراعظم جي تحريڪ انصاف کي ڳالهين جي آڇ

ڌرڻن ۽ احتجاج جي سياست قومي معيشت ۽ پاڪستان جي عالمي ساک جي لاءِ انتهائي نقصانڪار ۽ معيشت کي نقصان پهچائڻ ملڪ دشمني آهي، پي ٽي آءِ هوش کان ڪم وٺي: وزيراعظم شهباز شريف

احتجاجي سياست سان ملڪي معيشت کي پهچندڙ نقصان جو اندازو ڪندي لانگ مارچ ختم ڪيو وڃي، حڪومت عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي

حڪومت ۽ پيپلزپارٽي جي گڏيل ڪميٽي بامعنيٰ ۽ پرخلوص ڳالهه ٻولهه سان مسئلن جو گڏجي ويهي حل ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي، مشاورت سان طئي ڪيو ته پي ٽي آءِ جي قيادت سان بامعنيٰ ڳالهيون ڪريون

موجوده حڪومت ملڪ جي ترقي ۽ معاشي استحڪام جي لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهي آهي، اسان اڍائي سالن جي محنت سان ملڪي معيشت کي پنهنجي پيرن تي بيهاريو

ملڪي پيداوار ۾ اضافو ٿيو آهي. هڪ طرف ترقياتي ڪمن جو سلسلو جاري آهي ۽ ٻئي طرف بدقسمتي سان هڪ ڀيرو ٻيهر لانگ مارچ، ڌرڻي ۽ احتجاج جي پيانڪ سياست نمودار ٿي رهي آهي

ملڪ ۾ معاشي استحڪام آيو، ميڪرو اڪنامڪ استحڪام، تمام ڪٺن مشڪل سان حاصل ٿيو جا ترقي جي ڦيٿي کي ٻيهر جام ڪرڻ ملڪ دشمني ناهي، جا ان سان پاڪستان جي عالمي ساک کي نقصان نه پهچندو

ماحولياتي تحفظ ۽ شهر کي سرسبز ۽ صاف سٿرو رکڻ جي حڪومتي پاليسي تحت 31 ڊسمبر تائين اسلام آباد کي مڪمل طور تي پلاسٽڪ فري سٽي ناهڻ جي هدف تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻايو ويندو: تقريب کي خطاب

اسلام آباد (اي پي پي/مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڌرڻن ۽ احتجاج جي سياست کي قومي معيشت ۽ پاڪستان جي عالمي ساک جي لاءِ انتهائي نقصانڪار قرار ڏيندي چيو آهي ته ڌرڻن جي سياست سان معيشت کي نقصان پهچائڻ ملڪ دشمني آهي، پي ٽي آءِ هوش کان ڪم وٺي ۽ احتجاجي سياست سان ملڪي معيشت کي پهچندڙ نقصان جو ادراڪ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

رياض: مڪه معاهدي تي عمل درآمد بابت گڏجاڻي ۾ سعودي عرب ۽ ترڪي جي عهديدارن سان گڏ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار، بچاءُ وارو وزير خواجه آصف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير بيٺل آهن

ڪي پي ۾ گورنر راڄ يا ايمرجنسي سميت سڀ آئيني آپشن غور هيٺ آهن: طلال چوڌري

دهشتگردي جي خاتمي ۽ نيشنل ايڪشن پلان جي نڪتن تي 100 سيڪڙو اتفاق راءِ ٿي چڪو هو

خيبرپختونخوا جي وڏي وزير آخري مرحلي ۾ نيون رڪاوٽون وجهي سموري ڳالهه کي نقصان پهچائي ڇڏيو

26 ڪروڙ جي ملڪ جي ڪجهه هزارن جي جٿن جي رحم ڪرم تي نه ڇڏيو ويندو: مملڪتي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري مملڪتي وزير سينيٽر طلال چوڌري چيو آهي ته حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهين ۾ دهشتگردي جي خاتمي ۽ نيشنل ايڪشن پلان جي نڪتن تي 100 سيڪڙو اتفاق راءِ ٿي چڪو هو حڪومت ملڪ جي سلامتي خاطر مخالف ڌر کي اميد ڪان وٺي ڪري سياسي رعايتون ۽ ميدان فراهم ڪري ڇڏيو ته خيبرپختونخوا جي وڏي وزير بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

رياست ۽ خيبرپختونخوا جو بنيادي مسئلو دهشتگردي آهي: دانيال چوڌري

ان مسئلي کي سياسي نعرن بدران حقيقتن ۽ انگن اکرن جي بنياد تي ڏسڻ پوندو

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بئريسٽر دانيال چوڌري چيو آهي ته رياست ۽ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڊي آءِ خان ۾ فائرنگ جي ٻن واقعن ۾ ايف بي آر ۽ پوليس جا 5 اهلڪار شهيد

گومل يونيورسٽي ٽاڪي جي حدن ۾ اپايا پل تي قريشي موڙ ويجهو هٿياربندن هڪ گاڏي تي فائرنگ ڪئي

فائرنگ جي نتيجي ۾ ايف بي آر جا 4 اهلڪار شهيد ٿي ويا، لاشن کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو

پشاور (اي پي پي) ڊيره اسماعيل خان ۾ دهشتگردي جي ٻن مختلف واقعن ۾ پوليس ۽ ايف بي آر جا 5 اهلڪار شهيد ٿي ويا. ڊي پي او ڊي آءِ خان ضياءُ الدين احمد موجب گومل يونيورسٽي ٽاڪي جي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

آمريڪي پرڏيهي کاتي مالياتي ادارن کي ايران سان ڪاروبار ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏيو

جيڪڏهن مالياتي ادارن ايران سان ڪاروبار ڪيو ته واشنگٽن پابنديون لاڳو ڪري سگهي ٿو: آمريڪا

آمريڪا پاران گڏيل عرب امارات ۽ ترڪي جي ٻن بينڪن خلاف به ڪارروائي عمل ۾ آندي وئي

تهران (اي پي پي) آمريڪي پرڏيهي کاتي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: آءِ ايل او جو ڊائريڪٽر جنرل گلبرٽ هونگبو وزيراعظم شهباز شريف سان ملي رهيو آهي

اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پاران شفا انٽرنيشنل اسپتال ۾ علاج هيٺ خيبرپختونخوا جي صوبائي اسيمبلي ميمبر جلال خان جي عيادت

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ شفا انٽرنيشنل اسپتال ۾ علاج هيٺ خيبرپختونخواهه جي صوبائي اسيمبلي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ڪشمير چوڪ انڊر پاس جو پيڙهه جو پٿر رکڻ بعد دعا گهري رهيو آهي

ٻار سيوهڻ ۾ فوت ٿئي يا ڪراچي ۾، ڪوتاهي ڪندڙن خلاف ايڪشن ٿيندو: مراد علي شاهه

ڪوشش هوندي ته ايمرجنسي لڳائڻ بغير معاملا حل ٿين. دهشتگردي روڪڻ لاءِ آئيني طريقيڪار اپنائڻو پوندو

جنهن صوبي جو عوام چاهي ته اها اسيمبلي چونڊيل نمائندي ذريعي پنهنجي حدون تبديل ڪري سگهي ٿي

سسٽم فيل ٿيڻ بعد صوبا ناهڻ مسئلي جو حل ناهي، اسان کي مڪاني حڪومتن کي وڌيڪ پاورفل ڪرڻو آهي

سيوهڻ/ ٻان سيد آباد (رپورٽ محمد اسحاق ميمڻ ۽ اعجاز سولنگي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته ڪوشش هوندي ته ايمرجنسي لڳائڻ بغير معاملا حل ٿين. دهشتگردي روڪڻ لاءِ آئيني طريقيڪار اپنائڻو پوندو. ٻار سيوهڻ ۾ فوت ٿئي يا ڪراچي ۾، ڪوتاهي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سيوهڻ: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

حڪومت سان ڳالهين ۾ ديڊ لاڪ سياسي استحڪام تي ديڊ لاڪ آهي: حليم عادل

حڪومت ٿيندڙ معاملن تي ڳالهين کي اڳتي وڌڻ نه ڏئي ناڪامي جي ذميواري حڪومتي ٽيم تي آهي

دهشتگردي خلاف جنگ بابت سمورين جماعتن کي اعتماد ۾ وٺي اتفاق راءِ سان پاليسي جوڙيون وڃن

عمران خان جي آزادي، عدليه جي آزادي ۽ مهانگائي خلاف لانگ مارچ جاري رکڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ چيو آهي ته حڪومت سان ڳالهين ۾ پيدا ٿيل بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ٽرانسپورٽ برادري جا جائز مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا: ضياءُ الحسن لنجار

گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار جي صدارت هيٺ اجلاس، اهل ڊرائيورن کي قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ بعد LTV ۽ HTV لائسنس جاري ڪرڻ جي هدايت

ٿرڊ پارٽي موٽر وهيڪل انشورنس، ٽرڪ اسٽينڊز ۽ ٽرانسپورٽ ٽرمينلز لاءِ زمين سميت مختلف معاملن تي غور

SITE، نارٿ ڪراچي ۽ ناردرن باءِ پاس سميت مختلف علائقن ۾ ٽرانسپورٽرز لاءِ سيڪيورٽي يقيني بڻائڻ ۽ ٽريفڪ مسئلا حل ڪرڻ جون هدايتون

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي گهرو ۽ قانون واري وزير ضياءُ الحسن لنجار جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽرز ايسوسيئيشنز جي وفدن سان اهم اجلاس، ٽرانسپورٽ برادري جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ هدايتون سنڌ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: نياز اسٽيڊيم جي سنڌاري بعد ان کي پي سي بي حوالي ڪرڻ جي معاهدي تي صحيحون ڪرڻ بعد ميئر ڪاشف شورو ۽ پي سي بي جو سي او او ڪاغذن جي ڏي وٺ ڪري رهيا آهن

نياز اسٽيڊيم پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ حوالي ڪرڻ واري معاهدي تي صحيحون

ميونسپل ڪارپوريشن ۽ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ وچ ۾ معاهدي تي صحيحون ڪرڻ جي تقريب منعقد

ميئر حيدرآباد ڪاشف علي شورو ۽ پي سي بي جي سمير احمد سيد معاهدي جي دستاويزن تي صحيحون ڪيون

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) نياز اسٽيڊيم پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ حوالي ڪرڻ بابت معاهدي تي صحيحون بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتيرس سان ملي رهيو آهي

معاشي سرگرمين ۾ روزانو جي رڪاوٽن سان معيشت کي نقصان پهچي ٿو: ناڻي وارو وفاقي وزير

معيشت جي استحڪام سان سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ٿيو، پائيدار اقتصادي ترقي لاءِ مقامي ۽ پرڏيهي سيڙپڪاري جو ميلاپ ضروري آهي

ڪجهه سال اڳ پاڪستان کي ٻٽي خساري کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو جيڪو هاڻي جون جي پڄاڻي تائين گهٽ ٿي اٽڪل 2.6 سيڪڙو رهجي ويو آهي

حڪومت عارضي تيزي بدران ذميواراڻي ۽ پائيدار معاشي اوسر کي يقيني بڻائڻ جي راهه تي گامزن آهي، پاڪستان عالمي مالياتي فنڊ جي پروگرام تي به عمل پيرا آهي

ناڻي واڌ ۾ ناڙو اضافو پرڏيهي ۽ علائقائي ڏکيائن جي اثرن سبب ٿيو جڏهن ته پاليسي ريٽ 11.5 سيڪڙو تي برقرار آهي: وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصول بابت وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته معيشت جو استحڪام معيشت جي بنيادي ضرورت آهي حڪومت جي مالي ۽ پرڏيهي شعبي ۾ استحڪام جي نتيجي ۾ مقامي ۽ پرڏيهي سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ٿيو پائيدار بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪشمير چوڪ انڊر پاس منصوبي جي پيڙهه جو پٿر رکي ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪشمير چوڪ انڊر پاس منصوبي جي پيڙهه جو پٿر رکي ڇڏيو آهي اهو منصوبو هڪ ارب 45 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان هڪ مهيني ۾ مڪمل ٿيندو بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

سمورين ڌرين تڪرار ختم ڪن ۽ ساموندي اڇ وچ جي حقن ۽ آزادين کي مڪمل بحال ڪن: گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل

ڀارت پاڻي کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ بند ڪري ۽ سنڌ طاس معاهدي تحت پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري: پاڪستان

اسحاق ڊار ۽ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس وچ ۾ ملاقات ۾ فلسطين، والاريل ڪشمير افغانستان سميت علائقائي امن ۽ سلامتي، دهشتگردي جي خاتمي ۽ گهڻ رخي نظام جي مستقبل بابت ڳالهيون

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش جي پاڪستان جي دوري جي آجيان ڪريون ٿا، سندس دورو پاڪستان ۽ گڏيل قومن جي وچ ۾ ڀائپي ۽ ريجهي تعاون جو مظهر آهي: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار

پاڪستان گهڻ رخي نظام ۽ گڏيل قومن جي منشور جو مضبوط حامي آهي ۽ عالمي امن ۽ سلامتي لاءِ ڪردار ادا ڪندا رهنداسين، گڏيل قومن کي عالمي تڪرارن ۽ بحرانن کي منهن ڏيڻ لاءِ مرڪزي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

اسان گڏيل قومن جي چارٽر کي برقرار رکڻ، ان تي عملدرآمد عالمي امن ۽ سلامتي ۽ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ تعاون ۽ عالمي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ گهڻ رخي نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ مسلسل ڪوششون ڪري رهيا آهيون

انتونيو گوتريس پاڪستان جو عظيم دوست آهي، 2022ع جي ٻوڏ دوران پاڪستان جي عوام سان سندس يڪجهتي ۽ بحالي ۽ نئين سر تعمير جي لاءِ عالمي امداد جي حوالي سان سندس تعاون کي ڪڏهن به نه وساريندا سين

پاڪستان ۾ دهشتگردي جي حملن لاءِ افغان سرزمين جي مسلسل استعمال جو معاملو اجاگر ڪيو آهي، اسان کي اميد آهي ته گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل ۽ عالمي برادري انهن چئلينجن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ مدد ڪندا

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل عالمي ادارن جي لاءِ پاڪستان جي پراڻي خدمتن سان گڏوگڏ ڳالهه ٻولهه، ثالثي ۽ چڪتاڻ ۾ گهٽتائي کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ پاڪستان جي سفارتي ڪوششن کي ساراهيو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته پاڪستان گهڻ رخي نظام ۽ گڏيل قومن جي منشور جو مضبوط حامي آهي عالمي امن ۽ سلامتي ۽ تڪرارن جي حل لاءِ ڪردار ادا ڪندا رهنداسين. گڏيل قومن کي عالمي تڪرارن ۽ بحرانن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ مرڪزي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. ڀارت پاڻي کي هٿيار جي طور تي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتيرس هلال امتياز اعزاز ماڻڻ بعد صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف سان گڏ اچي رهيو آهي

ڳالهين کي لانگ مارچ سان مشروط نه ڪيو وڃي: وزيراعظم جي آڇ تي بئريسٽر گوهر جو جواب

ڳالهين ۾ وقفو اچڻ ٺي نه گهرجي ها، ڌريون مسلسل ۽ باقاعدگي سان ويهن، ضرور ڪو حل نڪري ايندو

اڳ به اهو موقف اختيار ڪري چڪا آهيون ته اڄ نه ته سڀاڻي ڌريون ڳالهين جي ميز تي ويهي سگهن ٿيون

حڪومت ۽ مخالف ڌر کي پنهنجا خدشا ميز تي رکي، ڪيترن ئي گڏجاڻين ۾ تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ گهرجي ها

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي چيئرمين بئريسٽر گوهر وزيراعظم شهباز شريف طرفان ڳالهين جي نئين آڇ جو جواب ڏيندي چيو آهي ته ڳالهين جو سلسلو ٽٽڻ ٺي نه گهرجي ها، ڳالهين کي لانگ مارچ سان مشروط نه ڪيو وڃي. اڊيالا جيل ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي بئريسٽر گوهر بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري سان گهرو وزير جي ملاقات، ڪي پي ۾ گورنر راڄ يا ايمرجنسي سميت مختلف آپشنز تي غور

ملاقات دوران خيبرپختونخوا جي سياسي ۽ سيڪيورٽي صورتحال سميت اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

محسن نقوي ۽ ڪي پي جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي وچ ۾ ٿيڻ ملاقات دوران گورنر راڄ يا ايمرجنسي لڳائڻ تي آئيني ڪردار تي ڳالهيون ٿيون هيون

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي صدر آصف علي زرداري سان ايوان صدر ۾ ملاقات ٿي جنهن دوران خيبرپختونخوا جي سياسي ۽ سيڪيورٽي صورتحال سميت اهم معاملن بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي خلاف عوام ۽ سيڪيورٽي ادارا فولادي ديوار وانگر بيٺل آهن: صدر

صدر آصف علي زرداري پاران ڊيره اسماعيل خان ۾ دهشتگردي جي واقعن تي ڳڻتي جو اظهار

صدر مملڪت شهيد اهلڪارن جي گهرڀاتين سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ڊيره اسماعيل خان ۾ دهشتگردي جي واقعن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

آسٽريليا ۾ فوجي تربيتي جهاز ڪري تباهه، هڪ اهلڪار فوت، 5 زخمي

ڪينبرا (اي پي پي) آسٽريليا جي اتر علائقي ۾ فوجي تربيتي جهاز ڪري تباهه بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران سردي جي مُند لاءِ گئس لوڊ مئنيجمينٽ لاءِ قدمن جي هدايت

حڪمت عملي تي عملدرآمد بابت ڀرپور عوامي آگاهي مهم شروع ڪئي وڃي: وزيراعظم

موجوده علائقائي صورتحال ۾ گئس جي بنا رنڊڪ درآمد لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا وڃن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف گئس لوڊ مئنيجمينٽ جي حوالي سان جامع لائحه عمل جوڙڻ ۽ اڳواٽ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران ڊيرا اسماعيل خان ۾ دهشتگردي جي ٻن واقعن تي ڳڻتي جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڊيرا اسماعيل خان ۾ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو سان ملاقات بعد صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي ۽ منظور وسان گڏ بيٺل آهن

اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي، 5 دهشتگرد مارجي ويا، 2 زخمي

تصديق ٿيل ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي فورسز سندن ٺڪاڻن تي ڦوهلاڻا ۽ اڏاڻا حملا ڪيا

فورسز پاران اتر وزيرستان ۾ آسپاس ۾ خارجين جي ڳجهين پناهگاهن ۽ جو ۾ تي مسلسل نظر رکيل

راولپنڊي (اي پي پي) خيبر پختونخوا ۾ سيڪيورٽي فورسز وڏين عزم استحڪام تحت فتنه الخوارج خلاف انٽيليجنس بيسڊ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ٽرانسپورٽرن سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

سنڌ حڪومت ڪراچي لاءِ جامع رٿابندي تحت ڪم ڪري رهي آهي: شرجيل انعام ميمڻ

بنيادي ڍانچي، صنعتي ۽ تجارتي رابطن، پاڻي ۽ ڊرينيج سميت ٻين شهري سهولتن جي بهتري تي توجهه ڏني پئي وڃي

پورٽ قاسم کان ايئر پورٽ تائين لنڪ روڊ، ريڊ لائن ۽ يلو لائن سميت اهم منصوبن تي ڪم جاري آهي

هي منصوبو ڪراچي پورٽ کي ڪيوبر آباد ۽ شاهراهه ڀٽو ذريعي ايم نائن ۽ ٻين اهم رابطن سان ڳنڍڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت ڪراچي لاءِ جامع رٿابندي تحت ڪم ڪري رهي آهي بنيادي ڍانچي صنعتي ۽ تجارتي رابطن، پاڻي ۽ ڊرينيج سميت ٻين شهري سهولتن جي بهتري تي توجهه ڏني پئي وڃي پورٽ قاسم کان ايئر بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي ۽ يو اين ڊي پي، ايف سي ڊي او ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

نيشنل گورننس پروگرام جي وفد جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه سان ملاقات

موسمياتي تبديلي، صنفي معاملن ۽ گورننس بابت قائمه ڪميٽين سان سهڪار وڌائڻ ۾ دلچسپي

اويس قادر شاهه پاران قائمه ڪميٽين کي مضبوط بڻائڻ ۽ پارلياماني نگراني مؤثر ڪرڻ تي زور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيشنل گورننس پروگرام (اين جي پي) سان لاڳاپيل يو اين ڊي پي ۽ ايف سي ڊي او جي وفد سنڌ بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: اسپيڪر اويس قادر شاهه ملائيشيا جي قونصل جنرل کي شيلڊ ڏيندي

ملائيشيا جي قونصل جنرل محمد يونس بن ابراهيم جي سيد اويس قادر شاهه سان ملاقات

ملائيشيا ۽ سنڌ وچ ۾ پارلياماني، معاشي ۽ سياحتي سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

سياحت، ورڪر، لائيو اسٽاڪ ايڪسپو ۽ عوامي رابطن کي هٿي ڏيڻ تي خيالن جي ڏي وٺ

پاڪستان ۽ ملائيشيا جي پارليامينٽن وچ ۾ پارلياماني فرينڊشپ گروپس قائم ڪرڻ جي تجويز

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) ملائيشيا جي قونصل جنرل ڪراچي محمد يونس بن ابراهيم سنڌ اسيمبلي ۾ اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه سان سنڌ اسيمبلي آفيس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران پاڪستان ۽ ملائيشيا جي ٻطرفن لاڳاپن، پارلياماني سهڪار، واپار، سيڙپڪاري، سياحت ۽ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ترقياتي منصوبن تي ڪم جاري آهي:ميئر ڪراچي

سولجر بازار ڏگهي عرصي کان تجاوزات ۽ لاپرواهي سبب سخت متاثر ٿي چڪو هو

شهري علائقن جي بهتري، بنيادي سهولتن ۽ تاريخي هنڌن جي بحالي لاءِ قدم جاري رکيا ويندا

سولجر بازار جي بحالي سان علائقي جي رهواسين، دڪاندارن ۽ شهرين کي بهتر ماحول فراهم ٿيڻ جي اميد آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ڪراچي جي تاريخي سولجر بازار جي بحالي ۽ خوبصورتيءَ جو ڪم ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) پاران جاري بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سي پي اين اي ۽ اطلاعات واري وزير ۾ ملاقات، اخبارن جي رهتن جي ادائيگي معاملن تي ڳالهيون

ملاقات دوران اي بي سي پريس رجسٽريشن ۽ اخبارن کي رهتن جي ادائيگي سان لاڳاپيل مسئلن تي بحث

التوا هيٺ معاملن ۽ رهتن جي مسئلن جي حل لاءِ عمل شروع ڪيو ويو آهي، لاڳاپيل سرڪاري کاتن کي خط موڪليا پيا وڃن:عطا تارڙ

لاڳاپيل ادارن کان رهتن جا تفصيل طلب ڪيا پيا وڃن، جيڪي وصول ٿيڻ کانپوءِ معاملي تي وڌيڪ ڪارروائي ڪئي ويندي

اسلام آباد (پ ر) ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز (سي پي اين اي) جي مان ۾ گذريل ڏينهن اطلاعات واري وفاقي وزير عطا تارڙ پاران مانجهاندو ڏنو ويو جنهن دوران اخباري صنعت کي درپيش اهم بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ 2 لک شاگرد STREAM سرگرمين ۾ شامل ٿيندا، 45 هزار سائنسي منصوبن جو هدف مقرر

شاگردن کي صرف حصو بڻائڻ بدران انهن جي خيالن کي بهتر بڻائڻ ۽ عملي حل پيش ڪرڻ لاءِ مناسب رهنمائي فراهم ڪئي وڃي: سردار شاهه

اسڪول، ضلعي ۽ ڊويزنل مرحلن کانپوءِ جنوري 2027ع ۾ ڪراچي ۾ صوبائي گرانڊ فائنل ٿيندو جنهن ۾ ڊويزنن جا چونڊيل شاگرد شرڪت ڪندا

موسمياتي تبديلي، مصنوعي ذهانت، روبوٽڪس، آرٽ ۽ سائنس سميت پنج شعبا مقرر، شاگردن کي تحقيق، تجربن ۽ عملي حلن لاءِ رهنمائي فراهم ڪرڻ تي زور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير تعليم سنڌ سيد سردار علي شاهه جي صدارت هيٺ سنڌ ۾ STREAM Education بابت بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سي پي اين اي جي عهديدارن جو سڏ سماءُ واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ ۽ پي آءِ او سان گڏ ورتل گروپ فوٽو

بلاول ڀٽو جي هدايت تي آزاد ڪشمير ۾ پ پ جي تنظيم نو لاءِ 4 رڪني ڪميٽي قائم

سيد نير حسين بخاري، همايون خان، نذير افضل چن ۽ عاجز ڌامراهه تنظيم نو ڪميٽي ۾ شامل

ڪميٽي آزاد ڪشمير جي سمورن ضلعن جو دورو ڪري ڪارڪنن سان ملاقاتون ۽ سندن راءِ ۽ تجويزون حاصل ڪندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري آزاد ڪشمير ۾ پارٽي جي تنظيم نو جو عمل شروع ڪري بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

صدر پاران اڳوڻي رياست خيرپور جي آخري حڪمران مير علي مراد خان ٽالپر جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

منشيات مافيا خلاف سخت ۽ اثرائتيون ڪارروايون جاري رکيون وڃن:آءِ جي سنڌ

ضلعي ۾ شاهين فورس جي نفري ۽ پيٽرولنگ ۾ غيرمعمولي واڌ ڪئي وڃي

ڏوهن ۾ ملوث مختلف گروهن ۽ انهن جي نيٽ ورڪ جو پڻ پتو لڳايو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ سينٽرل پوليس آفيس ۾ ڪراچي جي مجموعي امن امان ۽ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي صلاحڪار راڻا ثناءُ الله جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

سنڌ جي معاشي ۽ صنعتي ترقي لاءِ ٽاسڪ فورس جو اجلاس

صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو جي صدارت هيٺ پهريون اجلاس ٿي گذريو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير صنعت ۽ تجارت جام اڪرام الله ڌاريجو جي صدارت هيٺ معيشت، ماليات ۽ صنعت بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اعظمٰ نذير تارڙ سان برطانوي وزير اسٽيفن ڊائي جي ملاقات، سنڌ طاس معاهدي سميت مختلف مامرن تي ڳالهيون

ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن، انساني حقن، عورتن ۽ ٻارن جي تحفظ، انساني اسمگلنگ تي پڻ ڳالهايو ويو

پاڪستان هڪ زرعي ملڪ آهي ۽ ان جي وڏي آبادي زراعت سان وابسته آهي، پنجاب ملڪ جو غذائي مرڪز آهي:اعظمٰ نذير تارڙ

ٻارن جي شادين کي روڪڻ لاءِ اهم قانون سازي ڪئي وئي آهي ۽ شادي جي عمر 18 سال مقرر ڪئي وئي آهي: وزير اطلاعات

اسلام آباد (اي پي پي) قانون انصاف ۽ انساني حقن واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ سان برطانيه جي وچ اوڀر ۽ اتر آمريڪا، افغانستان ۽ پاڪستان بابت مملڪتي وزير اسٽيفن ڊائوٽي (Stephen بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ورلڊ بئنڪ ۽ پي ڊي ايم اي جو اجلاس، سنڌ ۾ قدرتي ۽ صنعتي آفتن جي خطرن جي نئين سر جائزي جي تجويز

سنڌ جا مختلف علائقا مختلف نوعيت جي قدرتي ۽ ٻين آفتن جي خطرن کي منهن ڏئي رهيا آهن: سلمان شاهه

نئين اسيسمينٽ ۾ سمنڊ جي سطح ۾ واڌ، ڪاري پاڻيءَ جي چاڙهه ۽ شهري ٻوڏ جهڙن اڀرندڙ خطرن کي به شامل ڪيو وڃي

بدين ۾ هيومينيٽيرين رسپانس فئسلٽي قائم ڪرڻ، ڪراچي، ڄامشورو ۽ سکر جي مرڪزن جي صلاحيت وڌائڻ ۽ صحرائي علائقن تي خاص ڌيان ڏيڻ جو فيصلو

ورلڊ بئنڪ جي وفد ثقافتي ۽ تاريخي ورثي وارن ماڳن جيڪي تيز برساتن، پاڻي بيهڻ ۽ ٻين آفتن کان متاثر ٿي سگهن ٿا جي تحفظ جي اهميت تي زور ڏنو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ورلڊ بئنڪ جي وفد پاران سنڌ فلڊ ريزيلينس پروجيڪٽ لاءِ جاري مشن جي سلسلي ۾ صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (PDMA) سنڌ جي ڊائريڪٽر جنرل سيد سلمان شاهه سان اهم بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو امن امان بابت گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

بقايا | 1 | روزاني عبرت

استعمال ڪرڻ ڪان پاسو ڪري ۽ سنڌ طاس معاهدي تحت پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري جڏهن ته گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ تڪرار دوران ڳالهه ٻولهه جي لاءِ ثالث جي طور تي ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ تي پاڪستان جي قيادت کي ساراهيندي ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته سمورين ڌريون تڪرار ختم ڪن سفارتڪاري طرف واپس اچن ۽ عالمي قانون موجب ساموندي اچ وڃ جي حقن ۽ آزادين کي مڪمل بحال ڪن اهڙن خيالن جو اظهار هنن آڱاري ڏينهن هتي گڏيل پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو محمد اسحاق ڊار چيو ته گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش جي پاڪستان جي دوري جي آجيان ڪريون ٿا، سندس دورو پاڪستان ۽ گڏيل قومن جي وچ ۾ پراڻي ۽ ويجهي تعاون جو مظهر آهي ان سان گهڻ رخي نظام جي لاءِ اسان جي گڏيل عزم ۽ عالمي چئلينجن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ گڏيل تعاون جي پڻ عڪاسي ٿئي ٿي پاڪستان جي گڏيل قومن سان ڪم ڪرڻ جي هڪ ڊگهي تاريخ آهي ۽ پاڪستان گهڻ رخي نظام جو مضبوط حامي آهي هن چيو ته اسان گڏيل قومن جي چارٽر کي برقرار رکڻ ان تي عملدرآمد، عالمي امن ۽ سلامتي ۽ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ تعاون ۽ عالمي چئلينجن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ گهڻ رخي نظام کي مضبوط بڻائڻ جي لاءِ مسلسل ڪوششون ڪري رهيا آهيون گڏيل قومن سان پراڻو ۽ ويجهو تعاون مضبوط بڻائڻ جي لاءِ پرعزم آهيون اسحاق ڊار چيو ته اسان گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي قيادت ۽ گهڻ رخي نظام عالمي قانون ڳالهه ٻولهه ۽ تڪرارن جي پرامن حل جي لاءِ انهي اصولي عزم کي ساراهيون ٿا هو پاڪستان جو عظيم دوست آهي، اسان 2022ع جي تباهي آڻيندڙ ٻوڏ دوران پاڪستان جي عوام سان سندس يڪجهتي ۽ بحالي ۽ نئين سر تعمير جي لاءِ عالمي امداد جي حوالي سان سندس تعاون کي ڪڏهن به نه وساريندا سين هن چيو ته گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل سان پاڪستان ۽ گڏيل قومن جي تعاون موجوده عالمي چئلينجن ۽ عالمي ۽ علائقائي معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي آهي جن ۾ عالمي ۽ علائقائي سيڪيورٽي صورتحال، اوله ايشيا، وچ اوڀر ۽ فلسطين، ڏکڻ ايشيا، جمون ۽ ڪشمير افغانستان، دهشتگردي، امن مشنز جي مستقبل عالمي ترقي، موسمياتي تبديلي ۽ گهڻ رخي نظام جو مستقبل شامل آهي هن چيو ته پاڪستان هن وقت سلامتي ڪائونسل جو چونڊيل ميمبر آهي، پاڪستان خاص طور تي ڳالهه ٻولهه، سفارتڪاري، تڪرارن جي پرامن حل ۽ عالمي امن ۽ سلامتي جي لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي هن چيو ته سلامتي ڪائونسل جي قرارداد 2788 ڳالهه ٻولهه، ثالثي ۽ تڪرارن جي پرامن حل جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿي، اسان قرارداد تي عملدرآمد جي لاءِ سيڪريٽري جنرل جي ڪوشش کي ساراهيون ٿا، گڏيل قومن کي عالمي تڪرارن ۽ بحرانن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ مرڪزي ادا ڪرڻ گهرجي ۽ سفارتڪاري کي ڪامياب ٿيڻ جو هر ممڪن موقعو ڏيڻ گهرجي. اسان ان سلسلي ۾ پاڪستان جي ڪوششن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي آهي. پاڪستان نار خطي ۾ ڳالهه ٻولهه ۽ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جي لاءِ فعال ۽ تعميري ڪردار ادا ڪيو آهي، ٽڪراءُ بدران تعاون تڪرار بدران ڳالهه ٻولهه ۽ طاقت جي استعمال بدران پرامن حل کي فروغ ڏنو آهي اسان پاڪستان جي ثالثي ڪوششن ۽ سفارتي ڪردار جي لاءِ سيڪريٽري جنرل جي حمايت کي ساراهيون ٿا، پاڪستان گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي يو اين 80 قدم جي حمايت ڪري ٿو اسرندڙ ملڪن جون ترجيحون ۽ خدشا گڏيل قومن جي ايجنڊا ۾ مرڪزي حيثيت رکن ٿا، اسان ان ڳالهه تي يقين رکون ٿا ته گڏيل قومن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ ڪوششون وڌايون وينديون پاڪستان گڏيل قومن جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ميمبر ملڪن سان گڏجي ڪوشش ڪندو رهندو هن چيو ته اسان جمون ۽ ڪشمير تڪرار ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن موجب ان تڪرار جي حل لاءِ گڏيل قومن جي مسلسل موقف کي ساراهيون ٿا. اسحاق ڊار چيو ته هن گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل کي ڀارت پاران سنڌ طاس معاهدي کي هڪطرفي طور تي معطل رکڻ جي معاملي کان به آگاهه ڪيو آهي جيڪو عالمي قانون جي کليل خلاف ورزي آهي اسان ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ تي زور ڀريو آهي ته ڀارت پاڻي کي هٿيار جي طور تي استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪري ۽ سنڌ طاس معاهدي موجب پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير چيو ته هن پاڪستان ۾ دهشتگردي جي حملن جي لاءِ افغان سرزمين جي مسلسل استعمال جو معاملو پڻ اجاگر ڪيو آهي، مون کي اميد آهي ته گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل ۽ عالمي برادري انهن چئلينجن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ مدد ڪندا. پاڪستان گڏيل قومن جي منشور مقصدن ۽ اصولن جي فروغ جي لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکندو گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش چيو ته گڏيل قومون پاڪستان کي يڪجهتي ۽ حل جو ذريعو سمجهي ٿي پاڪستان مشڪل حالتن ۾ به همدرديءَ ۽ ذميواري جو مظاهرو ڪيو آهي. پاڪستان لکين افغان پناهگيرن جي ميزباني ڪئي، ڏهاڪن تائين تڪرارن کان متاثر لکين افغانين جي لاءِ دروازا کليل رکيا، گڏيل قومون افغانين جي رضاڪارانه، باوقار ۽ محفوظ واپسي جي حمايت ڪري ٿي پاڪستان عالمي سطح تي مباحثن ۾ پنهنجو اهم ۽ ضروري موقف پيش ڪري ٿو هن چيو ته آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه جي لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ تي پاڪستان جي قيادت کي سلام پيش ڪريان ٿو ان سلسلي ۾ پاڪستان جون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن ۽ انهن ئي ڪوششن جي نتيجي ۾ 17 جون تي اسلام آباد مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ٿيون جنگبندي ٿي ۽ مستقبل ۾ ڳالهه ٻولهه جي لاءِ فريم ورڪ تيار ڪيو ويو هر پاڪستاني کي ان اهم ڪردار تي فخر هجڻ گهرجي هن چيو ته سمورين ڌريون تڪرار ختم ڪن سفارتڪاري طرف واپس اچن ۽ عالمي قانون موجب ساموندي اچ وڃ جي حقن ۽ آزادين کي مڪمل بحال ڪن هن چيو ته فلسطيني عوام کي خودمختياري جو حق ڏيڻ ڪانسواءِ خطي ۾ پائيدار امن قائم نه ٿو ٿي سگهي ان خطي ۾ به امن ۽ سلامتي ڳالهه ٻولهه ۽ تعاون سان ئي ممڪن آهي، پاڪستان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ ٻن سالن ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ گهڻ رخي نظام کي مضبوط بڻائڻ ڳالهه ٻولهه ۽ ثالثي جي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي پاڪستان گڏيل قومن جي امن دستن ۾ ڊگهي عرصي کان نمايان ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ۽ پاڪستان جي بهادر اهلڪارن دنيا ۾ امن جي لاءِ پنهنجي جانين جا نذرانا پڻ پيش ڪيا آهن اسان انهن جي قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا، گڏيل قومن جي قرارداد 2823 جي تياري جي لاءِ پاڪستان ۽ ڊينمارڪ جو قابل ڪردار آهي هن چيو ته 156 ملڪن قرارداد جي سرپرستي ڪئي جيڪا سلامتي ڪائونسل جي تاريخ ۾ انگ ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي هن چيو ته پاڪستان دهشتگردي جي ڪري وڏو جاني نقصان برداشت ڪيو آهي. گڏيل قومون پاڪستان سان گڏ بيٺل آهي، 2022ع ۾ پاڪستان کي ٻوڏ کان شديد نقصان ٿيو اهڙي تباهي ان کان اڳ ۾ مون ڪڏهن نه ڏٺي پر پاڪستان جي عوام صورتحال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ ڀرپور يڪجهتي ۽ عزم جو مظاهرو ڪيو عالمي سطح تي ڪاربن گئسن جي اخراج ۾ معمولي حصو هجڻ جي باوجود پاڪستان موسمياتي تبديلين کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ملڪن ۾ شامل آهي ان کان اڳ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ فلسطين، جمون ۽ ڪشمير افغانستان سميت علائقائي ۽ عالمي امن ۽ سلامتي بابت معاملن دهشتگردي جي خاتمي ۽ گهڻ رخي نظام جي مستقبل بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب پرڏيهي وزارت ۾ ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل کي جمون ۽ ڪشمير ۽ سنڌ طاس معاهدي جي حوالي سان پاڪستان جي موقف کان آگاهه ڪيو ۽ سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن موجب جمون ۽ ڪشمير تڪرار جي منصفاڻي ۽ پرامن حل جي لاءِ پاڪستان جي مطالبي جو ورجاءُ ڪيو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ڳالهه ٻولهه ۽ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جي لاءِ پاڪستان جي سفارتي ڪوشش کي اجاگر ڪيو جن ۾ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ اسلام آباد ڳالهه ٻولهه ۾ پاڪستان جي سهولتڪاري به شامل آهي هن تڪرارن جي حل لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري کي موثر ترين ذريعو قرار ڏيندي ان حوالي سان پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل عالمي اداري جي لاءِ پاڪستان جي پراڻي خدمتن سان گڏوگڏ ڳالهه ٻولهه، ثالثي ۽ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جي فروغ جي لاءِ پاڪستان جي سفارتي ڪوشش کي ساراهيو.

بقايا | 2 | روزاني عبرت

چيو ته اڳ به اهو موقف اختيار ڪري چڪا آهيون ته اڄ نه ته سڀاڻي ڌريون ڳالهين جي ميز تي ويهي سگهن ٿيون ۽ ڪنهن حل تائين پهچڻ تائين ڳالهين جو سلسلو جاري رهڻ گهرجي هن چيو ته ڳالهين ۾ وقفو اچڻ ئي نه گهرجي ها، ڌريون مسلسل ۽ باقاعدگي سان ويهن ضرور ڪو نه ڪو حل نڪري ايندو واضح رهي ته پي ٽي آءِ ۽ حڪومت وچ ۾ جمعي ۽ ڇنڇر تي ڳالهين جا ٻه دور ٿيا، جيڪي ناڪام ٿيڻ ڪانپوءِ تحريڪ انصاف خيبرپختونخوا جي ضلعي لڪي مروت مان لانگ مارچ شروع ڪيو وزيراعظم شهباز شريف چيو هو ته جيڪڏهن پاڪستان تحريڪ انصاف لانگ مارچ ۽ ڌرڻو ختم ڪري ته حڪومت ويهي ڳالهين لاءِ تيار آهي ان تي رد عمل ڏيندي بئريسٽر گوهر چيو ته ڳالهين کي لانگ مارچ سان مشروط نه ڪيو وڃي هن ان دعويٰ کي به رد ڪري ڇڏيو ته ڳالهين جي ناڪامي جي ذميواري خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي تي لاڳو ٿئي ٿي بئريسٽر گوهر موجب، تحريڪ انصاف اڳ ئي واضح ڪري چڪي هئي هو رڳو فوٽو سيشن لاءِ ڳالهين ۾ شرڪت نه ڪندي، پر سنجيدا ۽ نتيجا ڏيندڙ ڳالهين جي خواهشمند آهي هن چيو ته حڪومت ۽ مخالف ڌر کي پنهنجا خدشا ميز تي رکي ڪيترن ئي ڳالهين ۾ انهن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ گهرجي ها بئريسٽر گوهر جو چوڻ هو ته تحريڪ انصاف بنا ڪنهن اڳواٽ شرط جي حڪومت سان ڳالهين واري عمل ۾ شامل ٿي، پر حڪومت سنجيدگي ۽ وڏي دلي وارو رويو نه ڏيکاريو جيڪو هن عمل لاءِ ضروري هو.

بقايا | 3 | روزاني عبرت

تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات دوران محسن نقوي صدر آصف زرداري کي خيبرپختونخوا جي صورتحال ۽ گورنر ڪي پي فيصل ڪريم ڪنڊي سان ٿيل ملاقات بابت آگاهي ڏني. ملاقات ۾ ڪي پي ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ سميت مختلف آئيني آپشنز تي به غور ويچار ڪيو ويو واضح رهي ته ان کان اڳ محسن نقوي ۽ ڪي پي جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي وچ ۾ ملاقات دوران به گورنر راڄ يا ايمرجنسي جي صورت ۾ گورنر هائوس پاران آئيني ڪردار ادا ڪرڻ بابت ڳالهه ٻولهه ٿي هئي.

بقايا | 4 | روزاني عبرت

ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ اهلڪار فوت ۽ 5 زخمي ٿي پيا جن مان ٻن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي پرڏيهي ميڊيا آسٽريلوي دفاع واري کاتي جي حوالي سان ٻڌايو ته اهو حادثو اترئين علائقي جي ڳادي واري هنڌ ڊارون کان اٽڪل 115 ڪلوميٽر ڏکڻ اوڀر ۾ واقع مائونٽ بنڊي ٽريننگ ايريا ۾ پيش آيو جنهن ۾ هڪ فوجي فوت ۽ 5 زخمي ٿي پيا جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، ٻن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي دفاع کاتي حادثي جي نوعيت يا سببن بابت تفصيل فراهم نه ڪيا.

بقايا | 5 | روزاني عبرت

دهشتگرد جي تازن واقعن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چمن ڪسٽم ۽ هڪ ٽريفڪ اهلڪار جي شهادت تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي آڱاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم چيو ته ڊيرا اسماعيل خان ۾ دهشتگردي جا تازا واقعا ڳڻتي جوڳا آهن. وزيراعظم دهشتگردن جي فائرنگ ۾ چمن ڪسٽم اهلڪارن ۽ هڪ ٽريفڪ اهلڪار جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ اسان سوڳوار خاندان سان گڏ بيٺل آهيون دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين دهشتگرد عنصرن خلاف قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جون ڪارروايون ڀرپور انداز ۾ جاري رهنديون

بقايا | 6 | روزاني عبرت

نائن تائين لنڪ روڊ، ريڊ لائين ۽ يلو لائين سميت اهم منصوبن تي ڪم جاري آهي هڪ بيان ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي پورٽ کان قيوم آباد تائين ايليويٽيڊ ايڪسپريس وي جهڙا منصوبا پورٽ ۽ صنعتي علائقن کي اهم شاهراهن سان ڳنڍڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا. ڪراچي پورٽ کان قيوم آباد ڪوريڊور جو مقصد اثرائتو رابطو قائم ڪرڻ شهري رستن تي هيوي ٽريفڪ جي دٻاءُ کي گهٽ ڪرڻ ۽ معاشي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ آهي هي منصوبو ڪراچي پورٽ کي قيوم آباد ۽ شاهراهه ڀٽو ذريعي ايم نائين ۽ ٻين اهم رابطن سان ڳنڍيندو ۽ مددگار ثابت ٿيندو هن چيو ته سنڌ حڪومت جو ويزن جديد ڪراچي جي جوڙجڪ ۽ شهري سهولتن کي هڪ مربوط نظام تحت ترقي ڏيڻ آهي ڪراچي صرف سنڌ ئي نه پر سڄي پاڪستان جو معاشي مرڪز آهي ان ڪري شهر جي بنيادي ڍانچي ۾ سيڙپڪاري دراصل ملڪ جي معاشي ترقي ۾ سيڙپڪاري آهي.

بقايا | 7 | روزاني عبرت

عوامي رابطن کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي ملائيشين قونصل جنرل جي آجيان ڪندي سنڌ اسيمبلي جي ميزباني هيٺ منعقد ٿيل سٽين سي پي اي ايشيا ريجنل ڪانفرنس ۽ ٻي گڏيل سي پي اي ايشيا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا ريجنل ڪانفرنس دوران سندس اڳوڻي قونصل جنرل سان ٿيل ملاقات جو ذڪر ڪيو هن چيو ته ٻنهي ڌرين وچ ۾ مسلسل رابطو رهيو آهي جڏهن ته ڪيپ ٽائون ۾ منعقد ٿيل 69هين ڪامن ويلٿ پارلياماني ڪانفرنس دوران ملائيشيا جي پارليامينٽ جي اسپيڪر سان پڻ سندس ملاقات ٿي ان موقعي تي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سان گڏ سنڌ اسيمبلي جو سيڪريٽري جي ايم عمر فاروق ۽ ڊائريڪٽر جنرل ميڊيا عرفان احمد ميمڻ پڻ موجود هئا ملائيشين قونصل جنرل ٻڌايو ته پاڪستان ۾ مقرري سندس پهرين پوسٽنگ ۽ ٽين پرڏيهي مقرري آهي هو تقريبن هڪ مهينو اڳ پاڪستان پهتو آهي هن پاڪستان کي انتهائي متحرڪ ملڪ قرار ڏيندي پاڪستاني عوام جي مهمان نوازي، گرمجوشي ۽ جذبي کي ساراهيو اسپيڪر قونصل جنرل کي سنڌ جي مختلف علائقن خاص طور تي سکر جو دورو ڪرڻ جي دعوت ڏني هن سکر جي تاريخي ۽ جاگرافيائي اهميت، سنڌ کي ٻين صوبن سان ملائڻ ۾ ان جي ڪردار ايئرپورٽ، ريلوي، روڊن جي نيٽ ورڪ ۽ صنعتي بنياد تي روشني وڌي هن سنڌ جي مختلف ضلعن جي آبادي، جاگرافيائي ۽ معاشي خصوصيتن ۽ صوبي ۾ ريگستاني علائقن زرخيز زرعي زمينن ۽ صنعتي زونن جي منفرد امتزاج بابت پڻ آگاهي ڏني سيد اويس قادر شاهه چيو ته سکر سميت سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ملائيشيا سان معاشي سهڪار واپار ۽ سيڙپڪاري جا وسيع موقعا موجود آهن هن ملائيشين قونصل خاني کي سکر ۽ حيدرآباد سميت وڏن شهرن ۾ ڪاروباري موقعن جو جائزو وٺڻ ۽ لاڳاپيل چيمبرز آف ڪامرس سان رابطن کي وڌائڻ جي تجويز ڏني ملائيشين قونصل جنرل ٻڌايو ته پاڪستان ۽ ملائيشيا وچ ۾ معاشي سهڪار کي هٿي ڏيڻ سندس اهم ترجيحن ۾ شامل آهي هن تازو ڪورنگي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري (ڪاٽي) ۾ ڪاروباري برادري سان ٿيل ملاقات جو حوالو ڏيندي چيو ته ملائيشيا جو معاشي دوري عالمي سطح تي معاشي سرگرمين کي وڌائڻ ۽ ڪاروبار ۽ سيڙپڪاري جا قابل عمل موقعا ڳولڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي ملاقات دوران سياحت جي فروغ تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اسپيڪر پنهنجي تقريبن 13 کان 14 سال اڳ ڪيل ملائيشيا جي دوري جو ذڪر ڪندي ملڪ جي مختلف علائقن جي سفر کي ساراهيو ٻنهي ڌرين پاڪستان ۽ ملائيشيا وچ ۾ سياحتي رابطن کي وڌائڻ جي امڪانن جو جائزو ورتو اسپيڪر سنڌ حڪومت جي مختلف قدمن خاص طور تي ورلڊ لائيو اسٽاڪ ايڪسپو بابت پڻ قونصل جنرل کي آگاهه ڪيو ۽ لاڳاپيل ملائيشين ڪاروباري ادارن ۽ لائيو اسٽاڪ هولڊرز کي اهڙن پروگرامن ۾ شرڪت جي دعوت ڏني قونصل جنرل ايڪسپو ۾ دلچسپي جو اظهار ڪيو جڏهن ته اسپيڪر ايندڙ ايڪسپو ۾ ڪيس سندس ٽيم کي شرڪت جي دعوت ڏيڻ جي خاطري ڪرائي پارلياماني رابطن حوالي سان اسپيڪر سنڌ اسيمبلي، ملائيشيا ۽ سنڌ اسيمبلي جي پارليامينٽ وچ ۾ پارلياماني فرينڊشپ گروپن جي قيام جي تجويز پيش ڪئي هن ٻڌايو ته اها تجويز ملائيشين قونصل جنرل جي اڳوڻي قونصل جنرل سان ٿيل ملاقات دوران پڻ ڏني وئي هئي ملائيشين قونصل جنرل ملائيشيا جي رياست سيلانگور جي معاشي اهميت، ملڪ جي مجموعي قومي پيداوار ۾ ان جي نمايان ڪردار ۽ اهم معاشي ۽ بندرگاهي مرڪز جي حيثيت بابت بريفنگ ڏني هن ملائيشيا جي منفرد آئيني بادشاهتي نظام ۽ ڪجهه رياستن ۾ موروثي سلطانن جي نظام بابت پڻ آگاهه ڪيو ٻنهي ڌرين پاڪستان ۽ ملائيشيا جي پارلياماني نظام پارليامينٽ ۽ انهن جي ڪارروائي بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي قونصل جنرل پاڪستان ۾ ڪم ڪندڙ ملائيشين ڪمپنين ۽ انهن جي سرگرمين کي وڌيڪ وسعت ڏيڻ جي عزم کان پڻ آگاهه ڪيو اسپيڪر سنڌ اسيمبلي چيو ته سنڌ اسيمبلي ٻنهي ملڪن وچ ۾ مضبوط رابطن جي واڌاري لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکندي هن ملائيشين قونصل جنرل کي سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ شرڪت ۽ ڪراچي سميت سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ٿيندڙ ايندڙ تقريبن ۾ شرڪت جي دعوت پڻ ڏني ملائيشين قونصل جنرل اسپيڪر جي قيمتي وقت ۽ مهمان نوازي تي شڪريو ادا ڪندي پارلياماني معاشي ۽ عوامي سطح تي پاڪستان ۽ ملائيشيا جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ملاقات جي پڄاڻي تي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه ملائيشين قونصل جنرل کي سنڌ اسيمبلي جي يادگاري شيلڊ، سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ تحفي طور پيش ڪيا.

بقايا | 8 | روزاني عبرت

مسئلن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات دوران اي بي سي (Audit Bureau of Circulation)، پريس رجسٽريشن ۽ اخبارن کي رهيل ادائيگي سان لاڳاپيل مسئلا بحث هيٺ آيا. تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪانپوءِ اطلاعات واري وزير يقين ڏياريو ته اي بي سي جي معاملي تي ڪم جاري آهي ۽ جلد سمورن لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز کي ان حوالي سان مسودو فراهم ڪيو ويندو جنهن تي سندن تجويزن ۽ مشاورت ڪانپوءِ وڌيڪ اڳڀرائي ڪئي ويندي اخبارن جي رهيل ادائيگي بابت اطلاعات واري وزير يقين ڏياريو ته ان شاءَ الله تازو ڏينهن ۾ وصول ٿيندڙ ادائيگي ۾ پرنٽ ميڊيا جو حصو وڌايو ويو آهي ۽ ان رقم جي ادائيگي جو عمل جلد شروع ڪيو ويندو هن وڌيڪ ٻڌايو ته مستقبل ۾ وصول ٿيندڙ رقمن ۾ به پرنٽ ميڊيا جو حصو ايندڙ ٽه ماهي ۾ وڌيڪ وڌايو ويندو اطلاعات واري وزير يقين ڏياريو ته التوا هيٺ معاملن ۽ رهڻ جي مسئلن جي حل لاءِ عمل شروع ڪيو ويو آهي لاڳاپيل سرڪاري کاتن کي خط موڪليا پيا وڃن ته اهي اخبارن جي رهيل جا تفصيل فراهم ڪندي پنهنجا بقايا ڪليئر ڪن ان سلسلي ۾ لاڳاپيل ادارن کان رهيل جا تفصيل طلب ڪيا پيا وڃن جيڪي وصول ٿيڻ ڪانپوءِ معاملي تي وڌيڪ ڪارروائي ڪئي ويندي ان کان علاوه سي پي اين اي جي وفد اخبارن جي پراڻين رهيل جي ادائيگي ۽ اشتهارن جي اگهن ۾ واڌ بابت پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي جنهن تي اطلاعات واري وزير پاران مثبت اڳڀرائي جي خاطري ڪرائي وئي سي پي اين اي، اطلاعات واري وزير پاران اخباري صنعت جي مسئلن جي حل لاءِ ڏنل يقين ڏيارڻ ۽ کنيل قدمن جي آجيان ڪئي سي پي اين اي جي وفد ۾ سيڪريٽري جنرل غلام نبي چانڊيو، اڳوڻو سيڪريٽري جنرل اعجاز الحق، سينيئر نائب صدر اياز خان ڊپٽي سيڪريٽري جنرل تنوير شوڪت، فنانس سيڪريٽري عارف بلوچ، نائب صدر انور ساجدي، ميان حسن احمد ۽ شڪيل ترابي، جوائنٽ سيڪريٽريز طاهر فاروق ۽ يحيٰ سدوزئي جڏهن ته سينيئر ميمبرن ارشاد عارف ۽ سردار خان نيازي شامل هئا وفاقي وزير اطلاعات عطا تارڙ سان گڏ وفاقي سيڪريٽري اطلاعات اشفاق احمد خليل ۽ پي آءِ او محترمه رئيسه عادل پڻ موجود هيون

بقايا | 9 | روزاني عبرت

ڏوهن خلاف پوليس جي قدمن بابت اهم جائزو وارو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان، ايڊيشنل آءِ جي آپريشن ڊي آءِ جيز ايس ايس پي ايس آءِ يو ۽ ٻين سينيئر پوليس آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس دوران ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي پاران شهر ۾ امن امان جي صورتحال جڏهن ته زونل ڊي آءِ جيز ۽ ايس ايس پي ايس آءِ يو پاران پنهنجن لاڳاپيل علائقن ۽ يونٽس ۾ ڏوهن خلاف پوليس قدمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي آزاد خان ٻڌايو ته ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائم سميت ٻين ڏوهن خلاف پوليس جي هفتيوار ڪارڪردگي جو باقاعده جائزو ورتو وڃي ٿو جڏهن ته اسٽريٽ ڪرائم جي روڪٿام لاءِ پيٽرولنگ، پوليس نفري ۽ موٽرسائيڪلن ۾ پڻ واڌ ڪئي وئي آهي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو هدايت ڪئي ته تازين وارداتن ۾ ملوث جوابدارن جي سڃاڻپ سان گڏ ڏوهن ۾ ملوث مختلف گروهن ۽ انهن جي نيٽ ورڪ جو پڻ پتو لڳايو وڃي هن چيو ته هر ضلعي ۾ شاهين فورس جي نفري ۽ پيٽرولنگ ۾ غيرمعمولي واڌ ڪئي وڃي ۽ منشيات مافيا خلاف سنڌ حڪومت ۽ پوليس جي قدمن تحت سخت ۽ اثرائتيون ڪارروايون جاري رکيون وڃن اجلاس ۾ مفرور عادي ڏوهارين ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪارروائي تي پڻ غور ڪيو ويو ايس ايس پي ايس آءِ يو پاران شهر ۾ ڀتي خوري جي شڪايتن روڪٿام ۽ جوابدارن خلاف ڪيل ڪارروائي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي آءِ جي سنڌ چيو ته اسٽريٽ ڪرائم ۽ ڀتي خوري خلاف ڪارروائي کي وڌيڪ موثر بڻائي شهرين جو تحفظ هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي فيلڊ آفيسر ڏوهن جي خاتمي لاءِ مربوط حڪمت عملي، موثر نگراني ۽ انٽيليجنس بيسڊ ڪارروايون کي وڌيڪ تيز ڪن جاويد عالم اوڍو چيو ته شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ سنڌ پوليس جي پهرين ذميواري آهي ڏوهاري عنصرن خلاف بنا فرق ڪارروايون کي وڌيڪ موثر بڻايو وڃي ڏوهن جي روڪٿام لاءِ ٿاڻي بيٽ ۽ پيٽرولنگ سطح تي پوليس قدمن کي مضبوط بڻائڻ سان گڏ ڪراچي ۾ امن امان جي قيام ۽ شهرين جي تحفظ لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آندا وڃن

بقايا | 10 | روزاني عبرت

زرداري اڳوڻي رياست خيرپور جي آخري حڪمران مير علي مُراد خان ٽالپر جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. آڱاري ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر آصف علي زرداري مير علي مراد خان ٽالپر جي گهروارن سان دلي همدرديءَ ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي چيو ته مير علي مراد خان ٽالپر جي خيرپور ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت جي تحفظ جي لاءِ خدمتن کي سدائين ياد رکيو ويندو صدر الله تعاليٰ کان مير علي مراد خان ٽالپر جي درجن جي بلنديءَ ۽ گهروارن جي لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي

بقايا | 11 | روزاني عبرت

(Doughty) ملاقات ڪئي ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن، انساني حقن، عورتن ۽ ٻارن جي تحفظ، انساني اسمگلنگ، ٻارن جي شادين جي روڪٿام ۽ علائقائي امن ۽ سلامتي بابت معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي پاڪستان ۾ برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ ۽ برطانوي وفد جا ٻيا ميمبر پڻ ان موقعي تي موجود هئا انساني حقن واري وزارت پاران جاري ڪيل پريس رليز موجب ملاقات دوران وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدي جي معطلي جو معاملو خصوصي طور تي اٿاريو ۽ ان جي پاڪستان جي زراعت، غذائي تحفظ ۽ علائقائي امن ۽ سلامتي تي پوندڙ اثرن تي روشني وڌي وفاقي وزير چيو ته پاڪستان هڪ زرعي ملڪ آهي ۽ ان جي وڏي آبادي زراعت سان واڳيل آهي جڏهن ته پنجاب ملڪ جو غذائي مرڪز آهي هن چيو ته پاڻي جي وسيلن جو تحفظ پاڪستان جي معيشت، غذائي تحفظ ۽ عوامي زندگي سان سڌي ريت ڳنڍيل آهي هن چيو ته ڀارت پاران سنڌ طاس معاهدي جي معطلي معاهدي جي طئي ٿيل طريقيڪار کان مٿانهون قدم آهي ۽ پاڻي جي معاملن کي عالمي قانون ۽ موجوده معاهداتي فريم ورڪ تحت حل ڪرڻ گهرجي هن چيو ته پاڻي جو مسئلو خطي جي امن ۽ سلامتي لاءِ انتهائي اهميت وارو آهي برطانوي وزير اسٽيفن ڊاوٽي پاڻي سان لاڳاپيل مسئلن جي اهميت کي تسليم ڪندي چيو ته اهڙن معاملن ۾ تعاون ۽ رابطو ضروري آهي هن چيو ته پاڻي ۽ موسمياتي تبديلي جهڙا مسئلا زراعت، انساني سلامتي ۽ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي ڪوششن سان سڌو سنئون ڳنڍيل آهن ملاقات ۾ ٻارن جي جنسي استحصال، انساني اسمگلنگ ۽ جبري شادين سميت عورتن ۽ ٻارن کي استحصال کان محفوظ رکڻ لاءِ قدمن تي به تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي. وفاقي وزير ان حوالي سان پاڪستان پاران ڪيل قانوني ۽ انتظامي قدمن کان آگاهه ڪندي چيو ته ٻارن جي شادين کي روڪٿام لاءِ اهم قانون سازي ڪئي وئي آهي ۽ شادي جي عمر 18 سال مقرر ڪئي وئي آهي هن ٻڌايو ته شادين جي رجسٽريشن جي نظام کي قومي ڊيٽابيس سان ڳنڍڻ لاءِ پڻ ڪم جاري آهي جنهن جي ذريعي شادي جي رجسٽريشن وقت عمر جي تصديق کي موثر بڻائي سگهبو ۽ قانون جي ڀڃڪڙي جي صورت ۾ لاڳاپيل عملدار وقت سر ڪارروائي ڪري سگهندا. سينيٽر اعظم نذير تارڙ انساني اسمگلنگ ۽ لاڳاپيل ڏوهن جي روڪٿام لاءِ اميگريشن، ايئرپورٽ اسڪريننگ ۽ پري ويزا ڪليئرنس سروسز جي حوالي سان حڪومتي قدمن کان پڻ آگاهه ڪيو هن چيو ته ڏوهاري رڪارڊ ۽ لاڳاپيل معلومات تائين پهچ جي نظام کي مرڪزي ۽ خودڪار بڻائڻ جي ڪوشش جاري آهي ته جيئن گڏيل انتظام تحت لاڳاپيل ملڪن سان معلومات جي اثرائتي ۽ وقت سر مٽاسٽا کي ممڪن بڻائي سگهجي ٻنهي طرفن کان انساني حقن عورتن ۽ ٻارن جي تحفظ، انساني اسمگلنگ جي روڪٿام ۽ ٻين گڏيل دلچسپي جي معاملن تي تعاون ۽ رابطو جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو ويو.

بقايا | 12 | روزاني عبرت

اجلاس ڪيو ويو جنهن ۾ سڄي صوبي ۾ ڊزاسٽر رسڪ اسيسمينٽ، اڳواٽ تياري، رسپانس ۽ آفتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ مختلف قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اجلاس دوران ڊي جي پي ڊي ايم اي سنڌ سيد سلمان شاهه اداري جي ڪارڪردگي بابت وفد کي بريفنگ ڏيندي چيو ته سنڌ جا مختلف علائقا مختلف نوعيت جي قدرتي ۽ ٻين آفتن جي خطرن کي منهن ڏئي رهيا آهن تنهن ڪري خطرن جي جامع ۽ جديد بنيادن تي بهتر تشخيص ڪرڻ ضروري آهي هن چيو ته موجوده ملٽي هيزرڊ ولنريبلٽي اينڊ رسڪ اسيسمينٽ (MHVRA) ڪجهه سال اڳ ڪئي وئي هئي تنهن ڪري هاڻي تبديل ٿيندڙ نون خطرن کي نظر ۾ رکندي ان کي اپ گريڊ ۽ اپ ڊيٽ ڪرڻ جي ضرورت آهي هن چيو ته نئين اسيسمينٽ ۾ سمنڊ جي ڪاري پاڻيءَ جي چاڙهه ۽ شهري ٻوڏ جهڙن ايرنڊڙ خطرن کي پڻ شامل ڪيو وڃي جڏهن ته سنڌ جي سمورن ضلعن سان لاڳاپيل ڊيٽا سيٽ کي جديد گهرجن مطابق اپ گريڊ ڪيو وڃي ان سان قدرتي آفتن جي خطرن بابت اڳواٽ تياري، منصوبابندي ۽ سيڙپڪاري لاءِ ثبوتن تي ٻڌل بنياد وڌيڪ مضبوط ٿيندو اجلاس ۾ صنعتي علائقن سان لاڳاپيل خطرن جي جائزي تي پڻ غور ڪيو ويو جنهن ۾ باهه لڳڻ ڌماڪن زهريلي ۽ ڪيميائي گيسن يا مواد جي خارج ٿيڻ ۽ قدرتي آفتن جي نتيجي ۾ پيش ايندڙ صنعتي حادثن جي خطرن جو جائزو شامل هوندو تجويز ڪيل اسيسمينٽ تحت صنعتي خطرن جي ميپنگ، GISتي ٻڌل ڊيٽابيس ۽ علائقي جي ضرورتن مطابق رسڪ ۽ ڪرائسس پلان تيار ڪيا ويندا. ورلڊ بئنڪ جي وفد ثقافتي ۽ تاريخي ورثي وارن ماڳن جيڪي تيز برساتن، پاڻي بيهڻ ۽ ٻين آفتن کان متاثر ٿي سگهن ٿا جي تحفظ جي اهميت تي پڻ زور ڏنو. وفد چيو ته اهي ماڳ ملڪ جي اهم ثقافتي ورثي جو حصو آهن تنهن ڪري انهن کي پڻ ڊزاسٽر رسڪ ريڊڪشن ۽ ريزيلينس پلاننگ ۾ شامل ڪيو وڃي وفد سنڌ جي صحرائي علائقن تي پڻ خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏنو جتي مقامي آبادي مختلف نوعيت جي خطرن ۽ ڪمزورين کي منهن ڏئي رهي آهي وفد تجويز ڏني ته اپ گريڊ ڪيل MHVRA ۾ صحرائي علائقن جو خاص جائزو شامل ڪيو وڃي، جتي شديد گرمي پاڻي جي کوٽ خوراڪ ۽ روزگار جي عدم تحفظ، جهڙن پاڻي جي دستيابي ۽ هنگامي حالتن دوران بنيادي سهولتن تائين رسائي کي نظر ۾ رکيو وڃي. تجويز ڪيل منصوبي ۾ بدين جي ساحلي علائقن ۾ هيومينيٽيرين رسپانس فئسلٽي (HRF) قائم ڪرڻ جي تجويز پڻ شامل آهي جنهن جو مقصد سائيڪلون طوفاني لهرن ۽ ٻوڏن لاءِ اڳواٽ تياري کي مضبوط بڻائڻ ۽ ساحلي علائقن جي متاثر ٿيندڙ آبادي جي ويجهو امدادي سامان ۽ رسپانس اوزارن جي دستيابي کي يقيني بڻائڻ آهي ڪراچي جامشورو ۽ سکر ۾ موجود هيومينيٽيرين رسپانس فئسلٽيز جي صلاحيت وڌائڻ پي ڊي ايم اي هيڊ آفيس صوبائي ايمرجنسي آپريشنز سينٽر (EOC)، ضلعي ڊيزاسٽر رسڪ مينيجمينٽ يونٽس (DDRMUs) ۽ ضلعي ايمرجنسي آپريشنز سينٽرز لاءِ آفيس انفراسٽرڪچر جڏهن ته انٽيگريٽيڊ ڊسيزن سپورٽ سسٽم (IDSS) جي تياري تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا | 13 | روزاني عبرت

بابت ٽاسڪ فورس جو ٻيو اجلاس ٿيو اجلاس ۾ گذريل اجلاس جي فيصلن تي عملدرآمد ۽ اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو جڏهن ته منصوبن تي عملدرآمد بابت مسئلن ۽ چئلينجن تي پڻ غور ڪيو ويو اجلاس ۾ سيڪريٽري صنعت ۽ تجارت شاديا جعفر پروفيسر ڊاڪٽر ايس اڪبر زيدي، ڊاڪٽر قاضي مسعود احمد، جميل احمد، پروفيسر ڊاڪٽر ثمينه خليل، ٽيڪس ماهر اشفاق تولا، مجتبيٰ ميمڻ، محمد سهيل ۽ عارف حبيب سميت ٻين ميمبرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سنڌ جي معاشي ۽ صنعتي ترقي، سيڙپڪاري جي فروغ، صنعتي مسابقت، روزگار محصولات ۾ واڌ ۽ مالي استحڪام سان لاڳاپيل معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. شرڪت ڪندڙن ترجيحي شعبن جي نشاندهي ۽ مستقبل جي حڪمت عملي بابت پڻ غور ويچار ڪيو.

بقايا | 14 | روزاني عبرت

ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ سندس هدايت تي آزاد ڪشمير ۾ پارٽي جي تنظيم نو لاءِ 4 رڪني ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ سيد نيئر حسين بخاري، همايون خان نديم افضل چن ۽ عاجز ڌامراهه شامل آهن تنظيم نو ڪميٽي آزاد ڪشمير جي سمورن ضلعن جو دورو ڪندي ۽ پارٽي ڪارڪنن سان ملاقاتون ڪري سندن راءِ ۽ تجويزون حاصل ڪندي مشاورتي عمل مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ ڪميٽي پنهنجي سفارشون پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي پيش ڪندي، جنهن جي بنياد تي آزاد ڪشمير ۾ پارٽي تنظيم کي وڌيڪ فعال ۽ منظم بڻائڻ لاءِ ايندڙ قدم کنيا ويندا.

بقايا | 15 | روزاني عبرت

اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ سڄي صوبي جي سرڪاري ۽ خانگي اسڪولن ۾ STREAM سرگرمين ۽ مقابلن جي انعقاد لاءِ جامع حڪمت عملي جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن زاهد علي عباسي سيڪريٽري ڪاليجز نديم الرحمان ميمڻ ۽ تعليم کاتي جي ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ صوبائي وزير تعليم هدايت ڪئي ته سنڌ ۾ STREAM Educationجي سلسلي ۾ سڄي صوبي جي سرڪاري ۽ خانگي اسڪولن جي تقريبن 2 لک شاگردن جي مرحليوار شرڪت جو هدف يقيني بڻايو وڃي ۽ 45 هزار سائنسي ماڊلز ۽ خيالن جي تياري ۾ شاگردن جي رهنمائي لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن هن چيو ته شاگردن کي صرف مقابلن جو حصو بڻائڻ بدران انهن جي خيالن کي بهتر بڻائڻ تجربا ڪرڻ ۽ عملي حل پيش ڪرڻ لاءِ مناسب رهنمائي فراهم ڪئي وڃي سيد سردار علي شاهه چيو ته سنڌ ۾ "Science in STREAM Education جو سفر Sindh" جي ويزن تحت 2024ع ۾ شروع ڪيو ويو هو جنهن کي هاڻي وڌيڪ منظم ۽ وسيع ڪندي هن سال "Sindh STREAM Journey 2026-27: From Classrooms to Cosmos" جي عنوان سان سڄي صوبي ۾ جاري رکيو ويندو هن پروگرام جو مقصد شاگردن ۾ سائنسي ۽ تخليقي سوچ، مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت، تحقيق، جدت ۽ عملي سکيا جي رجحان کي هٿي ڏيڻ آهي اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته هلندڙ سال STREAM Journey تحت اسڪول ضلعي ڊويزن ۽ صوبائي سطح تي مرحليوار مقابلا منعقد ڪيا ويندا پروگرام ۾ سرڪاري، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سان لاڳاپيل، خانگي اسڪولن ۽ ڪاليجن کي پڻ شامل ڪيو ويو آهي STREAMمقابلن لاءِ پنج بنيادي موضوعاتي شعبا مقرر ڪيا ويا آهن جن ۾ موسمياتي مزاحمت، ماحوليات ۽ گرين سلوشنز مصنوعي ذهانت، ڊجيٽل سلوشنز گيمي فڪيشن ڪوڊنگ ۽ سائبر سيڪيورٽي ٽيڪنالاجي، روبوٽڪس ۽ انٽرنيٽ آف ٿنگز آرٽ، موسيقي، ثقافت، ورثو ۽ ادب، جڏهن ته نيچرل سائنس ۽ هيلٿ سائنس شامل آهن اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته اسڪول سطح تي STREAM فيسٽيول جو مرحلو هڪ کان 31 آڪٽوبر 2026ع تائين جاري رهندو.

بقايا | 16 | روزاني عبرت

آهي سولجر بازار ڊگهي عرصي کان تجاوزات ۽ لاپرواهي سبب سخت متاثر ٿي چڪو هو ۽ ان جي حالت انتهائي خراب ٿي وئي هئي، تنهن هوندي به هاڻي علائقي جي صورتحال ۾ نمايان تبديلي اچي رهي آهي. هن انهن خيالن جو اظهار تاريخي سولجر بازار جي بحالي ۽ خوبصورتيءَ جي جاري ڪم جو معائنو ڪندي ڪيو ان موقعي تي ميونسپل ڪمشنر ڪي ايم سي ابرار جعفر سينيئر ڊائريڪٽر ڪي ايم سي اسٽيٽ سميرا حسين ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن پاران سولجر بازار جي بحالي لاءِ قدم کنيا پيا وڃن جنهن جو مقصد تاريخي ۽ تجارتي اهميت رکندڙ هن علائقي کي ٻيهر بهتر حالت ۾ آڻڻ آهي تجاوزات ۽ خستا حالي سبب بازار جي اصل سڃاڻپ متاثر ٿي وئي هئي، تنهن هوندي ۽ بحاليءَ جي ڪم کانپوءِ سولجر بازار جي صورتحال آهستي آهستي بهتر ٿي رهي آهي ميئر ڪراچي چيو ته شهري علائقن جي بهتري، بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ تاريخي هنڌن جي بحالي لاءِ بلدياتي سطح تي قدم جاري رکيا ويندا. سولجر بازار جي بحالي به انهن ئي ڪوششن جو هڪ حصو آهي، جنهن سان علائقي جي رهواسين، دڪاندارن ۽ شهرين کي بهتر ماحول فراهم ٿيڻ جي اميد آهي هن چيو ته ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ترقياتي ۽ بحاليءَ جي منصوبن تي ڪم جاري آهي ۽ جتي ضرورت هوندي، اتي بلدياتي ادارا پنهنجي ذميواريون ادا ڪندا. ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته شهر ۾ ٽريفڪ جي رواني برقرار رکڻ ۽ شهرين کي اچ وڃ ۾ سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ ڪي ايم سي پاران روڊن جي بحاليءَ جو ڪم پڻ جاري آهي.

بقايا | 17 | روزاني عبرت

اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه سان سنڌ اسيمبلي ۾ ملاقات ڪئي وفد ۾ برٽش هاءِ ڪميشن اسلام آباد جي هيڊ آف گورننس ڊاڪٽر ڊومينڪ پريرل برٽش ڊپٽي هاءِ ڪميشن اسلام آباد جي سيڪنڊ سيڪريٽري اوزان ايرڊن يو اين ڊي پي جي پروجيڪٽ مينيجر انيتا بختيار ۽ سينيئر اسٽريٽجڪ ايڊوائيزر ملڪ ذوالفقار احمد شامل هئا. وفد اسپيڪر کي نيشنل گورننس پروگرام تحت پارلياماني ادارن خاص طور قومي اسيمبلي سان جاري سهڪار، توانائي ۽ گورننس جي شعبن ۾ ٿيندڙ ڪم ۽ قومي اسيمبلي جي فنانس ڪميٽي کي بجيٽ کان اڳ ۽ پوءِ جائزي ۾ فراهم ٿيندڙ سهڪار بابت آگاهي ڏني وفد سنڌ اسيمبلي سان سهڪار کي وڌيڪ وڌائڻ خاص طور موسمياتي تبديلي صنفي معاملن ۽ گورننس سان لاڳاپيل قائمه ڪميٽين سان گڏ ڪم ڪرڻ ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي.

بقايا | 18 | روزاني عبرت

آپريشن ڪندي 5 خوارجين کي جهنم واصل ڪرڻ جڏهن ته 2 کي شديد زخمي ڪري ڇڏيو آهي سيڪيورٽي ذريعن مطابق فورسز اتر وزيرستان ۽ ان جي آسپاس ۾ خوارجين جي لڪڻ جي پناهه گاهن ۽ چرپر تي مسلسل نظر رکي آهي تصديق ٿيل ڄاڻ جي بنياد تي فورسز سندن ٺڪاڻن تي فيصلائتا ۽ اثرائتا حملا ڪيا. ڪارروائي دوران شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 5 دهشتگرد جهنم پهچايا ويا ۽ 2 زخمي حالت ۾ پڪڙيا ويا آهن ذريعن جو چوڻ آهي ته فورسز دهشتگردن جي موجودگي وارن مخصوص علائقن کي گهيري ۾ وٺي ڪليئرنس آپريشن مڪمل ڪيو آهي سيڪيورٽي ذريعن ان عزم جو ورجاءُ به ڪيو آهي ته سيڪيورٽي فورسز قومي ويزن عزم استحڪام تحت ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ خطي ۾ پائيدار امن جي قيام لاءِ پوري طرح پرعزم آهي ۽ شرپسندن کي امن تباهه ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي.

بقايا | 19 | روزاني عبرت

قدمن جي هدايت ڏيندي چيو آهي ته گئس لوڊ مئنيجمينٽ حڪمت عملي تي عملدرآمد جي حوالي سان ڀرپور عوامي آگاهي مهم شروع ڪئي وڃي. موجوده علائقائي صورتحال جي ڏس ۾ گئس جي بنا رڪاوٽ درآمد جي حوالي سان سمورا ضروري قدم کنيا وڃن آڱاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل پريس رليز موجب، وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ سياري جي مُند ۾ گئس لوڊ مئنيجمينٽ جي حوالي سان اجلاس منعقد ٿيو وزيراعظم گيس جي لوڊ مئنيجمينٽ جي حوالي سان جامع لائحه عمل جوڙڻ ۽ اڳواٽ قدمن جي هدايت ڪندي چيو ته گئس لوڊ مئنيجمينٽ جي حڪمت عملي تي عملدرآمد جي حوالي سان ڀرپور عوامي آگاهي مهم هلائي وڃي موجوده علائقائي صورتحال جي ڏس ۾ گئس جي بنا رنڊڪ درآمد جي حوالي سان سمورا ضروري قدم کنيا وڃن اجلاس کي گئس لوڊ مئنيجمينٽ جي حوالي سان اڳواٽ قدمن جي حوالي سان بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته مقامي گئس جي فراهمي جي حوالي سان گهريلو صارفين ترجيح هوندا. بجلي جي پيداوار ۽ صنعتن جي لاءِ آر ايل اين جي ترجيح هوندي ها، گهريلو سطح تي مقامي گئس جي جاءِ تي متبادل توانائي جي ذريعن کي فروغ ڏيڻ جي حوالي سان عوامي آگاهي مهم شروع ڪئي ويندي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ملڪ جي اترين علائقن ۾ گئس جي ذخيرن ۾ موجود گيس جي ذخيرن سان مان بنا ڪنهن رڪاوٽ جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ جي حوالي سان پڻ قدم کنيا پيا وڃن واٽر اينڊ اسپيس هيٽنگ جي لاءِ بجلي تي هلندڙ اوزارن جي حوالي سان بينڪ فنانسنگ جي سهولت متعارف ڪرائڻ جي تجويز پڻ غور هيٺ آهي. اجلاس ۾ قومي خوراڪ جي تحفظ واري وفاقي وزير رانا تنوير حسين، اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيمه، ناڻي ۽ آمدني واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، پيٽروليم ۽ قدرتي وسيلن واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ، صنعتن بابت وزيراعظم جي صلاحڪار هارون اختر ناڻي ۽ ريلوي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري عملدارن شرڪت ڪئي

بقايا | 20 | روزاني عبرت

آهي ته ٻاهرئين سرپرستي ۽ مقامي سهولتڪارن پاران جاري دهشتگردي جي خلاف پاڪستاني عوام ۽ سيڪيورٽي ادارا فولادي ديوار وانگر بيٺل آهن آڱاري ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر ڊيره اسماعيل خان ۾ فائرنگ جي واقعن ۾ ٽريفڪ اهلڪار ۽ ڪسٽمز اهلڪارن جي شهادت تي افسوس جو اظهار ڪيو صدر چيو ته ٻاهرئين سرپرستي ۽ مقامي سهولتڪارن پاران جاري دهشتگردي جي خلاف پاڪستاني عوام ۽ سيڪيورٽي ادارا فولادي ديوار وانگر بيٺل آهن. پاڪستاني عوام ان جدوجهد کي منطقي انجام تائين پهچائيندا هن شهيد اهلڪارن جي گهروارن سان دلي همدرديءَ ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو هن واقعن ۾ زخمي ٽريفڪ اهلڪار جي جلد صحتيابي لاءِ دعا پڻ ڪئي.

بقايا | 21 | روزاني عبرت

ڪندي لانگ مارچ ختم ڪري حڪومت عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي، حڪومت ۽ پيپلزپارٽي جي گڏيل ڪميٽي بامعنيٰ ۽ پرخلوص ڳالهه ٻولهه سان مسئلن جو گڏجي ويهي حل ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي. هن اهڙن خيالن جو اظهار آڱاري ڏينهن هتي ڪشمير چوڪ انڊر پاس جي پيڙهه جو پٿر رکڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو تقريب ۾ وفاقي گهرو وزير محسن نقوي، اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پارلياماني معاملن وارو وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري، مملڪتي وزير طلال چوڌري پڻ وزيراعظم سان گڏ هئا. وزيراعظم چيو ته موجوده حڪومت ملڪ جي ترقي ۽ معاشي استحڪام جي لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهي آهي.

بقايا | 22 | روزاني عبرت

آخري مرحلي ۾ نيون رڪاوٽون وجهي سڄي ڳالهه کي نقصان پهچائي ڇڏيو ٻڌايو وڃي ٿو ته آخر ڪهڙو سبب آهي جو گذريل 11 سالن کان جتي سيڪيورٽي فورسز ٻين سياسي پارٽين ۽ عام شهرين جا جنازا کڻي رهيا آهن اتي صرف پي ٽي آءِ محفوظ آهي ۽ ان لاءِ شدت پسندن جو رويو نرم آهي خيبرپختونخوا جي صورتحال تي وفاق وٽ گورنر راڄ يا ايمرجنسي سميت سمورا آئيني آپشنز موجود آهن پر حڪومت جي پهرين ترجيح هاڻي به سياسي حل ۽ ڳالهيون ئي آهي. پي ٽي وي هيڊڪوارٽرز ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي مملڪتي وزير چيو ته ڳالهين واري عمل جي بنيادي ترجيح صرف دهشتگردي جو خاتمو ۽ ڪي پي حڪومت طرفان نيشنل ايڪشن پلان تي ماضي جي عدم دلچسپي جو ازالو آهي مخالف ڌر جي وفد وفاق کي خاطري ڪرائي ته هو صوبائي حڪومت ۽ پارٽي قيادت طرفان مڪمل بااختيار آهن، پهرين ڏينهن جي ڳالهين ڪانپوءِ مخالف ڌر اڳواڻ پشاور وڃي ڪي پي جي وڏي وزير ۽ ٻين اڳواڻن کان باقاعده توثيق حاصل ڪئي ۽ وفاقي حڪومت کي واضح خاطري ڪرائي ته دهشتگردي جي خاتمي ۽ وفاقي گهرو وزير جي پيش ڪيل سمورن نڪتن تي سئو سيڪڙو متفق آهن طلال چوڌري چيو ته جڏهن ته گهرو وزير محسن نقوي وزيراعظم کي آگاهه ڪيو ته پي ٽي آءِ دهشتگردي جي خاتمي تي مڪمل ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار آهي ته هن تاريخي لچڪ جو مظاهرو ڪندي گهرو وزير کي هدايت ڪئي ته مخالف ڌر کي جيترو سياسي اسپيس ۽ مطالبا گهربل آهن اهي ڏنا وڃن مملڪتي وزير چيو ته وزيراعظم جو صاف موقف هو ته سياسي نفعو ۽ نقصان عارضي شيءِ آهي.

بقايا | 23 | روزاني عبرت

خيبرپختونخواهه جو بنيادي مسئلو سياست جو نه آهي پر دهشتگردي آهي ۽ ان مسئلي کي سياسي نعرن بدران حقيقتن ۽ انگن اکرن جي بنياد تي ڏسڻو پوندو آڱاري ڏينهن سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي هڪ بيان ۾ هن چيو ته گذريل ٻن سالن ۾ خيبرپختونخواهه ۾ اٽڪل 6200 دهشتگردي جا واقعا ٿيا جن ۾ اٽڪل 1200 ماڻهو شهيد ٿيا جڏهن ته افغان شهرين پاران 37 خودڪش حملا ڪيا ويا، رڳو هلندڙ سال خيبرپختونخواهه ۾ 14 خودڪش حملا ٿي چڪا آهن جن ۾ اڪثريت افغان شهرين جي هئي بئريسٽر دانيال چوڌري چيو ته خيبرپختونخواهه پوليس جي مجموعي نفري اٽڪل هڪ لک 25 هزار آهي پر اٽڪل 13 هزار اهلڪار وي آءِ پي پروٽوڪول تي مقرر آهن جڏهن ته 17 هزار پوليس جايون خالي آهن

بقايا | 24 | روزاني عبرت

حدن ۾ اپايا پل تي قريشي موڙ ويجهو هٿياربندن هڪ گاڏي تي فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ ايف سي آر جا 4 اهلڪار شهيد ٿي ويا سندس چوڻ هو ته لاشن کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي.

بقايا | 25 | روزاني عبرت

ماليتي ادارن کي خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن هنن ايران سان ڪاروبار ڪيو ته واشنگٽن انهن تي پابنديون لاڳو ڪري سگهي ٿو پرڏيهي ميڊيا آمريڪي ناڻي واري وزير جي بيان جي حوالي سان ٻڌايو آهي ته جيڪي پرڏيهي ماليتي ادارا پابندين جو شڪار ايراني ادارن سان ڏي وٺ جاري رکندا

بقايا | 26 | روزاني عبرت

ميمبر جلال خان جي عيادت ڪئي اطلاعات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ جلال خان جي خيريت معلوم ڪئي ۽ سندس جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته جلال خان هڪ متحرڪ ۽ فعال سياستدان آهي هو عوامي مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي عطاءُ الله تارڙ چيو ته جلال خان سدائين عوامي خدمت ۽ پنهنجي ٽڪ جا مسئلا اجاگر ڪرڻ ۾ فعال ڪردار ادا ڪيو آهي

بقايا | 27 | روزاني عبرت

ڪندڙن خلاف ايڪشن ٿيندي جهڙي طريقي سان ڪراچي وارا سوال ڪن ٿا ۽ ٿرپارڪر جا ٻار وڏيڪ ماڙڪون چو کني وياڙ اهڙي طريقي جا سوال نه ڪرڻ کپن سکر _ حيدرآباد موٽروي جو ڪافي پيرا ٻڌي چڪو آهيان 2 پيرا افتتاح ۾ ٿي چڪو آهي الله ڪري جلد ٿيهي. وڏي وزير سيد مراد علي پنهنجي چونڊ ٽڪ ڀان سيدآباد ۾ پهچڻ بعد گوٺ مناهيون ۾ پ پ اڳواڻ محمد صالح عرف شمن راهپوٽو سان سندس سئوٽ محمد عثمان راهپوٽو جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪرڻ ڪانپو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پ پ هڪ جمهوري جماعت آهي

بقايا | 28 | روزاني عبرت

ڊيڊ لاڪ ملڪ جي سياسي استحڪام تي ۾ اثرانداز ٿيندو ڳالهين جي ناڪامي جي ذميواري حڪومتي ٽيم تي عائد ٿئي ٿي انصاف هائوس ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي هن چيو ته پي ٽي آءِ ڳالهين ذريعي مسئلن جو حل چاهي ٿي پر حڪومت اهم معاملن تي اڳڀرائي نه ڪئي حليم عادل شيخ چيو ته پي ٽي آءِ جا اهم مطالبا عمران خان جي علاج ۽ ملاقاتن جي بحالي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن خلاف ڪيسن جي شفاف ٻڌڻي 9 مئي جي قيدين کي اپيل جو حق ڏيڻ ۽ اسيمبلي ميمبرن جي آزادي سان لاڳاپيل آهن سندس چوڻ هو ته عمران خان سان ذاتي معالج ڊاڪٽر فيصل سلطان جي ملاقات ۽ طبي رپورٽون فراهم ڪرڻ جا مطالبا پڻ قبول نه ڪيا ويا.

بقايا | 29 | روزاني عبرت

جي گهرو ۽ قانون واري وزير ضياء الحسن لنجار جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽرز ايسوسيئيشنز جي وفدن سان اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ٽرانسپورٽ برادري کي درپيش مسئلن خاص طور تي ڊرائيونگ لائسنس جي جاري ڪرڻ ٿرڊ پارٽي موٽر وهيڪل انشورنس ٽريفڪ مئنيجمينٽ ۽ امن امان سان لاڳاپيل معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ٽرانسپورٽرز جي نمائندن گهرو وزير کي ڪمرشل ۽ گڊز ٽرانسپورٽ آپريٽرز کي درپيش مسئلن کان آگاهه ڪيو اجلاس ۾ خاص طور تي LTV ۽ HTV ڊرائيونگ لائسنس جاري ڪرڻ ٿرڊ پارٽي انشورنس SITEء، نارٿ ڪراچي سميت مختلف علائقن ۾ سيڪيورٽي سان لاڳاپيل معاملن تي غور ڪيو ويو سنڌ جي گهرو وزير لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته اهل ڊرائيورن کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ مقرر ٽيسٽ ۽ سمورا قانوني گهرجون پوريون ڪندڙ ڊرائيورن کي LTV ۽ HTV لائسنس جاري ڪيا وڃن.

بقايا | 30 | روزاني عبرت

ڪيپوين حيدرآباد ۾ نياز اسٽيڊيم کي پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ حوالي ڪرڻ جي سلسلي ۾ حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن ۽ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ وچ ۾ معاهدي تي صحيحون ڪرڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب نياز اسٽيڊيم حيدرآباد ۾ ٿي تقريب دوران حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن طرفان ميئر حيدرآباد ڪاشف علي شورو ۽ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ طرفان چيف آپريٽنگ آفيسر (COO) سمير احمد سيد معاهدي جي دستاويزن تي صحيحون ڪيون

بقايا | 31 | روزاني عبرت

اقتصادي ترقي لاءِ مقامي ۽ پرڏيهي سيڙپڪاري جو سيلاب ضروري آهي حڪومت عارضي تيزي بدران ڊگهيءَ مدي ۽ پائيدار معاشي اوسر کي يقيني بڻائڻ جي راهه تي گامزن آهي ملڪ کي هر قسم جي ٻاهران پيدا ڪيل معاشي نقصان کان محفوظ رکيو ويندو ڇاڪاڻ ته معاشي سرگرمين ۾ روزانو جي رڪاوٽن سان معيشت کي نقصان ٿو پهچي آڱاري تي گڏيل قومن جي اداري يو اين ڊي پي جي انتظام هيٺ ايس ڊي جيز انويسٽمينٽ فيئر 2026ع کي خطاب ڪندي ناڻي واري وزير چيو ته ڪجهه سال اڳ پاڪستان کي جي ڊي پي جي 12.5 سيڪڙو جي مجموعي بجٽي خساري کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو جيڪو هاڻي جون جي پڄاڻي تائين گهٽ ٿي اٽڪل 2.6 سيڪڙو رهجي ويو آهي، ماليڪاتي خسارو 22 سالن جي گهٽ ترين سطح تي آهي

بقايا | 32 | روزاني عبرت

آڱاري ڏينهن وزيراعظم محمد شهباز شريف منصوبي جي پيڙهه جو پٿر رکيو ڪيس ڪشمير چوڪ انڊر پاس منصوبي بابت بريفنگ ڏني وئي منصوبي تحت هتي ٽي ڦاڪن وارو انڊر پاس ٺاهيو ويندو هن منصوبي جي مڪمل ٿيڻ سان فيض آباد، ٻاره ڪهو مري ۽ آزاد ڪشمير کان ٽريفڪ بنا ڪنهن رڪاوٽ جي روان دوان رهندي

حڪومت سنڌ

ايڪسائيز، ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽڪس ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ

اطلاع عام

شارٽ لسٽ ٿيل اميدوارن لاءِ فزيڪل فٽنيس ٽيسٽ (PFT)

آساميون: نارڪوٽڪس ڪنٽرول ڪانسٽيبل (BPS-07) ۽ ليڊي نارڪوٽڪس ڪنٽرول ڪانسٽيبل (BPS-07)

سنڌ جاب پورٽل ذريعي ايڪسائيز، ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽڪس ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ ۾ نارڪوٽڪس ڪنٽرول ڪانسٽيبل (BPS-07) ۽ ليڊي نارڪوٽڪس ڪنٽرول ڪانسٽيبل (BPS-07) جي عهدن تي ڀرتيءَ لاءِ شارٽ لسٽ ٿيل سڀني اميدوارن کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته هو مقرر ڀرتي قانونن موجب هيٺ ڏنل تاريخ، وقت ۽ هنڌ تي فزيڪل فٽنيس ٽيسٽ (PFT) لاءِ فزيڪل فٽنيس اويليوئيشن ڪميٽيءَ آڏو حاضر / رپورٽ ڪن.

(شارٽ لسٽ ٿيل اميدوارن کي سندن رجسٽرڊ موبائل نمبرن تي "سنڌ جاب پورٽل" ذريعي ميسيج پڻ موڪليو ويو آهي.)

فزيڪل فٽنيس ٽيسٽ جو شيڊيول

شمار نمبر	ڊويزن	ڊوميسائل جو ضلعو	هنڌ	ٽيسٽ جي تاريخ	وقت
1	ڪراچي	ڪراچي سينٽرل، ڪراچي ايسٽ، ڪراچي ويسٽ	شاهد حيات، پوليس ٽريننگ سينٽر، سعيد آباد، ڪراچي	10 آڪٽوبر 2026 (ڇنڇر)	صبح 06:00 وڳي
		ڪراچي سائوٿ، ڪراچي ڪياماڙي، ڪراچي ڪورنگي، ڪراچي ملير		11 آڪٽوبر 2026 (آچر)	
2	حيدرآباد	حيدرآباد، مٽياري، ٽنڊو الهيار، ٽنڊو محمد خان، بدين، دادو، جامشورو، ٺٽو ۽ سجاول	شهيد عبد العزيز ڀلو ريڪروٽ ٽريننگ سينٽر، حيدرآباد	17 آڪٽوبر 2026 (ڇنڇر)	صبح 06:00 وڳي
3	ميرپورخاص	ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ ٿرپارڪر ايٽ مٺي	شهيد عبد العزيز ڀلو ريڪروٽ ٽريننگ سينٽر، حيدرآباد	18 آڪٽوبر 2026 (آچر)	صبح 06:00 وڳي
4	شهيد بينظير آباد	شهيد بينظير آباد، نوشهرو فيروز، سانگهڙ	شهيد عبد العزيز ڀلو ريڪروٽ ٽريننگ سينٽر، حيدرآباد	18 آڪٽوبر 2026 (آچر)	صبح 06:00 وڳي
5	سکر	سکر، گهوٽڪي ۽ خيرپور	پي ٽي ايس لاڙڪاڻو	24 آڪٽوبر 2026 (ڇنڇر)	صبح 06:00 وڳي
6	لاڙڪاڻو	لاڙڪاڻو، قمبر شهدادڪوٽ، شڪارپور، جيڪب آباد ۽ ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ	پي ٽي ايس لاڙڪاڻو	25 آڪٽوبر 2026 (آچر)	صبح 06:00 وڳي

اميدوارن لاءِ اهم هدايتون

شرط ۽ اهليت

1. فقط اهي شارٽ لسٽ ٿيل اميدوار فزيڪل فٽنيس ٽيسٽ (PFT) ۾ شامل ٿيڻ جا اهل هوندا جن کي سرڪاري طور اطلاع موڪليو ويو آهي.
2. اميدوارن لاءِ لازمي آهي ته هو ٽيسٽ واري هنڌ تي تصديق لاءِ پنهنجا اصل ۽ ڪارآمد CNIC گڏ آڻين. اصل سڃاڻپ ڪارڊ پيش نه ڪرڻ جي صورت ۾ اميدوار کي ٽيسٽ ۾ ويهڻ جي اجازت نه ڏني ويندي.
3. اميدوار ٽيسٽ واري هنڌ مناسب اسپورٽس/فزيڪل فٽنيس واري لباس جهڙوڪ ٽريڪ سوٽ، اسپورٽس ويئر ۽ مناسب اسپورٽس شوز (جوگرز) ۾ حاضر ٿين.
4. اهڙا اميدوار جن کي طبي مسئلا، ڏک، يا فزيڪل معذوري آهي جيڪا فزيڪل فٽنيس ٽيسٽ ۾ باحفاظت شرڪت جي سندن صلاحيت کي متاثر ڪري سگهي ٿي، انهن کي مشورو ڏنو وڃي ٿو ته ٽيسٽ ۾ حاضر ٿيڻ کان اڳ مناسب ميڊيڪل ڪليئرنس حاصل ڪن.
5. ڪنهن به صورت ۾ ٽيسٽ جو هنڌ، تاريخ يا وقت تبديل ڪرڻ جي درخواست قبول نه ڪئي ويندي.
6. فزيڪل فٽنيس ٽيسٽ ڀرتي جي عمل تي لاڳو مقرر ڪيل معيار ۽ شرطن مطابق سختيءَ سان ورتي ويندي.
7. اميدوارن کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته هو ڀرتي جي عمل ۾ پنهنجي موجوده صورتحال چيڪ ڪرڻ، پنهنجي مقرر ٿيل ٽيسٽ سينٽرن جي تصديق ڪرڻ ۽ هن ڀرتيءَ بابت وڌيڪ اپڊيٽس حاصل ڪرڻ لاءِ باقاعدگي سان "سنڌ جاب پورٽل" وزٽ ڪندا رهن.
8. مقرر تاريخ ۽ وقت تي رپورٽ نه ڪرڻ جي صورت ۾ اميدوار ڀرتي جي عمل مان پاڻمرادو نااهل ٿي ويندو.
9. فزيڪل فٽنيس ٽيسٽ بابت ڪنهن به سوال يا وضاحت لاءِ، اميدوار سرڪاري نمبر 021-99250922 تي رابطو ڪري سگهن ٿا يا dgnc@excise.gos.pk تي اي ميل ڪري سگهن ٿا.

(هنڪ بلوچ)
ڊائريڪٽر جنرل
نارڪوٽڪس ڪنٽرول ونگ
ايڪسائيز، ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽڪس ڪنٽرول سنڌ، ڪراچي.

INF-KRY/4461/2026

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE

Sukkur IBA University
www.iba-suk.edu.pk

NOTICE INVITING TENDER (THROUGH EPADS)
Tender Proc/EPADS/0121

Sukkur IBA University invites bids electronically through EPADS on single stage one envelope procedure from the eligible and experienced firms registered with income tax & sales tax departments for following items for **Sukkur IBA University & Campuses.**

S.#	ITEMS
1	Uniforms and Liveries
2	Hygiene Items
3	Computer Systems

Bid Security **2%** of the estimated cost (The estimated cost is mentioned in the procurement plan in the tender document)

Tender Schedule - Date and Time

	From	To	Submission	Opening
01	October 07, 2026	October 26, 2026	26-10-2026 03:00 PM Through EPADS	26-10-2026 03:30 PM Through EPADS

Bidding documents can be obtained and shall be submitted through EPADS as per above schedule.

Bidders are requested to give their Best and Final Price as "No Negotiations" is permitted.

Bidding documents containing detailed terms and conditions can be downloaded from following websites & submitted electronically through EPADS. www.iba-suk.edu.pk, https://portalsindh.eprocure.gov.pk

Bid Security @ 2% of estimated Cost in shape of pay order, deposit at call, demand draft or bank guarantee should be in favor of **Sukkur IBA University.**

Procuring agency reserves the right to accept or reject any or all bids prior to the acceptance of a bid as per SPP Rules 2010. (Amended to date).

Please send your queries to: naimat.jokhio@iba-suk.edu.pk

SUKKUR IBA UNIVERSITY
Nisar Ahmed Siddiqui Road, Sukkur.
Ph: 071-5644338, 5644141 Fax: 071-5804419

PID(H)98/26

MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
مڪ دفاعي اتحاد ۽ خطي جي نئين سلامتيءَ جو نقشو
صفحو 4

راهب ڳاهو
مير علي مراد خان ٽالپر ثانيءَ جو لاڏاڻو: هڪ سُونهري دور جي پڄاڻي
صفحو 4

سنڌي حڪمرانيءَ لاءِ سول سروس ۾ سڌارا ضروري آهن
شاهد ڪاردار
صفحو 4

مختيار اڻڙ
صفحو 4
اڄوڪو ڏينهن ـــ 07

مسلم سائنس ڊگري ڪاليج حيدرآباد ۾ قليچ شناسي بابت هڪ ڏينهن وارو سيمينار

مرزا قليچ بيگ ٻه پنهنجي قلم ذريعي سنڌ جي علمي ۽ ادبي شعور ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو: نصير مرزا

نئين نسل کي سنڌ جي انهن عظيم علمي ۽ ادبي شخصيتن جي فڪر ۽ خدمتن کان روشناس ڪرائڻ جي ضرورت آهي: پروفيسر غلام مصطفيٰ ڏاهري

قليچ شناسيءَ جي اهڙين سرگرمين جو مقصد شاگردن ۽ نوجوان نسل کي سنڌ جي علمي ۽ ادبي ورثي سان جوڙڻ آهي: ڊاڪٽر نواب ڪاڪا

حيدرآباد (پ ر) مرزا قليچ بيگ چيئر سنڌ يونيورسٽي جامشورو پاران قليچ شناسيءَ جي سلسلي ۾ مسلم سائنس ڊگري ڪاليج حيدرآباد ۾ "سنڌ جي علمي ۽ ادبي شعور سازيءَ ۾ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جو ڪردار" جي عنوان سان هڪ ڏينهن وارو سيمينار منعقد ڪيو ويو. سيمينار ۾ ناميارا اديب، براڊڪاسٽر ۽ قليچ خاندان سان تعلق رکندڙ شخصيت نصير مرزا، نفيس احمد ناشاد، قزلباش مرزا، ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر غلام مصطفيٰ ڏاهري، پروفيسر ناهيد راڄپر، پروفيسر الاهي بخش اڄڻ، پروفيسر حميد ابڙو، مرزا قليچ بيگ چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نواب ڪاڪا ۽ ٻين استادن توڙي شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. سيمينار کي خطاب ڪندي مقررن چيو ته مرزا قليچ بيگ سنڌي ادب، علم ۽ سماجي شعور جي واڌاري ۾ بنيادي ۽ تاريخي ڪردار ادا ڪيو هن پنهنجي لکڻين ۽ ترجمن وسيلي سنڌي ٻوليءَ جي ادب کي نوان موضوع ۽ نيون راهون ڏنيون. جڏهن ته سندس ڪتاب اڄ به پڙهندڙن ۾ مقبول آهن. ناميارا اديب نصير مرزا چيو ته "قليچ" لفظ جي معنيٰ تلوار آهي ۽ مرزا قليچ بيگ ٻه پنهنجي قلم ذريعي سنڌ جي علمي ۽ ادبي شعور ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن چيو ته مرزا قليچ بيگ جي لکيل ڪتابن جي اهميت اڄ به برقرار آهي ۽ نئين نسل لاءِ سندس علمي ۽ ادبي خدمتن کان واقف ٿيڻ ضروري آهي. ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر غلام مصطفيٰ ڏاهري شاگردن کي مرزا قليچ بيگ جي اهم ڪتابن بابت ڄاڻ ڏيندي چيو ته نئين نسل کي سنڌ جي انهن عظيم علمي ۽ ادبي شخصيتن جي فڪر ۽ خدمتن کان روشناس ڪرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن ڪاليج ۾ قليچ شناسيءَ بابت سيمينار منعقد ڪرڻ تي مرزا قليچ بيگ چيئر جي منتظمين جا ٿورا مڃيا. مرزا قليچ بيگ چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نواب ڪاڪا سيمينار جي مقصد ۽ سنڌي ادب جي واڌاري ۾ مرزا قليچ بيگ جي بنيادي ڪردار بابت شاگردن کي آگاهي ڏني. هن چيو ته قليچ شناسيءَ جي اهڙين سرگرمين جو مقصد شاگردن ۽ نوجوان نسل کي سنڌ جي علمي ۽ ادبي ورثي سان جوڙڻ آهي. سيمينار جي پڄاڻيءَ تي مرزا قليچ بيگ جي 173هين جنم ڏينهن جي مناسبت سان ڪيڪ ڪاٽيو ويو جيڪو ڪاليج جي شاگردن ۾ ورهايو ويو.

حيدرآباد مسلم سائنس ڊگري ڪاليج حيدرآباد ۾ قليچ شناسي بابت هڪ ڏينهن واري سيمينار کي مقرر خطاب ڪندي

لاڙڪاڻي ڊسٽرڪٽ بار جي ساليانې چونڊ، اميدوارن ڏوڪري ۾ ديرا ڄمائي ورتا، ڪارنر گڏجاڻي

جوائنٽ سيڪريٽري ميڊم ريشمان جتوئي سميت ٻين اميدوارن پاران ڏوڪري بار ۾ ڪارنر گڏجاڻيون جاري

ڪارنر گڏجاڻين دوران ناراض اڳواڻن ۽ ميمبرن کي پرچائڻ ۽ حمايت حاصل ڪرڻ جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه

جوائنٽ سيڪريٽري جي عهدي تي اميدوار ميڊم ريشمان جتوئي کي وڏي موٽ جي اميد نظر اچي رهي آهي: ذريعا

لاڙڪاڻي ڊسٽرڪٽ بار جي ساليانې چونڊ جي حوالي سان ڪارنر گڏجاڻي جو ڏيک

ڏوڪري (ن ع) ڊسٽرڪٽ بار لاڙڪاڻي جي ساليانې چونڊ، چونڊ کٽڻ لاءِ اميدوار ڏوڪري ۾ ووٽ وٺڻ لاءِ ميدان تي لهي. جوائنٽ سيڪريٽري اميدوار ميڊم ريشمان جتوئي سميت ٻيا اميدوارن جون ڪارنر گڏجاڻي جاري. تفصيل موجب ڊسٽرڪٽ بار لاڙڪاڻي جي ساليانې چونڊ مهم جاري آهي ان سلسلي ۾ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن لاڙڪاڻي جي ساليانې چونڊ ۾ جوائنٽ سيڪريٽري ميڊم ريشمان جتوئي سميت ٻيا اميدوار چونڊ کٽڻ لاءِ ڏوڪري بار ايسوسيئيشن جي عهديدارن ۽ ميمبرن سان اميدوارن جون ڪارنر گڏجاڻيون جاري آهن. جنهن کان پوءِ ڊسٽرڪٽ بار لاڙڪاڻي جي اميدوار سميت سمورن اميدوارن پنهنجي اليڪشن ڪئمپنگ کي وڌائي ڇڏيو آهي جنهن ۾ ڪارنر گڏجاڻيون ۽ ناراض اڳواڻن ۽ ميمبرن کي پرچائڻ ۽ کين کان حمايتون حاصل ڪيون پيون وڃن جنهن دوران ڏوڪري بار ايسوسيئيشن جي عهديدارن سان اليڪشن جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه پڻ ٿي. خودانهن ذريعن موجب ڊسٽرڪٽ بار لاڙڪاڻي جي ٿيندڙ ساليانې اليڪشن ۾ جوائنٽ سيڪريٽري جي عهدي تي اميدوار ميڊم ريشمان جتوئي کي وڏي موٽ جي اميد نظر اچي رهي آهي. جڏهن ته ان موقعي تي ڏوڪري بار ايسوسيئيشن جي نائب صدر بدرالدين جتوئي، جنرل سيڪريٽري قاضي ديدار علي جوڻيجو، محمد هاشم چانڊيو، بشيراحمد جوڻيجو، منير احمد سومرو، آصف علي سنديلو، مولاءِ بخش ڪولاچي، غلام حيدر ڦلپوٽو ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا.

مسلم سائنس ڊگري ڪاليج حيدرآباد ۾ قليچ شناسي بابت هڪ ڏينهن وارو سيمينار

مرزا قليچ بيگ ٻه پنهنجي قلم ذريعي سنڌ جي علمي ۽ ادبي شعور ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو: نصير مرزا

نئين نسل کي سنڌ جي انهن عظيم علمي ۽ ادبي شخصيتن جي فڪر ۽ خدمتن کان روشناس ڪرائڻ جي ضرورت آهي: پروفيسر غلام مصطفيٰ ڏاهري

قليچ شناسيءَ جي اهڙين سرگرمين جو مقصد شاگردن ۽ نوجوان نسل کي سنڌ جي علمي ۽ ادبي ورثي سان جوڙڻ آهي: ڊاڪٽر نواب ڪاڪا

حيدرآباد (پ ر) مرزا قليچ بيگ چيئر سنڌ يونيورسٽي جامشورو پاران قليچ شناسيءَ جي سلسلي ۾ مسلم سائنس ڊگري ڪاليج حيدرآباد ۾ "سنڌ جي علمي ۽ ادبي شعور سازيءَ ۾ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جو ڪردار" جي عنوان سان هڪ ڏينهن وارو سيمينار منعقد ڪيو ويو. سيمينار ۾ ناميارا اديب، براڊڪاسٽر ۽ قليچ خاندان سان تعلق رکندڙ شخصيت نصير مرزا، نفيس احمد ناشاد، قزلباش مرزا، ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر غلام مصطفيٰ ڏاهري، پروفيسر ناهيد راڄپر، پروفيسر الاهي بخش اڄڻ، پروفيسر حميد ابڙو، مرزا قليچ بيگ چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نواب ڪاڪا ۽ ٻين استادن توڙي شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. سيمينار کي خطاب ڪندي مقررن چيو ته مرزا قليچ بيگ سنڌي ادب، علم ۽ سماجي شعور جي واڌاري ۾ بنيادي ۽ تاريخي ڪردار ادا ڪيو هن پنهنجي لکڻين ۽ ترجمن وسيلي سنڌي ٻوليءَ جي ادب کي نوان موضوع ۽ نيون راهون ڏنيون. جڏهن ته سندس ڪتاب اڄ به پڙهندڙن ۾ مقبول آهن. ناميارا اديب نصير مرزا چيو ته "قليچ" لفظ جي معنيٰ تلوار آهي ۽ مرزا قليچ بيگ ٻه پنهنجي قلم ذريعي سنڌ جي علمي ۽ ادبي شعور ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن چيو ته مرزا قليچ بيگ جي لکيل ڪتابن جي اهميت اڄ به برقرار آهي ۽ نئين نسل لاءِ سندس علمي ۽ ادبي خدمتن کان واقف ٿيڻ ضروري آهي. ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر غلام مصطفيٰ ڏاهري شاگردن کي مرزا قليچ بيگ جي اهم ڪتابن بابت ڄاڻ ڏيندي چيو ته نئين نسل کي سنڌ جي انهن عظيم علمي ۽ ادبي شخصيتن جي فڪر ۽ خدمتن کان روشناس ڪرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن ڪاليج ۾ قليچ شناسيءَ بابت سيمينار منعقد ڪرڻ تي مرزا قليچ بيگ چيئر جي منتظمين جا ٿورا مڃيا. مرزا قليچ بيگ چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نواب ڪاڪا سيمينار جي مقصد ۽ سنڌي ادب جي واڌاري ۾ مرزا قليچ بيگ جي بنيادي ڪردار بابت شاگردن کي آگاهي ڏني. هن چيو ته قليچ شناسيءَ جي اهڙين سرگرمين جو مقصد شاگردن ۽ نوجوان نسل کي سنڌ جي علمي ۽ ادبي ورثي سان جوڙڻ آهي. سيمينار جي پڄاڻيءَ تي مرزا قليچ بيگ جي 173هين جنم ڏينهن جي مناسبت سان ڪيڪ ڪاٽيو ويو جيڪو ڪاليج جي شاگردن ۾ ورهايو ويو.

شهيد راڻي جو مجسمو ٺاهيندڙ جهونو جيالو حيدرآباد پهتو

آئون ٻاروڻ کان شهيد ڀٽو ۽ شهيد راڻي جو شيدائي آهيان: مصري ٻيل

شهيد بينظير ڀٽو جو 7 مهينن جي لڳاتار ڪوشش بعد مجسمو ٺاهي تيار ڪيو آهي

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي پنهنجي هٿن سان سندس شهيد امڙ جو مجسمو ڏيڻ چاهيان ٿو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) گولاڙچي جي شهر ڪورواهه جي رهواسي ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو مجسمو ٺاهيندڙ جهوني جيالو مصري ٻيل پنهنجي گهر ڀاتين سوڏو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پهتو ان موقعي تي هن چيو ته آئون ٻاروڻ کان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو شيدائي آهيان مون پيپلزپارٽي جي ڪيترن ئي جلسن ۽ جلوسن سوڏو پروگرامن ۾ شرڪت ڪئي ۽ هميشه پ پ اميدوارن کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو آهي. هن چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي جدوجهد ۽ قرباني کان متاثر ٿي شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو 7مهينن جي لڳاتار ڪوشش بعد مجسمو ٺاهي تيار ڪيو آهي جيڪو آئون شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي فرزند ۽ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي تحفي طور ڏيڻ چاهيان ٿو هن چيو ته آئون غريب ۽ پورهيت آهيان جنهن سبب بلاول ڀٽو زرداري تائين منهنجي پهچ ناممڪن بڻيل آهي هن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي اپيل ڪئي ته ڪيس وقت ڪڍي ڪجهه گهڙيون ڏي ته جئين آئون پنهنجي هٿن سان ڪيس سندس شهيد امڙ محترمه بينظير ڀٽو جو تيار ڪيل مجسمو تحفي طور ڏئي سگهان.

راڏيڊيرو لڳ مقتول عجيب آريجو جي امڙ هٿ اچي وئي

عجيب آريجو جي امڙ قافلو وٺي ڌرڻي لاءِ ٻهرلو ٻاءِ پاس طرف روانې

مونکي رستي تان هٽائڻ لاءِ ڪوڙا دلاسا ڏنا پيا وڃن: مقتول جي امڙ

راڏيڊيرو(ن ع) راڏيڊيرو لڳ ٻهارو ٿاڻي جي حد ۾ گذريل ڏينهن پراسرار نموني گم ٿيل مقتول عجيب آريجو جي امڙ هٿ اچي وئي،قافلو وٺي ڌرڻي لاءِ ٻهرلو ٻاءِ پاس طرف روانې رستي ۾ ٻهارو ۽ گمبٽ ٻهارو پوليس جون ڌرڻو روڪرائڻ لاءِ منٿون راڏيڊيروپرسان ٻهارو شهر ۾ هڪ هفتو اڳ برادري جي ماڻهن پاران گوليون هڻي قتل ڪيل نوجوان عجيب آريجو جي امڙ جيڪا گذريل ڏينهن پراسرار نموني گم ٿي وئي هئي اها اڄ سچل سرمست جي درگاهه تان وارثن کي هٿ اچي وئي آهي،سندس جو چوڻ آهي ته ڪنهن ٻه اغوا نه ڪيو هيو ڪنهن کي ٻڌائڻ کان سواءِ ئي پاڻ وئي هيس جنهن کانپو امڙ قافلو وٺي ٻهرلو ٻاءِ پاس طرف ڌرڻي لاءِ روانې ٿي وئي ته رستي ۾ ٻهارو ۽ گمبٽ پوليس پهچي مقتول جي امڙ کي منٿون ڪندي رهي ته ڌرڻو نه هڻو،جوابدار طاهر کي پسٽل سميت گرفتار ڪيو آهي عطاءِ آريجو پوليس ڪسٽڊي ۾ زير علاج آهي ۽ عارف آريجو جي گرفتاري لاءِ ٽيڪنيڪل سسٽم ذريعي ڳولا ڪيون ٿا هڪ هفتي جي مهلت ڏيو جنهن تي امڙ ڊي ايس پي گمبٽ صبير ميمڻ کي ٻڌايون پئي چيو ته مونکي رستي تان هٽائڻ لاءِ ڪوڙا دلاسا ڏنا پيا وڃن،انصاف ملڻ تائين جدوجهد جاري رکنديس.

ماتلي ۾ پناهه ڪالوني واسي جو وياج خور خلاف احتجاج

ورتل رقم کان ٻه وڏيڪ ڏيڻ جي چڪو آهيان پر پوءِ به تنگ پيو ڪيو وڃي: آچر بروهي

سخت ذهني دٻاءَ جو شڪار آهيان انهي وياج خور جي ظلم کان بچائي تحفظ ڏياريو وڃي

ماتلي ماتلي واسي وياج خور خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

ماتلي(ن ع) پناهه ڪالوني واسي آچر بروهي وياج خور کان تنگ اچي پريس ڪلب پهچي ويو ورتل رقم کان ٻه وڏيڪ ڏيڻ چڪو آهيان پر وياج خور ڪيس وڏيڪ پئيسن ڏيڻ لاءِ تنگ ڪري رهيو آهي وياج خور کان تحفظ ڏياريو وڃي آچر بروهي جي صحافين آڏو دانهن هن جو چوڻ آهي ته هن هڪ شخص کان اوڌر تي ٿنڌڙي پاڏي ورتي جيڪا هن ڪجهه ئي ڏينهن ۾ وڪرو ڪري مقرر وقت کان اڳ ۾ ئي ڪيس سندس ڏنل سموري رقم ۽ وياج جي مد ۾ وڏيڪ 18 هزار روپيا ڏيئي چڪو آهي پراڻ جي باوجود اهو شخص وڏيڪ رقم جي گهر ڪري روزانو لوفر قسم جا ماڻهون وٺي دروازي تي اچي ٿو ۽ گارگند ڪندي ڌمڪيون ٿو ڏي جنهن ڪري سندس ٻار ڏڄن ٿا هن چيو ته هو سخت ذهني دٻاءَ جو شڪار آهي انهي وياج خور جي ظلم کان بچايو وڃي ۽ ڪيس تحفظ ڏياريو.

حيدرآباد ۾ اڄ حيدر بخش جتوئي جي جنم ڏينهن تي سنڌ ڪانفرنس ٿيندي

سنڌ هاري ڪاميٽي جي ميزباني، ٿمر حيدر جتوئي ڪانفرنس جي صدارت ڪندو

سنڌ جي وسيلن تي قبضي، پورهيتن جي مسئلن ۽ سنڌ خلاف مبينا سازشن تي غور ڪيو ويندو

گڏيل پڌرنامي ذريعي سياسي حڪمت عملي ۽ وحدت بابت سنڌ جو موقف واضح ڪرڻ جو اعلان


باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جو فائل فوٽو

حيدرآباد (پ ر) سنڌ هاري ڪاميٽي طرفان 7 آڪٽوبر تي باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي 125 هين جنم ڏينهن جي موقعي تي سنڌ ڪانفرنس حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ٿيندي، سنڌ ڪانفرنس جي صدارت سنڌ هاري ڪاميٽي جو مرڪزي صدر ٿمر حيدر جتوئي ڪندو سنڌ ڪانفرنس کي سنڌ جا هاري اڳواڻ قومپرست اڳواڻ سنڌ جا ڳهڻ ڳهرا خطاب ڪندا سنڌ ڪانفرنس جي موقعي تي سنڌ هاري ڪاميٽي جو مرڪزي صدر ٿمر حيدر جتوئي اهم خطاب فرمائيندو ان سلسلي ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي پريس پڌرائي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشن وسيلن تي قبضي، پورهيتن جي اشوز تي ويچاريو ويندو ڪانفرنس جي گڏيل پڌرنامي ذريعي سياسي حڪمت عملي خاص ڪري وحدت جي حوالي سان سنڌ جو موقف واضح ڪيو ويندو ان موقعي تي باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي جدوجهد تي روشني وڌي ويندي

گهوٽڪي: ڄام ظفرالله خان ڌاريجو خانڳڙهه گوهر پيلس پهتو

گوهر پيلس پهچي ايم اين اي سردار علي گوهر خان مهر جي عيادت ڪئي

سردار علي گوهر خان جي جلد صحتيابي ۽ مڪمل صحت لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي ڄام ظفرا خان ڌاريجو خانڳڙهه گوهر پيلس پهچي ايم اين اي سردار علي گوهر خان مهر جي عيادت ڪئي سياسي ۽ علائقي جي موجوده صورتحال تي تفصيلي ڳالهيون خبر موجب ڄام ظفرخان ڌاريجو خانڳڙهه گوهر پيلس پهچي ايم اين اي سردار علي گوهر خان مهر جي عيادت ڪئي ۽ سندس خيريت معلوم ڪئي ملاقات دوران ڄام ظفر خان ڌاريجو سردار علي گوهر خان مهر جي صحت بابت پڇا ڳاڇا ڪندي سندس جلد صحتيابي ۽ مڪمل صحت لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ڄام ظفرا خان ڌاريجو چيو ته پاڪ سردار علي گوهر خان مهر کي جلد مڪمل صحت عطا فرمائي ٻنهي شخصيتن وچ ۾ محبت، خلوص ۽ ڀائيچاري واري جذبي سان ملاقات ٿي جڏهن ته علائقي جي موجوده سياسي صورتحال، گڏيل دلچسپي وارن معاملن ۽ ٻين اهم معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي ڄام خان ڌاريجو سان گڏ سندس فرزند ڄام ميران خان ڌاريجو ٽائون ڪميٽي عادلپور جو وائيس چيئرمين عبدالغفار ڪلوڙ سردار انور خان شاهاڻي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

گهوٽڪي ڄام ظفر خان ڌاريجو گوهر پيلس ۾ ايم اين اي سردار علي گوهر خان جي عيادت ڪندي

سڪرنڊ ۾ استادن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان تقريب

استادن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ جي لاءِ هائيا اڪيڊمي پاران تقريب ڪوٺائي وئي

اڄ عالمي ڏينهن آهي پر استادن کي مڃتا ڏيڻ جو رجحان گهٽجندو پيو وڃي: مقررين

سڪرنڊ (ن ع) استادن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان استادن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ جي لاءِ هائيا اڪيڊمي پاران اڪيڊمي جي چيف ايگزيڪيوٽو پروفيسر غلام حسين جلباڻي جي ميزبانيءَ هيٺ مڃتا تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ همدرد سپورٽ پروگرام جي چيئرمين قاضي جاويد سنائي کان تقريب صدارت صدارت ڪرائي وئي جڏهن ته سڪرنڊ پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح مهمان خاص طور شريڪ ٿيو جن جي هٿان ميل ۽ فيميل استادن کي مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏيارايا ويا ان موقعي تي سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي پنهنجي صدارتي تقرير ۾ چيو ته اڄ توڙي جو استادن جو عالمي ڏينهن آهي پر استادن کي مڃتا ڏيڻ جو رجحان گهٽجندو پيو وڃي پر شاباس هجي هائيا اڪيڊمي کي جنهن هن عالمي ڏينهن کي ملهائي بهترين روايت قائم ڪئي آهي هن وڌيڪ چيو ته هائيا اڪيڊمي سڪرنڊ ۾ تعليمي شعور پکيڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي اسان جو ساٿ ۽ سهڪار هن اداري سان هر وقت رهندو ان کان اڳ پروفيسر غلام حسين جلباڻي آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪندي اهو ٻڌايو ته استاد بادشاهه ناهي پر بادشاهه گر آهي استاد دنيا ۾ ڪئي بادشاهه پيدا ڪيا آهن ۽ جن شاگردن استادن ۽ والدين جو ادب ڪيو انهن منزلون ماڻيون آهن هن اهو پڻ چيو ته اڄ جي پروگرام جي صدارت قاضي جاويد سنائي کان ان ڪري ڪرائي وئي آهي جو پاڻ تعليم جي حوالي سان هر وقت سوچيندڙ ۽ لوچيندڙ رهندو آهي سڪرنڊ جي تعليمي ادارن ۾ سندس ڀرپور سهڪار هوندو آهي ان ڪري کين اسان ٻه مان ڏئي ڳهرايو آهي ان دوران اڪيڊمي پاران مهمانن کي سنڌ جي ثقافت موجب لنگيون پارايون ويون جڏهن ته سندس ئي هٿان استادن کي مڃتا

سڪرنڊ استادن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان منعقد تقريب جو ڏيک

ملڪ اندر مهانگائي تيزي سان وڌندي پئي وڃي: پير اشفاق احمد سرهندي

حڪمران مهانگائي تي ڪنٽرول نه ڪري سگهيا آهن، پيٽرول جا اگهه وڌا ئي ويا آهن

مهانگائي جي ماريل عوام کي رليف ملڻ گهرجي جيڪو عوام جو حق آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪنڊو محمد خان(ن ع) ڪنڊو محمد خان ۾ سنڌ پبلڪ پارٽي جي چيئرمين پير اشفاق احمد سرهندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ملڪ اندر مهانگائي تيزي سان وڌندي پئي وڃي غريب پورهيت جو جيئڻ مشڪل ٿي ويو آهي حڪمران مهانگائي تي ڪنٽرول نه ڪري سگهيا آهن پيٽرول جا اگهه وڌا ئي ويا آهن عوام کي رليف ملڻ گهرجي جيڪو عوام جو حق آهي هن چيو ته سنڌ پبلڪ پارٽي جي ٻهرين يوم تاسيس جي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ سمورن ڪارڪنن ۽ عوام پنهنجي جذبي تحت شرڪت ڪئي جس جس هجي هن چيو ته عوام جي وڏي انگ ۾ شرڪت پارٽي سان عوام جي محبت، اعتماد ۽ وابستگي جو اظهار آهي اسان جو پارٽي ورڪرن سان ساٿ رهندو هن چيو ته سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي اسان جي ڪوشش هوندي هن ضلعي جا نوجوان جيڪي بيروزگار آهن انهن جي انهن کي هر ضلعي اندر روزگار سان لڳايون ته جيئن خوشحالي اچي هن چيو ته سنڌ پبلڪ پارٽي جمهوريت ۽ ترقي لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي ان موقعي تي سنڌ پبلڪ پارٽي جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن موجود هئا.

سڪرنڊ جي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ۾ تقريب

استادن جو عالمي ڏينهن درس ڏئي ٿو ته محنت سان پڙهايون: ارشد آرائين

هڪ استاد توڙي جو پاڻ بادشاهه ناهي پر بادشاهه گر ضرور آهي: تقريب کي خطاب

سڪرنڊ (ن ع) استادن جي عالمي ڏينهن کي بهتر نموني ملهائڻ ۽ استادن جي حوصلا افزائي لاءِ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول سڪرنڊ ۾ شاندار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ استادن ۽ شاگردن پاران هاءِ اسڪول جي ڄاڪوڙي ۽ قابل هيڊ ماسٽر محمد ارشد آرائين کي لنگيون هارن ۽ گلدستن جا تحفا پيش ڪري ڪيس مڃتا ڏني جڏهن ته موٽ ۾ محمد ارشد آرائين پاران سمورن استادن کي ان اميد سان گلن جا هار پارايا ڪين مڃتا ڏني ته هو اسڪول جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهندا ان موقعي تي سينيئر هيڊ ماسٽر محمد ارشد آرائين ڳالهائيندي چيو ته استادن جو عالمي ڏينهن اسان کي اهو درس ڏئي ٿو ته شاگردن کي محنت سان پڙهايون ۽ کين پنهنجي اولاد جيان سمجهون هن وڌيڪ چيو ته هڪ استاد توڙي جو پاڻ بادشاهه ناهي پر بادشاهه گر ضرور آهي دنيا جي گولي تي اڄ جيترا به بادشاهه آهن اهي سڀ ڪنهن نه ڪنهن استاد جا شاگرد رهيا هوندا تقريب دوران استادن پاران عالمي ڏينهن جي حوالي سان ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو.

عمرڪوٽ جي شهر ڊورو نارو جي رهواسڻ جو حيدرآباد ۾ احتجاج

صدف ڌي محمد يونس پٽي پنهنجي گهرياتين جي ظلم خلاف دانهيو

منهنجا پيءُ ماءُ ۽ گهرياتي بلاجواز پابنديون لڳائي رهيا آهن: صدف پٽي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) عمرڪوٽ جي شهر ڊورو نارو جي رهواسڻ ناري صدف ڌي محمد يونس پٽي ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پنهنجي گهرياتين جي ظلم خلاف احتجاج ڪيو هن چيو ته منهنجا پيءُ ماءُ ۽ گهرياتي بلاجواز پابنديون لڳائي رهيا آهن جنهن سبب آئون تمام گهڻي پريشان ٿي گهران نڪتي آهيان هن چيو ته آئون ٻه راتيون پنهنجي دوست جي گهر رهيس جنهن تي گهرياتي سڃرجي پيا آهن جڏهن ته ڄاڻايل دوست ٻه منهنجي گهر رهندي هئي هن چيو ته آئون پنهنجي پيءُ ماءُ جي گهر وڃڻ نٿي چاهيان ۽ پنهنجو روزگار ڪري آزاد رهڻ چاهيان ٿي هن چيو ته منهنجو في الحال شادي جو ڪو به ارادو ناهي جڏهن ته مون کي پنهنجي ماڻهن کان خطرو آهي هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي تحفظ ڏنو وڃي

گهوٽڪي ۾ محتسب اعليٰ سنڌ جي اداري جي ڪردار ۽ فرضن بابت آگاهي سيمينار

اداري جي ڪردار فرضن ۽ عوامي شڪايتن جي ازالي جي طريقيڪار بابت تفصيلي آگاهي

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي گورنمينٽ هائر سيڪنڊري اسڪول صالح مهر ۾ محتسب اعليٰ سنڌ جي اداري جي ڪردار ۽ فرضن بابت آگاهي فراهم ڪرڻ لاءِ سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ محتسب اعليٰ سنڌ گهوٽڪي جي ريجنل ڊائريڪٽر فضل محمد شيخ خاص شرڪت ڪئي ان موقعي تي تعلقا ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري محمد بخش عارياڻي پڻ ساڻس گڏ هو سيمينار دوران ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ گهوٽڪي فضل محمد شيخ شاگردن استادن ۽ ٻين شرڪت ڪندڙن کي محتسب اعليٰ سنڌ جي اداري جي ڪردار فرضن ۽ عوامي شڪايتن جي ازالي جي طريقيڪار بابت تفصيلي آگاهي ڏني هن ٻڌايو ته محتسب جو ادارو سرڪاري ادارن پاران ٿيندڙ ناانصافي بدانتظامي ۽ عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ هڪ مؤثر فورم فراهم ڪري ٿو هن چيو ته عوام پنهنجي مسئلن ۽ شڪايتن جي حل لاءِ محتسب اعليٰ سنڌ جي اداري سان رجوع ڪري سگهي ٿو جتي قانون ۽ ضابطن موجب شڪايتن جو ازالو ڪيو وڃي ٿو هن شاگردن ۽ استادن تي زور ڀريو ته هو پنهنجي آس پاس جي ماڻهن کي پڻ محتسب اعليٰ سنڌ جي اداري جي ڪردار ۽ خدمتن بابت آگاهه ڪن جيئن عوام پنهنجن حقن کان باخبر رهي ۽ سرڪاري ادارن بابت شڪايتن جي حل لاءِ مناسب فورم سان رابطو ڪري سگهي ان موقعي تي سيمينار ۾ شريڪ استادن ۽ شاگردن پاران محتسب اعليٰ سنڌ جي اداري بابت ڏنل آگاهي کي فائديمند قرار ڏنو ويو.

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل ۽ سون جي قيمتن ۾ گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي)عالمي مارڪيٽن ۾ اڱاري ڏينهن ڪچي تيل ۽ سون جي قيمتن ۾ گهٽتائي جو رجحان رهيو بلومبرگ جي رپورٽ مطابق آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ تحت ڪچي تيل جي مستقبل جا سودا 0.76 ڊالر جي گهٽتائي کان پوءِ 88.67 ڊالر ۽ برينٽ ڪروڊ تحت مستقبل جا سودا 0.52 ڊالر جي گهٽتائي کان پوءِ 99.80 ڊالر في بيرل ۾ طئي ٿيا اسپاٽ گولڊ جي قيمت 9.45 ڊالر جي گهٽتائي کان پوءِ 4157 ڊالر في اونس ۽ چاندي جي قيمت 0.35 ڊالر جي گهٽتائي کان پوءِ 60.95 ڊالر في اونس ٿي ويا. مڪئي جي قيمت 0.25 ڊالر جي گهٽتائي کان پوءِ 497 ڊالر في بشل ۽ ڪڻڪ جي قيمت 1.25 ڊالر جي گهٽتائي کان پوءِ 691 ڊالر في بشل ٿي وئي ڪپهه جي قيمت ۾ 0.26 ڊالر ۽ زنده چوپائي مال جي قيمت ۾ 1.50 ڊالر جي گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي.

ڏگهڙي پرسان جمڙائو سم نالي موري وٽان 45 ورهين جي شخص جو لاش برآمد

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پرسان جمڙائو سم نالي موري وٽان 45 ورهين جي شخص جو لاش برآمد. اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ رورل هيلٿ سينٽر (RHC)جهڏو منتقل ڪيو.جهڏو پوليس موجب فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ 45 ساله وسطو ولد ڏلو ڪولهي رهواسي ديهه 372 جهڏو طور ٿي آهي پوليس واقعي بابت ابتدائي قانوني ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته موت جا اصل ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ جاچ جاري آهي

سگهڙن جي ڪچي واري علائقي محمود چنا ٿاڻي تي چوري جو ڪيس داخل

سگهڙن(ن ع) سگهڙن جي ڪچي واري علائقي محمود چنا ٿاڻي جي حد ڳوٺ جواڻ ڪلهوڙو ۾ گذريل رات چوري جي الزام هيٺ قتل ٿيل 55 ورهين جي حاڪم ڪلهوڙو ولد غلام قاسم ڪلهوڙو جو قتل ڪيس مقتول جي ڀائيٽي نور محمد ولد طيب الدين ڪلهوڙي جي فرياد تي پنجن ماڻهن هر هڪ نالي سونو ڪلهوڙو، غلام مصطفيٰ عرف پورو ڪلهوڙو، مشتاق ڪلهوڙو، وسيم ڪلهوڙو ۽ هڪ اڻ سڃاتل شخص تي داخل ان حوالي سان مقتول جي وارثن غلام قاسم ڪلهوڙو، نور محمد ڪلهوڙو ، محمد بخش ڪلهوڙو، محمد صديق ڪلهوڙو ۽ ٻين محمود چنا ٿاڻي جي اڳيان لاش رکي احتجاجي مظاهرو ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته تقريبن ۾ سال اڳ سولر جو ڪرنٽ لڳڻ سبب محمد موسي ڪلهوڙو فوت ٿي ويو هو جنهن جي فوت ٿيڻ کانپو سندس وارثن بي بنياد ڪوڙي الزام هيٺ مقتول حاڪم ڪلهوڙو کي قتل ڪيس ۾ نامزد ڪيو هو جنهن کان پوءِ پوليس ۽ سول جج، قبر ڪشائي ڪرائي پوسٽ مارٽم بعد رپورٽ جاري ڪئي هئي، جنهن ۾ سندس جو طبعي موت قرار ڏيندي، مقتول حاڪم علي کي بيگناهه قرار ڏنو ويو هو پر مٿي ڄاڻايل جوابدارن رات دير سان اسان جي مقتول حاڪم ڪلهوڙو کي رستي ويندي ناحق بانڌي بڻائي اغوا ڪري گولين جو ڪاچ بڻائي قتل ڪري موٽر چوري جو بي بنياد ڪوڙو الزام مڙهي پوليس کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي اسان جي اعليٰ اختيارين وزير اعليٰ سنڌ ،آئي جي سنڌ ،ڊي آءِ جي سکر ،ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين وس وارن کي اپيل آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي قتل ڪيس ۾ گهربل پنجن ئي جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ملڪ ۾ ڪچي تيل جي پيداوار ۾ هفتيوار بنيادن تي گهٽتائي، گئس جي پيداوار ۾ اضافو

اسلام آباد (اي پي پي) ملڪ ۾ ڪچي تيل جي پيداوار ۾ هفتيوار بنيادن تي گهٽتائي جڏهن ته گئس جي پيداوار ۾ اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي انگن اکرن مطابق 30 سيپٽمبر تي ختم ٿيل هفتي ۾ ملڪ ۾ ڪچي تيل جي سراسر ڏهاڙي پيداوار 63 هزار 747 بيرل رڪارڊ ڪئي وئي جيڪا ان کان اڳ واري هفتي جي ڀيٽ ۾ 6 سيڪڙو گهٽ آهي ان کان اڳ واري هفتي ۾ ملڪ ۾ ڪچي تيل جي سراسر ڏهاڙي پيداوار 68 هزار 128 بيرل رڪارڊ ڪئي وئي هئي اهڙي طرح 30 سيپٽمبر تي ختم ٿيل هفتي ۾ ملڪ ۾ گئس جي سراسر روزاني پيداوار 2999 ايم ايم سي ايف ڊي رڪارڊ ڪئي وئي جيڪا ان کان اڳ واري هفتي جي ڀيٽ ۾ 2 سيڪڙو وڌيڪ آهي ان کان اڳ واري هفتي ۾ ملڪ ۾ گئس جي سراسر روزاني پيداوار 2949 ايم ايم سي ايف ڊي رڪارڊ ڪئي وئي هئي انگن اکرن مطابق 30 سيپٽمبر تي ختم ٿيل هفتي ۾ او جي ڊي سي ايل جي ڪچي تيل جي روزاني پيداوار 31 هزار 647 بيرل، پي پي ايل 10 هزار 985 بيرل، ماڙي گيس 1336 بيرل ۽ پي او ايل جي ڪچي تيل جي روزاني پيداوار 3 هزار 506 بيرل رڪارڊ ڪئي وئي جڏهن ته او جي ڊي سي ايل جي گئس جي سراسري روزاني پيداوار 627 ايم ايم سي ايف ڊي پي او ايل 58 ايم ايم سي ايف ڊي پي پي ايل 590 ايم ايم سي ايف ڊي ۽ ماڙي گئس جي سراسري روزاني پيداوار 840 ايم ايم سي ايف ڊي رڪارڊ ڪئي وئي آهي.

ڏگهڙي لڳ رولو ڪتي جي ڌاڙهڻ بعد متاثر ڳوٺن ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پرسان گذريل ڏينهن ڇڙي رولو ڪتي پوسي مير فتح خان ٽالپر جي مختلف ڇهن ڳوٺن ڳوٺ عبدالقيوم خيرڳوٺ عبدالحميد مهر ڳوٺ الهڏنو ڪوڪر ڳوٺ ايوب ڪوڪرجي ماڻهن کي ڏاڍي شديد زخمي ڪري ڇڏيو جنهن کانپو متاثر ڳوٺن ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو آهي ڇڙن رولو ڪتن مال ۽ ٻڪرين کي پڻ نقصان پهچايو آهي،ڇڙن رولو ڪتن جي وڌندڙ آزار خلاف ڳوٺاڻن الهڏنو ڪوڪر بلاول ڪوڪر عبدالمجيد ڪوڪر غلام نبي ڪوڪر محمد زمان ڪوڪر رياض احمد مهر فياض مهر سيف ڏاٿود پهلو ۽ عبدالقادر خير جي اڳواڻي ۾ شديد احتجاج ڪيوان موقعي تي ڳوٺاڻن صحافين آڏو دانهيندي ٻڌايو ته علائقي ۾ ڇڙن ۽ رولو ڪتن جو وڏو آزار آهي، جنهن سبب ٻار خوف جي ڪري اسڪول ۽ مدرسي وڃڻ کان به ڪيٻائين ٿا، رولو ڪتن مال ۽ ٻڪرين کي پڻ سخت نقصان پهچايو آهي ڳوٺاڻن اعليٰ اختيارين کان پرزور مطالبو ڪيو ته مذڪوره ڳوٺن ۾ ٻنا دير ڪتا مار مهم شروع ڪري رولو ڪتن جو خاتمو آندو وڃي، متن خدشو ظاهر ڪيو ته رولو ڪتن جي وڌندڙ آزار سبب ڪنهن به وقت وڏو انساني جاني نقصان ٿي سگهي ٿو.

راڏيڊيرو گورنمينٽ بوائيز ايليمينٽري اسڪول جي شاگردياڻي کي حراسان ڪرڻ جي ڪوشش

شاگردياڻي کي ٻن موٽرسائيڪل سوار هٿياربند اوباش ڇوڪرن پاران حراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

ٽينگري شهزادي متو واپس گهر اچي رهي هئي ته ٽي موٽرسائيڪل سوار اوباش ڇوڪرا ڪيس ڦري آيا: والد

حراسان ڪندڙن ۾ فهيم ڪلهوڙو ولد مير ڪلهوڙو ۽ ٻه نامعلوم هٿياربند شامل آهن، ملوث ماڻهن گرفتار ڪري انصاف ڏياريو وڃي

راڏيڊيرو گورنمينٽ بوائيز ايليمينٽري اسڪول جي شاگردياڻي کي حراسان ڪرڻ خلاف والد احتجاج ڪندي

راڏيڊيرو(ن ع) محلا مخدوم سومر سوائي جي رهواسڻ گورنمينٽ بوائيز ايليمينٽري اسڪول راڏيڊيرو ۾ پڙهندڙ ٻارنهن ساله شاگردياڻي کي اوباش ڇوڪرن پاران حراسان ڪرڻ جي ڪوشش،رڙين ڪرڻ تي اوباش فرار،وارثن پاران انصاف جي گهر.خبرموجب،راڏيڊيرو پرسان محلا مخدوم سومر سوائي جي رهائشي اصغر متو جي ٻارنهن سالن جي ٽينگري کي ٻن موٽرسائيڪل سوار هٿياربند اوباش ڇوڪرن پاران حراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ٽينگري جي گهر ٻڌائڻ تي سندس والد اصغر متو ٽينگريءَ سميت پريس ڪلب راڏيڊيرو تي پهچي ويو صحافين آڏو دانهيندي ٻڌايو ته ٽينگري نالي ٽينگري شهزادي متو گورنمينٽ بوائيز ايليمينٽري اسڪول کان واپس گهر اچي رهي هئي ته ٽي موٽرسائيڪل سوار اوباش ڇوڪرا جن مان ٽينگري هڪ کي سڃاڻي ورتو جن ۾ فهيم ڪلهوڙو ولد مير ڪلهوڙو ۽ ٻه نامعلوم هٿياربند شامل آهن مبينه جنسي حراسان ڪرڻ جي ڪوشش شاگردياڻي رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون جنهن تي موٽرسائيڪل سوار ڇوڪرا فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.ٽينگري ۽ سندس والد صحافين آڏو دانهيندي اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته ڊي آئي جي سکر،ايس ايس پي خيرپور واقعي جو نوٽيس وٺي ملوث ماڻهن گرفتار ڪري انصاف ڏياريو وڃي

مانجهند پرسان لاڪا جي بوائز پرائمري اسڪول جي عمارت زبون حالي جو شڪار، چاپڙ ڪرڻ لڳا

روزاني بنياد تي عمارت مان چاپڙ ڪرڻ سبب 400 کان وڌيڪ شاگرد گرائونڊ تي تتل اس تعليم پرائڻ تي مجبور

زبون حال عمارت هئڻ سبب خوف ۾ ڪيترن ئي شاگردن اسڪول اچڻ ڇڏي ڏنو، معمارن جي تعليم تباهه ٿيڻ لڳي

لاڪا جي پرائمري اسڪول عمارت جي نئين سر تعمير ڪرائي خوف ختم ڪرائي اسڪول کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن: رهواسي

مانجهند لاڪا جي بوائز پرائمري اسڪول جي عمارت زبون حال هجڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

مانجهند(ن ع) مانجهند پرسان لاڪا جي بوائز پرائمري اسڪول جي عمارت زبون حال هئڻ سبب خطرناڪ بنجي وئي روز جي بنياد تي عمارت مان چاپڙ ڪرڻ سبب 400 کان وڌيڪ شاگرد گرائونڊ تي تتل اس ۾ تعليم پرائين ٿا جڏهن ته اسڪول کي فرنيچر نه هئڻ سبب ٻارڙا زمين تي تعليم پرائين ٿا تباهه ٿيل عمارت هئڻ سبب خوف ۾ ڪيترن ئي شاگردن اسڪول اچڻ ڇڏي ڏنو جنهن سبب سندن تعليم تباهه ٿي رهي آهي هتان جي سماجي شخصيت علي اصغر ميمڻ علي نواز ڪنبر وڪيل لاڪوجي اڳواڻي ۾ شهرين ۽ شاگردن سخت احتجاج ڪندي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته لاڪا جي پرائمري اسڪول عمارت جي نئين سر تعمير ڪرائي خوف ختم ڪرائي اسڪول کي بنيادي سهولتون ۽ استاد چوڪيدار پٽيوالا مقرر ڪيا وڃن بي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 95هين ڏينهن ۾ احتجاج جاري رهيو

ذاڪر الله، محمد نديم، شاهد خان، جاويد پٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو

ملازم 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن: مظاهرين

ڪارپوريشن ۾ سي اي او، فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون پر اسان لاءِ پيسا ناهن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 95هين ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله محمد نديم شاهد خان،جاويد پٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو.ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو ته 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سموريون مراعتون وٺي رهيا آهن پر ٿنڌن ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي هنن چيو ته اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود ٿنڌا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، وزير بلديات کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

مسو ڀرڳڙي ۾ مٽياري راجوٽي اتحاد جي نئين چونڊيل باڊي جي مان ۾ آجياڻو

معزز مهمانن کي سنڌ جي عظيم سڃاڻپ ۽ ثقافت "اجرڪ" جا باوقار تحفا پيش

هي اتحاد ڪنهن سياسي مفاد يا ڪنهن هڪ مخصوص ذات يا برادريءَ سان محدود ناهي: اڳواڻ

مسو ڀرڳڙي (ن ع) مسو ڀرڳڙي لڳ تاريخي ۽ روحاني درگاهه شيخ ڪيٽر تي قومپرست اڳواڻ منٺار پنهور پاران مٽياري راجوٽي اتحاد جي نئين چونڊيل باڊي جي احترام ۽ مان ۾ هڪ پروقار ۽ شاندار آجياڻي جو اهتمام ڪيو ويو. تقريب ۾ مختلف قومن ۽ راڄن سان تعلق رکندڙ نوجوانن سوساٽي جي نمائندن ۽ علائقي جي معززين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.تقريب ۾ پهچڻ تي ڳوٺاڻن ۽ ميزبانن پاران آيل مهمانن جو گرمجوشيءَ سان پرجوش استقبال ڪيو ويو. ان موقعي تي قومپرست اڳواڻ منٺار پنهور روايتي مهمان نوازيءَ جي اعليٰ مثال قائم ڪندي آيل معزز مهمانن کي سنڌ جي عظيم سڃاڻپ ۽ ثقافت "اجرڪ" جا باوقار تحفا پيش ڪيا.آجياڻي جي تقريب کي خطاب ڪندي مٽياري راجوٽي اتحاد جي صدر معشوق ابڙو اتحاد جي مقصدن ۽ منشور تي تفصيلي روشني وڌي سندس چوڻ هو ته: هي اتحاد ڪنهن سياسي مفاد يا ڪنهن هڪ مخصوص ذات يا برادريءَ سان محدود ناهي، بلڪ هي سڀني قومن برادرين ۽ بنيادي راڄن جو هڪ گڏيل ۽ متفقه اتحاد آهي اسان جو مشن علائقي جي هر انسان سان سندس ڏک، سک ۽ مشڪل وقت ۾ پرجهلو ٿي بيهڻ آهي"هن وڌيڪ چيو ته اسپتالن اسڪولن جي بهتري، تعليمي ۽ صحتي سهولتن جي فراهمي ۽ علائقي جي عوام کي درپيش بنيادي مسئلن جي حل لاءِ اتحاد هر محاذ تي عوام سان گڏ هر قدم تي شانه بشانه رهندو

مسو ڀرڳڙي مٽياري راجوٽي اتحاد جي نئين چونڊيل باڊي جي مان ۾ ڏنل آجياڻي جو ڏيک

سڪرنڊ ۾ سينيئر ڪراپ رپورٽر غلام مصطفيٰ زهري جي مان ۾ الوداعي پارٽي

تقريب ۾ غلام مصطفيٰ زهري لنگين، اجرڪن، هارن ۽ سنڌي ٽوپيءَ جا تحفا پيش

اوهان سڀني دوستن مان ڏنل محبتن جون جهوليون ڀري الوداع ڪيو آهي: غلام مصطفيٰ زهري

سڪرنڊ (ن ع) ايگريڪلچر ڪراپ رپورٽنگ سروس سينٽر شهيد بينظيرآباد جي سينيئر ڪراپ رپورٽر غلام مصطفيٰ زهري پاران کاتي مان رٽائر ٿيڻ تي سندس مان ۾ رائل تاج ريسٽورينٽ تي شاندار الوداعي تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ زرعي ماهرن کاتي جي آفيسرن ۽ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جن ڪيس لنگين اجرڪن هارن ۽ سنڌي ٽوپيءَ جا تحفا پيش ڪري محفل جو گهوٽ ڪري ويهاريو آجياڻي ۾ ڊويزنل ڊائريڪٽر شهيد بينظير آباد اسدڪاڪا، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪراپ سينٽر شهيد بينظير آباد حفيظ الرحمان ڏاهري، ڊپٽي ڊائريڪٽر راحب علي ۽ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي مهمان طور شريڪ ٿيا جن کي ميزبانن پاران لنگيون ۽ هار پارايا ويا ان موقعي تي غلام شبير سومرو آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو جنهن بعد معين مهمانن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته غلام مصطفيٰ زهري کاتي کي 35 سال ڏنا جنهن پنهنجي ڊيوٽي ايمانداري سان نڀائي گهٽ ماڻهو هوندا آهن جيڪي ڊيوٽيون ذميواري سان نڀائيندا آهن هنن وڌيڪ چيو ته غلام مصطفيٰ زهري ملنسار ۽ محبتي ماڻهو آهي سندس الوداع ڪرڻ اسان کي ڏکارو ڪيو آهي پر مجبوري آهي جو قانون موجب ڪيس 60 سال عمر جا پورا ٿيڻ تي الوداع ڪرڻو پيو آخر ۾ محفل جي گهوٽ غلام مصطفيٰ زهري ڳالهائيندي چيو ته مان شڪر گزار آهيان اوهان سڀني دوستن جو جن مان ڏنل محبتن جون جهوليون ڀري الوداع ڪيو آهي اڄوڪي ڏنل محبت ۽ عزت ورهين تائين ياد رهندي هن اهو پڻ چيو ته اڄ توڙي جو کاتي مان رٽائر ٿي رهيو آهيان پر اداري کي جڏهن به منهنجي ضرورت پوندي ته مان حاضر هوندس جنهن تي تاڙيون وڄايون ويون ڪيس داد ڏنو ويو الوداعي تقريب ۾ غلام عباس ڪيريو محمد بچل ڪيريو اياز علي سومرو انور علي زهري، شوڪت علي ميمڻ عبد الجبار چانڊيو . حبيب الرحمان جلباڻي محمد ابراهيم ڏهيو غلام مصطفيٰ سنجراڻي، نادر علي لغاري، امير علي جلباڻي ۽ عبد الرحمان اتڙ پڻ موجود هئا تقريب کانپو شاندار مانجهاڻي جو پڻ اهتمام ڪيو ويو.

مسو ڀرڳڙي لڳ مبينا منشيات جي ڪارخاني خلاف احتجاج

جام شاخ پرسان مبينا منشيات جي ڪارخاني خلاف رهواسين دانهيو

علائقي ۾ منشيات جي سرگرمين سبب نوجوان نسل تباهي ڏانهن وڌي رهيو آهي: مظاهرين

مسو ڀرڳڙي (ن ع) مسو ڀرڳڙي لڳ جام شاخ پرسان مبينا منشيات جي ڪارخاني خلاف احتجاج نوجوان نسل جي مستقبل تي ڳڻتي تفصيل موجب جام شاخ لڳ ڳوٺ حاجي جمن ٻنبرو پرسان مبينا طور منشيات جي تياري ۽ وڪري خلاف علائقي واسين احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙن الزام هنيو ته علائقي ۾ منشيات جي سرگرمين سبب نوجوان نسل تباهي ڏانهن وڌي رهيو آهي. مظاهرين اعليٰ اختيارين کان معاملي جو نوٽيس وٺي جاچ ۽ ڪارروائي جو مطالبو ڪيو

گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج جي پلاٽ تي پمپنگ اسٽيشن قائم ڪرڻ وارو معاملو

مسئلي جي حل لاءِ ڊي سي آفيس ۾ ضلع ڪائونسل جي چيئرمين جي صدارت هيٺ اجلاس

شهدادڪوٽ(ڊ ر) گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج جي پلاٽ تي واٽر سپلاءِ پروجيڪٽ خاطر پمپنگ اسٽيشن قائم ڪرڻ واري مسئلي کي سلجهائڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ ضلع ڪائونسل جي چيئرمين ۽ پ پ پ جي قمبر شهدادڪوٽ جي صدر قمرالدين ڳوپانگ جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ مڙني تنظيمن جي ماڻهن جن ۾ جي ڊي اي جي اڳواڻ مظفر بروهي ضلع بار ايسوسيئيشن جي اڳوڻي صدر ۽ نالي واري قانوندان ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو پ پ پ جي صدر مير آصف لغاري، شهري اتحاد جي اڳواڻ حبدار ميرجت پبلڪ هيلٿ جي ايگزيڪيٽو انجنيئر ڪاليج جي منتظمين ۽ پروفيسرن شهرين پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڌرين پنهنجو پنهنجو موقف بيان ڪيو ان کان پوءِ فيصلو ڪيو ويو ته واٽر پمپنگ اسٽيشن جو لوڪيشن تبديل ڪيو ويندو ڪاليج جي پلاٽ کي باؤنڊري وال ڏيارائي ڪاليج کي لائبريري ڏيارڻ سان گڏوگڏ پرنسيپال کي بيهر مقرر ڪيو ويندو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
اربع 07 آڪٽوبر 2026ع

مڪ دفاعي اتحاد ۽ خطي جي نئين سلامتيءَ جو نقشو

رياض ۾ 5 آڪٽوبر تي ٽنهي ملڪن سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪيءَ جي مڪي دفاعي اتحاد جي حڪمت عملي، سياسي ۽ دفاعي ڪميٽيءَ جو هنگامي اجلاس وڏي اهميت رکي ٿو. اجلاس ۾ سعودي عرب کي درپيش سلامتيءَ جي صورتحال ۽ خطرن جو جائزو ورتو ويو ۽ سان گڏ گڏيل دفاعي ذميوارين تي فوري عملدرآمد ۽ ضرورت پوڻ تي گڏيل فوجي وسيلن ۽ صلاحيتن جي تيز رفتاريءَ سان سعودي عرب ۾ پهچائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. هن فيصلي جو بنيادي مقصد سعودي عرب جي سلامتي، خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جو تحفظ آهي. ٽنهي ملڪن جي گڏيل پڌرنامي ۾ مڪي ۽ مديني کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش سان گڏ سعودي شهرن، عام ماڻهن ۽ معاشي تنصيبات تي ٿيندڙ حملن جي سخت مذمت ڪئي وئي آهي. گڏيل پڌرنامي ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته سعودي عرب جي سلامتي يا علائقائي سالميت خلاف ڪنهن به حملي يا خطري کي قبول نه ڪيو ويندو ۽ ٽنهي ملڪن جي گڏيل دفاعي ذميوارين کي هاڻي عملي صورت ڏني ويندي. هيءَ صورتحال ان وقت سامهون آئي آهي، جڏهن يمن جي حوثي قوتن ۽ سعودي عرب وچ ۾ ڇڪتاڻ ٻيهر وڌي رهي آهي. تازن ڏينهن ۾ سعودي عرب تي ميزائل ۽ ڊرون حملن جا الزام سامهون آيا آهن، جڏهن ته سعودي اتحاد مديني ۾ مسجد نبويءَ کي بجلي فراهم ڪندڙ هڪ مرڪز کي نشانو بڻائڻ جو الزام به حوثين تي هنيو آهي جيتوڻيڪ حوثين ان ذميواريءَ کان انڪار ڪيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ سعودي عرب لاءِ پنهنجي دفاعي تيارين کي مضبوط ڪرڻ فطري ڳالهه آهي، پر ان سان گڏ خطي ۾ ڇڪتاڻ وڌيڪ وڌڻ جي خطري کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. پاڪستان لاءِ هن اتحاد جي اهميت ڪيترن ئي پاسن کان آهي. سعودي عرب سان پاڪستان جا لاڳاپا رڳو دفاعي يا معاشي مفادن تائين محدود ناهن. پر ٻنهي ملڪن جا تاريخي، مذهبي ۽ عوامي لاڳاپا به انتهائي گهرا آهن. پاڪستان اڳ به سعودي عرب جي سلامتيءَ لاءِ پنهنجي ذميواريءَ جو اظهار ڪندو رهيو آهي. هاڻي مڪي دفاعي اتحاد تحت ان سهڪار کي هڪ باقاعده گڏيل ڍانچي ۾ آڻڻ سان پاڪستان جو ڪردار وڌيڪ واضح ٿي رهيو آهي. هن اجلاس ۾ پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي معاملن واري وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار، بچاءُ واري وفاقي وزير خواجا محمد آصف ۽ چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي شرڪت پڻ ان ڳالهه جي اهميت ظاهر ڪري ٿي ته پاڪستان هن اتحاد کي سنجيدگيءَ سان ڏسي رهيو آهي. اجلاس ۾ پاڪستان جي رٽائرڊ ليفٽيننٽ جنرل نعمان محمود کي ٽن سالن لاءِ مڪي دفاعي اتحاد جو پهريون سيڪريٽري جنرل مقرر ڪرڻ جي به منظوري ڏني وئي. نعمان محمود جي مقرري رڳو هڪ انتظامي فيصلو نه آهي پر اتحاد جي اداري کي مضبوط ڪرڻ طرف هڪ اهم قدم آهي.

ڪنهن به دفاعي اتحاد جي اثرائتي ڪارڪردگي لاءِ مستقل ادارا، واضح ذميواريون، گڏيل منصوبابندي ۽ هڪٻئي سان لاڳاپيل فوجي نظام ضروري هوندا آهن. مڪي دفاعي اتحاد جي پهرين سيڪريٽري جنرل جي مقرريءَ مان ظاهر ٿئي ٿو ته ٽئي ملڪ هن سهڪار کي مستقل اداري جي صورت ڏيڻ جو ارادو رکن ٿا. ساڳئي وقت هيءَ ڳالهه به اهم آهي ته دفاعي اتحاد جو مطلب لازمي طور تي جنگ ڏانهن وڌڻ نه هجڻ گهرجي. مضبوط دفاع جو هڪ وڏو مقصد اهو به هوندو آهي ته امڪاني حملي آور کي اهو احساس ڏياريو وڃي ته ڪنهن ملڪ خلاف جارحيت جو جواب گڏيل طور تي سامهون اچي سگهي ٿو. ٽنهي ملڪن جي پڌرنامي ۾ پڻ گڏيل دفاع، تياري، فوجي سهڪار ۽ خطري کي منهن ڏيڻ جي گڏيل صلاحيت وڌائڻ تي زور ڏنو ويو آهي. مڪي دفاعي اتحاد جي تازي اجلاس مان اها ڳالهه چٽي ٿي آهي ته سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪي هڪٻئي جي سلامتي کي گڏيل سلامتيءَ سان ڳنڍيندي رهيا آهن. هاڻي هن اتحاد جي اصل ڪسوٽي ان ڳالهه ۾ هوندي ته ٽئي ملڪ پنهنجي گڏيل ذميوارين کي ڪيتري منظم نموني عملي جامو پهرائين ٿا ۽ ساڳئي وقت خطي ۾ امن لاءِ سفارتي رستا ڪيتري اثرائتي نموني کليل رکن ٿا. سعودي عرب جي سلامتي ۽ مقدس شهرن جي حرمت جو تحفظ يقيناً انتهائي اهم آهي ان سان گڏ وچ اوڀر کي وڌيڪ جنگين کان بچائڻ به ايترو ئي ضروري آهي. مڪي دفاعي اتحاد جيڪڏهن دفاع، روڪٿام ۽ سفارتڪاريءَ کي گڏ ڪئي هلي ٿو ته اهو خطي جي سلامتيءَ لاءِ هڪ نئين طرز جي سهڪار جو بنياد بڻجي سگهي ٿو.

صحافت جو متحرڪ ڪردار شيخ عزيز

طارق عزيز شيخ

سنڌ جي صحافتي تاريخ ۾ شيخ عزيز جو نالو هڪ اهڙي صحافي اديب، عالم ۽ محقق طور هميشه ياد رهندو جنهن پنهنجي قلم ۽ عملي ڪم سان صحافت کي نئون رخ ڏنو هن سنڌ جي تاريخ، ادب، ثقافت ۽ موسيقيءَ کي نه رڳو سنڌي ۾ اردو ۽ انگريزيءَ ۾ پڻ پيش ڪيو سندس تحريرن ۾ معلومات، تحقيق، پسمنظر ۽ پيشڪش جو اهڙو مزاج هوندو هو جيڪو کيس پنهنجي همعصرن کان منفرد بڻائيندو هو شيخ عزيز 9 ڊسمبر 1938ع تي حيدرآباد جي گلاب ڪاٽي واري علائقي ۾ جنم ورتو. سندس والد احمد شيخ علم دوست شخص ۽ لطيف سائين جي ڪلام جو پارکو هو مطالعي سان سندس شوق به کيس گهرجي ماحول مان مليو هو ڀائرن ۾ سڀ کان ننڍو هو سندس ڀائرن ۾ محمد اسماعيل شيخ، محمد ابراهيم شيخ ۽ محمد يوسف شيخ شامل هئا، جن پڻ ادب، لوڪ ورثي ۽ ريڊيو جي شعبن ۾ نالو پيدا ڪيو.

شيخ عزيز 19 ورهين جي عمر ۾ 1957ع ۾ اردو اخبار "روزاني ڪاروان" حيدرآباد ۾ سب ايڊيٽر طور صحافت جي شروعات ڪئي ڪجهه عرصي کان پوءِ "روزاني عبرت" سان وابسته ٿي ويو جتي سب ايڊيٽر کان سينيئر سب ايڊيٽر، اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ نيوز ايڊيٽر تائين ذميواريون نڀايائين سندس صحافتي زندگيءَ جو اهم موڙ لنڊن جي ٽامس ڪاليج آف جرنلزم مان حاصل ڪيل تعليم هئي 1968ع ۾ هن صحافت جي ڊگري حاصل ڪئي هو پاڪستان مان جونئيل واحد شاگرد ۽ پهريون سنڌي هو جنهن کي ان اداري ۾ پڙهڻ جو موقعو مليو هن اتان واپس اچي جديد صحافت جا ڪيترائي طريقا "عبرت" ۾ استعمال ڪيا، جنهن سان اخبار نويسي جي دنيا ۾ نواڻ پيدا ٿي انهن ئي نون لاڙن مان "عبرت" جو آچر وارو مئگزين "عبرت سنڊي مئگزين" سندس اهم ڪوشش هئي جيڪو پنهنجي دور ۾ بيحد مقبول ٿيو اهو مئگزين نه فقط سنڌي اخبارن ۾ پهريون هفتيوار مئگزين هو پر ملڪي صحافتي تاريخ ۾ پهريون پيرو اخبار سان گڏ ڏنو ويندڙ هفتيوار مئگزين هو، جيڪو بغير ڪنهن واڌو قيمت جي ڏنو ويندو هو.

1977ع ۾ شيخ عزيز "سنڌ نيوز" جو ايڊيٽر مقرر ٿيو جنهن پڙهڻ وارن جو هڪ نئون حلقو ناهيو هن اخبار جي ترتيب، خبرن جي پيشڪش ۽ ايڊيٽوريل جي انداز ۾ نواڻ آندي، جنهن سبب "سنڌ نيوز" ان وقت جي سنڌي صحافت ۾ هڪ الڳ سڃاڻپ پيدا ڪئي اڳتي هلي 1980ع ۾ "روزاني جنگ" سان وابسته ٿي ويو اتي اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ پوءِ مئگزين ايڊيٽر طور ڪم ڪندي هفتيوار مئگزين ۾ "مهراڻ رنگ" نالي صفحو شروع ڪيائين جنهن وسيلي سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ ثقافت جو مواد اردو پڙهندڙن تائين پهچندو رهيو 1982ع ۾ "ڊان گروپ" جي اردو اخبار "حريت" جو نيوز ايڊيٽر ۽ مئگزين ايڊيٽر بڻيو جتي سنڌ جي شهرن، ثقافت ۽ سماجي مسئلن بابت ڪيترائي مضمون لکيائين ۽ سنڌ ۾ رهندڙ ذاتين جي تاريخ جو سلسلو لکيائين ۽ شايع ڪيائين جيڪو تمام گهڻو مقبول ٿيو اهو سلسلو تازو ئي "پندرنهن روزه انيٽر مئگزين" ۾ اردو ۾ مان سنڌي ۾ نامياري صحافي همسفر گاڏهي ترجمو ڪري هلايو ۽ ويجهڙائي ۾ اهو ڪتابي صورت ۾ ڇپيو آهي 1989ع کان 2018ع تائين "ڊان" سان سندس لاڳاپو رهيو هن رات واري ايڊيشن جي ذميواري سنڀالي پوءِ آخري وقت تائين ڪالم نگار طور لکندو رهيو ان وچ ۾ 2009 کان 2011 تائين سنڌي ادبي بورڊ جي "وائيس چيئرمين" طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنائين شيخ عزيز صحافت جو وڏو محنتي ڪردار هو هو ڪنهن واقعي کي رڳو خبر بڻائي پيش نه ڪندو هو پر ان جي تاريخ ۽ پسمنظر کي به پڙهندڙ آڏو رکندو هو سنڌ جي شخصيتن، ماڳن مڪانن، موسيقي ۽ سياسي تاريخ بابت سندس لکڻيون ان جو مثال آهن.

پاڪستاني صحافت ۾ اهم شخصيتن جي وفات تي ٻئي ڏينهن سندن سوانحي خاڪو لکڻ جي روايت به هن ئي وڌي ۽ ان کي "آبيچيوري" جي عنوان سان باقاعده هڪ حيثيت ڏني ان انداز کي پڙهندڙن وڏي پسند ڪيو کان پوءِ ڪن اخبارن به ان سلسلي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي "ڊان" ۾ ڪيترين ئي سنڌي شخصيتن بابت سندس لکيل خاڪا شايع ٿيا، جن مان چونڊ مواد بعد ۾ "دي ٽريبيوٽ" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ آيو شيخ عزيز جو علمي ڪم جو دائرو تمام وسيع هو هن سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ 3 هزار کان وڌيڪ مضمون ۽ مقالا لکيا سنڌ جي ادب، تاريخ، ثقافت ۽ موسيقي بابت سندس انگريزي لکڻيون سنڌ جو تعارف پرڏيهي پڙهندڙن تائين پهچايو سندس اهم ڪتابن ۾ سنڌ جون پراسرار ڪهاڻيون، نقش لطيف، عملي صحافت، مون ليئن جو ڏيهه ڏٺو، تقسيم کان تقسيم تائين، پٽي کان ضياء تائين، دي ٽريبيوٽ، سنڌي موسيقيءَ جي ابتدا ۽ ارتقا، سنڌي ادب جي تاريخ کان علاوه سنڌ بابت نوٽس پڻ سندس ڪتابن ۾ شامل آهي "عملي صحافت" سندس صحافتي فڪر جو اهم ڪتاب آهي اهو ڪتاب سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ صحافت جي شاگردن لاءِ مشعل مثل آهي جنهن ۾ صحافت جي وصف کان وٺي، ان جي هر پهلوءَ جي جاچ ۽ ٽيڪنڪ مختلف بابن ۾ ڏنل آهي هن صحافت کي رڳو لکڻ جو فن نه پر باقاعده علم ۽ ذميواريءَ وارو پيشو سمجهيو سندس لکڻين ۽ عملي تربيت وسيلي ڪيترن ئي نوجوان صحافين کي سکڻ جو موقعو مليو شيخ عزيز جو صحافتي سفر ڏکين حالتن کان خالي نه هو ضياء جي مارشل لا واري دور ۾ هن سنڌ جي مختلف ضلعن جون حالتون قلمبند ڪيون سياسي دٻاءُ کي به منهن ڏنائين "عبرت" جي ايڊيٽر هجڻ دوران هڪ ڀيرو گرفتار ٿيو ۽ 1995ع ۾ "ڊان" مان گهر موٽندي ڪنپيو ويو صحافتي برادريءَ جي احتجاج کان پوءِ 22 ڪلاڪن بعد کيس آزاد ڪيو ويو سندس وفات کان پوءِ به سندس علمي ورثو 27 ڪتابن ۽ اخباري مضمونن جي صورت ۾ موجود آهي هن جي وفات کانپوءِ سندس لکيل 4 ڪتاب، سنڌ جي قديم ساز "چنگ" بابت انگريزيءَ ۾ ڪتاب، سندن آتم ڪهاڻي "ڏاورن ۽ ڪاورن"، انگريزي ڪتاب "شيڊيز آف سنڌ" ۽ "سنڌ جي ذاتين جي تاريخ" (ترجمو: همسفر گاڏهي) منظر عام تي اچي چڪا آهن ۽ اڃا به ڪجهه اڻ ڇپيل مواد محفوظ آهي شيخ عزيز جي زندگيءَ کي ڏسجي ته سندس سڀ کان وڏي ڪاميابي رڳو اخبارن ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪرڻ يا ڪيترائي ڪتاب لکڻ نه هئي سندس اصل ڪم اهو هئو ته هن صحافت کي پڙهڻ، تحقيق ڪرڻ، حقيقت کي پرکڻ سچائي کي سامهون آڻڻ ۽ سماج جي يادگيرين کي محفوظ ڪرڻ سان ڳنڍيو هن سنڌ جي ڪيترن ئي پاسن کي اهڙي انداز سان لکيو جو اهي ايندڙ نسل لاءِ به مفيد ثابت ٿي رهيا آهن.

مير علي مراد خان ٽالپر ثانيءَ جو لاڏاڻو: هڪ سونهري دور جي پڄاڻي

راهب ڳاهو

خيرپور رياست جو حڪمران، جنهن کي تاريخ ۾ سرڪار هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپر ثاني جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو ٽالپر خاندان جي سهرابائي شاخ سان تعلق رکندڙ هڪ اهم تاريخي شخصيت هو هو خيرپور رياست جو آخري حڪمران ۽ ٽالپر خاندان جي ان دور جو وارث هو جنهن دوران خيرپور پاڪستان سان الحاق کان اڳ هڪ نيم خودمختيار رياست طور قائم رهيو هن 29 جون 1933ع تي برائٽن، انگلينڊ ۾ جنم ورتو سندس والد هزهائينس سرڪار مير فيض محمد خان ٽالپر ثاني (خيرپور رياست جو حڪمران) هو جڏهن ته سندس والده دولهن پاشا بيگم صاحبه هئي.

خيرپور رياست جي حڪمراني ۽ تخت نشيني: 1947ع ۾ ننڍي کنڊ جي سياسي منظرنامي ۾ تيزيءَ سان تبديليون اچي رهيون هيون 19 جولاءِ 1947ع تي خيرپور رياست جي حڪمران سرڪار هزهائينس مير فيض محمد خان ٽالپر ثانيءَ کي برطانوي اختيارين پاران اقتدار تان هٽايو ويو ان کان پوءِ سندس ننڍي عمر جي پٽ علي جاه مير جارج علي مراد خان ٽالپر کي رياست جو حڪمران مقرر ڪيو ويو سندس باضابطا تخت نشيني 24 جولاءِ 1947ع تي خيرپور جي تاريخي فيض محل ۾ عمل ۾ آئي ان وقت سندس عمر صرف 14 سال هئي نتيجي ۾ نابالغ هجڻ سبب رياستي معاملن کي هلائڻ لاءِ هڪ "ڪائونسل آف ريجنسي" (نائبي ڪائونسل) قائم ڪئي وئي ان عرصي دوران رياست جا انتظامي معاملا ان ريجنسي نظام تحت سندس طرفان هلايا ويا. اهڙي طرح هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپر ثانيءَ جي حڪمرانيءَ جو آغاز 1947ع جي هڪ اهم سياسي دور ۾ شروع ٿيو اهو وقت جڏهن برطانوي هندستان جو خاتمو ٿي رهيو هو ۽ پاڪستان هڪ نئين خودمختيار رياست طور وجود ۾ اچي رهيو هو.

ننڍپڻ جو هڪ غير معمولي واقعو: هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپر ثانيءَ جي زندگيءَ ۾ هڪ انتهائي غير معمولي واقعو سندن ننڍپڻ ۾ پيش آيو روايتن ۽ موجود سوانحي رڪارڊ موجب جڏهن هو تقريباً 9 مهينن جو هو ته سندن والد هزهائينس مير فيض محمد خان ٽالپر ثاني جي بندوق مان حادثاتي طور تي هلندڙ هڪ گولي کين لڳي اها گولي سندن جسم کي چيريندي (جنهن دوران ساڄي ڦِڦڙ ۽ معدي کي نقصان پهتو) پٺيءَ واري حصي مان ٻاهر نڪري وئي ۽ حيرت انگيز طور تي هو هن خطرناڪ حادثي مان بچي ويو اهو واقعو سندن زندگيءَ جي انهن شروعاتي واقعن ۾ شمار ٿئي ٿو جن کي سندن خاندان ۽ سوانح نگار وڏي اهميت ڏين ٿا.

تعليم ۽ تربيت: مير علي مراد خان ٽالپر ثاني پنهنجي ابتدائي تعليم حيدرآباد جي سينٽ بونا وينچر هاءِ اسڪول (St. Bonaventure's High School) مان حاصل ڪئي ان کان پوءِ هن لاهور جي ايچيسن ڪاليج (Aitchison College) ۾ تعليم حاصل ڪئي جتي هن سينيئر ڪيمبرج جو امتحان پاس ڪيو بعد ۾ 1950ع ۾ هو اعليٰ تعليم لاءِ برطانيا ويو ۽ ڪيمبرج يونيورسٽي ۾ تعليم حاصل ڪئي اهڙي طرح سندن تعليمي پسمنظر ۾ برصغير جي مشهور ادارن ۽ هڪ مشهور برطانوي يونيورسٽيءَ جي تجربن جو ميلاپ شامل هو.

پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو دور: پاڪستان جي قيام کان پوءِ خيرپور رياست نئين مملڪت پاڪستان سان الحاق ڪيو خيرپور رياست جو پاڪستان سان الحاق 3 آڪٽوبر 1947ع تي عمل ۾ آيو جيتوڻيڪ ته ان وقت مير علي مراد خان ٽالپر ثاني ننڍي ڄمار جو هو ان ڪري الحاق بابت سرڪاري ڪارروائي "ريجينسي" (ننڍي ڄمار حڪمران جي دور ۾ انتظام هلائڻ واري) نيابتي انتظام تحت سرانجام ڏني وئي ان طريقي سان خيرپور پاڪستان سان الحاق ڪندڙ رياستن ۾ شامل ٿي وئي جيتوڻيڪ ڪجهه عرصي تائين ان پاڪستان جي اندر پنهنجي الڳ رياستي حيثيت ۽ اندروني انتظامي اختيار برقرار رکيا.

1951ع ۾ مڪمل حڪومتي اختيار: مير علي مراد خان ٽالپر ثاني بالغ ٿيڻ جي حڪومتي اختيارن ۾ نمايان واڌارو آيو 1951ع ۾ پاڪستان جي وزيراعظم لياقت علي خان خيرپور جو دورو ڪيو ۽ هڪ باضابطا تقريب ۾ رياست جو مڪمل حڪومتي اختيار مير علي مراد خان ٽالپر ثاني جي حوالي ڪيو. ان وقت سندن عمر تقريباً ارڙهن سال هئي تاريخي رڪارڊ موجب وزيراعظم لياقت علي خان کين حڪمرانيءَ جا مڪمل اختيار مليا ۽ ان موقعي تي 17 توپن جي سلامي ڏني وئي. تقريب ۾ ڪلام پاڪ جي تلاوت شامل هئي ۽ مير علي مراد خان ٽالپر ثانيءَ کي باضابطا طور تي مڪمل حڪومتي اختيار سونپيو ويو. اهو واقعو سندن زندگيءَ ۾ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيو ڇاڪاڻ ته هو صرف هڪ نامزد حڪمران رهڻ بدران رياستي معاملن تي خودمختيار اختيار رکندڙ حڪمران طور سامهون آيا.

خيرپور رياست جو آخري حڪمران: هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپر ثانيءَ جي حڪومتي دور ۾ خيرپور ۾ مختلف سياسي ۽ انتظامي تبديليون رونما ٿيون. رياست اندر جديد طرز حڪمراني اختيار ڪرڻ ۽ انتظامي سڌارا لاڳو ڪرڻ طرف پڻ اڳڀرائي ڪئي وئي. 1953ع ۾ خيرپور رياست جي انتظامي ڍانچي ۾ وڌيڪ آئيني تبديليون آنديون ويون ۽ حڪومت کي هڪ نئين آئيني فريم ورڪ تحت هلائڻ جون ڪوششون ڪيون ويون. دستياب تاريخي رڪارڊ موجب سندس انتظاميا رياست کي پاڪستان جي وفاقي نظام سان هم آهنگ ڪرڻ ۽ انتظامي معاملن ۾ عوامي شموليت وڌائڻ لاءِ قدم کنيا. ان هوندي به 1954ع ۾ خيرپور رياست جو مستقبل جو مسئلو "ون يونٽ (One Unit)" جي منصوبي سان ڳنڍجي ويو 10 نومبر 1954ع تي خيرپور اسٽيٽ اسيمبليءَ مغربي پاڪستان جي تجويز ڪيل "ون يونٽ" ۾ ضم ٿيڻ جي حق ۾ اتفاق راءِ سان هڪ قرارداد منظور ڪئي ان کانپوءِ 1955ع ۾ "ون يونٽ" جو قيام عمل ۾ آيو ۽ خيرپور جي هڪ الڳ رياست واري حيثيت ختم ٿي وئي. اهڙي طرح هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپر ثاني جي باضابطا حڪمرانيءَ جو دور اختتام پذير ٿيو ۽ هو تاريخ ۾ خيرپور رياست جي آخري حڪمران طور سڃاتو ويو.

فوجي اعزاز: هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپر ثانيءَ جو پاڪستان آرمي سان تعلق رهيو ۽ کين "آنريري ليفٽيننٽ ڪرنل (Honorary Lieutenant-Colonel)" جو اعزازي عهدو ڏنو ويو. سندن فوجي ۽ شاهي حيثيت جي مڃتا طور مليل اهو اعزاز سندن سوانح حيات جو هڪ اهم حصو آهي.

ازدواجي زندگي: هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپر ثاني ٻه شاديون ڪيون سندن پهرين گهرواري بيگم غلام صديقه صاحبه هئي جن جو تعلق بهاولپور رياست جي حاڪم نواب صادق محمد خان عباسي (پنجون) جي خاندان سان هو سندن شادي 1958ع ۾ ٿي هئي جيتوڻيڪ اها شادي بعد ۾ طلاق تي ختم ٿي وئي سندن ٻي گهرواري بيگم عليه ٽالپر هئي جيڪا برصغير جي ناميارا مذهبي عالم، فلاسفر ۽ خطيب علامه رشيد ترابي جي صاحبزادي هئي ٻي شاديءَ مان کين ٻه پٽ هر هڪ صاحبزاده مير عباس رضا خان ٽالپر ۽ صاحبزاده مير مهدي رضا خان ٽالپر ۽ هڪ ڌيءَ زهره بيگم صاحبه اولاد ٿيو.

عليه ٽالپر جي وفات: بيگم عليه ٽالپر فيبروري 2019ع ۾ ڪراچي جي "سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورالاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن (SIUT)" ۾ وفات ڪري وئي ڊان اخبار جي هڪ رپورٽ مطابق هوءَ ڊگهي عرصي کان گردن جي بيماريءَ ۾ مبتلا هئي ۽ ڪيترن ئي سالن کان کيس ڊائلاسز (dialysis) ٿي رهيو هو هوءَ خيرپور جي تاريخي "فيض محل" ۾ مذهبي محفلون منعقد ڪرائڻ جي حوالي سان پڻ مشهور هئي ان کان علاوه هوءَ تعليمي ۽ فلاحي سرگرمين ۾ پڻ حصو وٺندي رهندي هئي.

اهلبيت (ع) سان عقيدت ۽ عزاداريءَ جي روايت: خيرپور جي سهرابائي ٽالپر خاندان جي تاريخ ۾ شيعا مذهبي روايتن موجب اهلبيت (ع) سان عقيدت ۽ امام حسين (ع) جي ياد ۾ "عزاداري" جي ادائگيءَ کي نمايان حيثيت حاصل رهي آهي محرم جي مهيني دوران منعقد ٿيندڙ مختلف مذهبي سرگرميون ٽالپر حڪمران خاندان جي تاريخي روايتن جو هڪ اهم حصو رهيون آهن مير علي مراد خان ٽالپر ثاني جي حڪومت ۾، ان کانپوءِ به فيض محل ۽ خاندان جي ٻين مرڪزن تي محرم مجلسن ۽ مذهبي گڏجاڻين جي انعقاد جو سلسلو جاري رهيو سندن گهرواري، بيگم صاحبه عليه ٽالپر پڻ انهن مذهبي محفلن جي انتظام ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪيو.

فيض محل: ٽالپر ورثي جي نشاني: فيض محل خيرپور جي ٽالپر دور جي هڪ اهم تاريخي عمارت آهي ان جي تعمير مير سهراب خان ٽالپر 1798ع ۾ ڪرائي هئي اها عمارت خيرپور رياست جي شاهي محل واري احاطي جو مرڪزي حصو هئي ۽ حڪمران جي "دربار" طور استعمال ٿيندي هئي. هن محل ۾ حڪمران جا رهائشي حصا، درٻارين ۽ مهمانن لاءِ ڪمرا، هڪ عاليشان "دربار هال" ۽ ٻيون شاهي سهولتون موجود هيون. سنڌ جي سرڪاري سياحتي دستاويزن مان پڻ تصديق ٿئي ٿي ته فيض محل 1798ع ۾ مير سهراب خان جي دور حڪومت ۾ تعمير ڪيو ويو هو. رياستي حڪومت جي خاتمي کان پوءِ به فيض محل ٽالپر خاندان سان لاڳاپيل رهيو ۽ مير علي مراد خان ٽالپر ثاني ۽ سندن خاندان جي رهائش گاهه طور پنهنجي تاريخي اهميت برقرار رکيائين.

مهراڻو جهنگلي جيوت جي تحفظ جو هڪ ورثو: هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپر ثاني جي شخصيت جو هڪ اهم پاسو ماحولياتي ۽ جهنگلي جيوت جي تحفظ لاءِ سندن عزم هو. خيرپور ويجهو واقع "مهراڻو" وارو علائقو تاريخي طور تي ٽالپر خاندان جي ذاتي شڪار گاهن ۽ جنگلاتي علائقن جو حصو رهيو آهي. بعد ۾ ان کي جهنگلي جيوت جي تحفظ لاءِ استعمال ڪيو ويو. دستياب رڪارڊ موجب هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپر ثاني ان علائقي ۾ شڪار تي پابندي لڳائڻ ۽ جهنگلي جيوت جي تحفظ کي اوليت ڏيڻ واريون پاليسيون لاڳو ڪيون. جنهن جي نتيجي ۾ اهو ڪارو هرڻ (Blackbuck)، چنڪارا، جهنگلي سوئر ۽ ٻين جانورن جي نسلن لاءِ هڪ اهم پناهه گاهه بڻجي ويو. ان ڪري مهراڻو کي هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپر ثاني جي ماحولياتي ورثي جو هڪ اهم حصو قرار ڏئي سگهجي ٿو جڏهن ته ان کي "عالمي سطح تي مشهور محفوظ علائقو" قرار ڏيڻ بدران ان کي هڪ اهم مقامي ۽ علائقائي جهنگلي جيوت جي پناهه گاهه طور بيان ڪرڻ وڌيڪ مناسب ۽ تاريخي طور تي درست آهي.

تاريخي ورثو ۽ آخري دور: رياستي خودمختياري جي خاتمي کان پوءِ مير علي مراد خان ٽالپر ثاني هڪ سياسي حڪمران جي حيثيت ته وڃائي ويٺو پر هن خيرپور جي تاريخي، خانداني ۽ ثقافتي ورثي سان پنهنجو تعلق برقرار رکيو هو ٽالپر خاندان جي آخري حڪمران جي حيثيت ۾ هو ان دور جي آخري زنده علامت هو جڏهن خيرپور هڪ خودمختيار رياست طور قائم هئي.

وفات: هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپر ثاني ٻه ڏينهن اڳ، يعني 5 آڪٽوبر 2026ع تي سکر جي هڪ خانگي اسپتال ۾ وفات ڪري ويو آهي سندن وفات جي تصديق هن جي پٽ صاحبزاده مير مهدي رضا خان ٽالپر ڪئي سندس وفات سان گڏ خيرپور جي رياستي تاريخ جي هڪ اهم دور جي پڄاڻي ٿي وئي آهي.

تاريخي اهميت ۽ ورثو: هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپر ثاني جي تاريخي اهميت صرف ان حقيقت تائين محدود ناهي ته هو خيرپور رياست جو آخري حڪمران هو سندن زندگي ڪيترن ئي اهم تاريخي سنگ ميلن جو مرڪز رهي برطانوي هندستان جا آخري ڏينهن ۽ پاڪستان جو قيام، خيرپور رياست جو پاڪستان سان الحاق، رياستي خودمختياري جو دور، 1951ع ۾ مڪمل انتظامي اختيارن جي سنڀال ۽ آخرڪار "ون يونٽ" جي نتيجي ڪانپوءِ رياستي اختيارن جو خاتمو اهي سڀئي مرحلا هڪجهڙا نظر اچن ٿا هن جو نالو هميشه خيرپور جي تاريخ، فيض محل، ٽالپر تهذيب ۽ مهراڻو جي ماحولياتي ورثي سان جڙيل رهندو.

الله تعاليٰ کان دعا آهي ته مير علي مراد خان ٽالپر ثاني جو روحاني درجو بلند فرمائي کين مغفرت ۽ پنهنجي رحمت ۾ جاءِ عطا فرمائي الله تعاليٰ حضرت محمد ﷺ ۽ آلِ محمد جي صدقي کيس خاص رحمت نازل فرمائي.

سٺي حڪمرانيءَ لاءِ سول سروس ۾ سڌارا ضروري آهن

شاهد ڪاردار

اڄڪلهه عام طور تي اها ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته اسان جي حڪومتي نظام ۽ حڪومت جي جوڙجڪ ۾ جيڪي سڌارا ڪافي عرصي کان رڪيل آهن. انهن تي هاڻي جلدي ڪم شروع ڪرڻ گهرجي. پر انهن سڌارن بابت جيڪي تجويزون عام طور ڏنيون وڃن ٿيون. اهي گهڻو ڪري رڳو عام ڳالهيون هونديون آهن. مثال طور چيو ويندو آهي ته سرڪاري ادارن کي خانگي شعبي حوالي ڪيو وڃي، ملڪ جون برآمدات وڌايون وڃن ۽ ملڪ جي مجموعي آمدني جي مقابلي ۾ ٽيڪس مان حاصل ٿيندڙ آمدني جو حصو وڌايو وڃي. پر حڪومت جيڪا تمام گهڻو خرچ ڪري ٿي ان خرچ کي گهٽائڻ يا ان کي بهتر طريقي سان هلائڻ بابت ڪا واضح ۽ عملي تجويز ڏني ويندي آهي. ساڳئي طرح اهو به واضح نه ڪيو ويندو آهي ته اهي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت کي ڪهڙيون عملي پاليسيون اختيار ڪرڻ گهرجن. ڪهڙا قدم کڻڻ گهرجن ۽ سرڪاري ادارن جي انتظام ۽ جوڙجڪ ۾ ڪهڙيون تبديليون آڻڻ گهرجن. يعني رڳو مقصد ٻڌايا وڃن ٿا پر انهن مقصدن تائين پهچڻ جو عملي طريقو واضح نٿو ڪيو وڃي.

ڪنهن به حڪومتي نظام جو ڪم ڪرڻ ۽ ان مان نڪرندڙ نتيجا گهڻو ڪري ڪجهه اهم ڳالهين تي دارومدار رکن ٿا. مثال طور، رياست جو ڍانچو ڪهڙو آهي، حڪومت جون ذميواريون ۽ ڪم ڪهڙا آهن. حڪومت جو دائرو ڪيترو آهي ۽ وفاقي، صوبائي ۽ مقامي حڪومتن وچ ۾ عوام کي سهولتون ڏيڻ ۽ انتظامي ذميواريون ۽ انتظامي توڙي مالي اختيار ڪيئن ورهايل آهن پر هتي منهنجي ڳالهه رڳو هڪ اهم مسئلي تائين محدود آهي ۽ اڳتي آئون ان ئي مسئلي جي حل بابت ڳالهائڻ چاهيان ٿو منهنجي نظر ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم سول سروس (سرڪاري ملازمن ۽ آفيسرن جو نظام) ۾ سڌارا آڻڻ آهن. ڇاڪاڻ ته اهي سڌارا سڄي حڪومتي نظام ۾ بهتري جو بنياد بڻجي سگهن ٿا. مون سميت ڪجهه تجزيه نگارن جو خيال آهي ته جيڪڏهن سول سروس ۾ سڌارا نه آندا ويا ته ملڪ ۾ وڌيڪ منصفاڻي معاشي ترقيءَ جو مقصد حاصل ڪرڻ ڏکيو ٿيندو. رياست جا ڪم هلائڻ وارا ادارا ۽ نظام ايترا ڪمزور ۽ غير اثرائتا ٿي چڪا آهن جو انهن جي بنيادي ڍانچي ۾ وڏي تبديلي آڻڻ کانسواءِ عوام کي بهتر سهولتون ڏيڻ ممڪن نه ٿيندو. ان ڪري سول سروس جي موجوده ڍانچي کي به نئين سر ترتيب ڏيڻو پوندو ته جيئن سرڪاري ملازمن جي پيشه ورانه صلاحيت، ڪم ڪرڻ جي قابليت ۽ ڪارڪردگي وڌيڪ بهتر ٿي سگهي.

سول سروس جي ڍانچي ۽ ان ۾ سڌارا آڻڻ جون ڪوششون: سول سروس يعني سرڪاري آفيسرن ۽ ملازمن جو نظام ڪيترن ئي مختلف گروپن ۽ سروسز تي ٻڌل آهي انهن مان اهم گروپ هي آهن: پاڪستان ايڊمنسٽريٽو سروس (PAS)، جنهن کي ڪجهه وقت اڳ DMG ان کان به اڳ CSP چيو ويندو هو، آفيس مئنيجمينٽ گروپ (OMG)، پوليس، انٽرنل روينيو سروس، فارن افيئرز، اڪنامڪ ۽ ڪامرس گروپ وغيره انهن سڀني مان پاڪستان ايڊمنسٽريٽو سروس (PAS) کي سڀ کان مٿانهين حيثيت حاصل آهي ملڪ جي انتظامي ۽ معاشي معاملن جي ڪيترن ئي اهم عهدن تي هن سروس جا آفيسر مقرر ٿيندا آهن. وفاقي حڪومت ۾ ڪجهه اهم عهدا آفيس مئنيجمينٽ گروپ (OMG) وٽ به هوندا آهن. حڪومت هلائڻ لاءِ موجوده سرڪاري ادارن ۽ سروسز جو هيءُ ڍانچو ڪنهن باقاعده منصوبابندي يا ڊگهي مدي واري حڪمت عملي تحت تيار نه ڪيو ويو هو يعني شروع کان اِهو ويهي طئي نه ڪيو ويو ته حڪومت جا ڪهڙا ڪم سڀ کان وڌيڪ اهم آهن ۽ انهن لاءِ ڪهڙي قسم جو سرڪاري نظام هجڻ گهرجي پاڪستان جڏهن آزاد ٿيو ته حڪومت هلائڻ جو جيڪو انتظامي نظام اڳ ۾ موجود هو اهو ئي گهڻو ڪري ورثي ۾ مليو. ان کانپوءِ وقت سان گڏ ملڪ اندر ۽ ٻاهر پيدا ٿيندڙ مختلف حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ هن نظام ۾ ڪيترين ئي تبديليون ڪيون ويون.

انهن تبديلين جا اهم سبب هي رهيا آهن: (الف) وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن وچ ۾ آئين تحت ڪم، اختيارن ۽ قانون سازي جي ورهاست. (ب) حڪومت جون وقت سان تبديل ٿيندڙ ترجيحون ۽ مخصوص مسئلن لاءِ عارضي فيصلا (ج) دنيا جي معاشي، سماجي ۽ سياسي حالتن ۾ تبديليون، گلوبلائيزيشن، جديد طرزِ حڪمراني ۽ عالمي مالياتي ادارن جون گهرجون. (د) سياسي ضرورتون ۽ ملڪ اندر موجود سماجي ۽ سياسي دٻاءُ گذريل ڪيترن ئي سالن دوران سرڪاري انتظامي نظام ۾ سڌارن لاءِ ٻن درجن کان وڌيڪ ڪميشنون ۽ ڪميٽيون ناهيون ويون، جن جو مقصد سول سروس جي ڍانچي، سرڪاري ادارن جي ڪم ۽ اختيارن بابت جامع حڪمت عملي تيار ڪرڻ ۽ عوام کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ هو. پر عملي طور انهن جو گهڻو ڌيان سرڪاري ملازمن جي ڀرتي، تربيت، ترقي، پگهارن، الائونسز مقررين، بدلين ۽ شڪايتن تائين محدود رهيو نتيجي ۾ سرڪاري نظام جي مجموعي ڪارڪردگي ۾ ڪا وڏي بهتري نه اچي سگهي موجوده نظام ۾ ڪم وقت تي مڪمل ڪرڻ کي به خاص اهميت حاصل ناهي فائيلن کي مهينن تائين روڪڻ يا ڪم ۾ دير ڪرڻ تي عام طور ڪا خاص سزا نٿي ملي ڪيترن ئي سرڪاري معاملن لاءِ مختلف آفيسن ۽ آفيسرن کان منظوري وٺڻي پوي ٿي ۽ پيچيده ڪاغذي ڪارروائي مان گذرڻو پوي ٿو مثال طور، ڪيترن ڪمن لاءِ CNIC جون درجنين فوٽو ڪاپيون گهريون وڃن ٿيون، جڏهن ته ملڪ ۾ اڳ ئي بايوميٽرڪ تصديقي نظام موجود آهي. اڳتي هلي بحث جو وڏو حصو اهڙي سرڪاري نظام تي هوندو جنهن ۾ اختيار اڃا تائين وڏي حد تائين مرڪز ۾ گڏ ٿيل آهن. جيتوڻيڪ 18هين آئيني ترميم تحت ڪيترائي اختيار صوبن ڏانهن منتقل ڪيا ويا هئا. ان سان گڏ انهن پراڻن قانونن ۽ ضابطن تي به غور ڪيو ويندو جيڪي معاشي سرگرمين ۾ غيرضروري رڪاوٽون پيدا ڪن ٿا. ڇو ته ماڻهن ۽ ڪاروبارن جي معاشي سرگرمي وڌڻ سان ئي ملڪ جي GDP ۾ واڌارو ٿئي ٿو. تنهنڪري غيرضروري رڪاوٽون معاشي ترقي کي محدود ڪن ٿيون ان کان علاوه، سرڪاري آفيسرن جي پگهارن، الائونسز ۽ ٻين مراعتن جو نظام به بحث هيٺ ايندو جيڪو ڪيترن معاملن ۾ واضح نه هجڻ باوجود ڪافي سخاوت وارو آهي. پاڪستان ايڊمنسٽريٽو سروس (PAS) جا آفيسر انهن مان ڪيترن ئي سرڪاري ڍانچن ۽ نظامن ۾ اهم عهدن تي ڪم ڪن ٿا.

هن سڄي نظام جو ٻيهر جائزو وٺڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته حڪومت جون ذميواريون ضرورت کان گهڻيون وڌي ويون آهن ۽ انهن تي تمام گهڻو سرڪاري پئسو خرچ ٿئي ٿو. حڪومت جو وڌايل ڪم ان جي اصل ڪردار ۽ موجوده افرادي قوت جي صلاحيت کان به وڌيڪ آهي. جڏهن ته موجوده نظام تيزيءَ سان بدلجندڙ ٽيڪنالاجي ۽ عالمي مارڪيٽن سان به صحيح نموني هم آهنگ ناهي. سرڪاري سروس ۾ ڪيترن سالن کان محڪما، آفيسون، عهدا ۽ ادارا وڌائڻ جو رجحان رهيو آهي نوان ادارا ۽ نوڪريون ناهڻ آسان، پر هڪ ڀيرو ادارو يا عهدو قائم ٿيڻ کانپوءِ ان کي ختم ڪرڻ ڏکيو ٿي وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته ان سان لاڳاپيل ماڻهو ان کي جاري رکڻ جي حمايت ڪن ٿا. مختلف حڪومتن به ڪيترن ئي معاملن ۾ حڪومت کي روزگار ورهائڻ جو ذريعو بڻايو آهي، جڏهن ته حڪومت جو اصل ڌيان نيون سرڪاري نوڪريون ڏيڻ بدران ملڪ ۾ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ تي هجڻ گهرجي. سرڪاري ادارن ۾ چپڙاسي، ڊرائيور، چوڪيدار ۽ ڪلارڪ وغيره وڏي تعداد ۾ موجود آهن. ضرورت کان وڌيڪ ڀرتي جو اندازو ان ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته ضابطن موجب هڪ ئي غسل خاني جي صفائي لاءِ مختلف ڪمن خاطر ٽن قسمن جا ملازم گهربل سمجهيا وڃن ٿا. ان سان گڏ سرڪاري ملازمن کي مختلف قانوني حق ۽ مراعتون حاصل آهن. ظاهري طور اهي حق ملازمن جي تحفظ لاءِ آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن انهن جو اثر عام شهرين تي پوي ٿو ڇاڪاڻ ته عوام کي اسڪول، صحت ۽ ٻيون ضروري سهولتون ڏيڻ بدران سرڪاري پئسو ملازمن جي پگهارن، مراعتن ۽ ٻين فائدن تي وڌيڪ خرچ ٿئي ٿو. نتيجي طور سول سروس جو ڌيان آهستي آهستي عوام کي سهولتون ڏيڻ بدران سرڪاري ملازمن جي مفادن، ضرورتن ۽ فائدن جي جوڙجڪ تائين محدود ٿيندو ويو آهي.

اڄوڪو ڏينهن ---- 07 آڪٽوبر

حيدر بخش جتوئي

اڄ هارين جي حقن جي علمبردار ۽ انقلابي شاعر حيدربخش جتوئيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي سنڌ جي هن مهان هاري اڳواڻ جو جنم 7 آڪٽوبر 1901ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ بکي ديري ۾ ٿيو ڪجهه حوالن ۾ (مثال طور مهراڻ رسالي جي شاعر نمبر ۾) سندس جنم جي تاريخ 7 آڪٽوبر بجاءِ 10 آڪٽوبر پڻ لکي وئي آهي هن ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان گريجوئيشن ڪئي هن 1924ع ۾ روينيو کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪئي 1931ع ۾ مختيارڪار ۽ 1941ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو سنڌ جي غريب عوام ۽ خاص طور تي غريب هارين سان ٿيندڙ ظلمن ۽ زيادتين کي ڏسندي پاڻ ڊپٽي ڪليڪٽر جهڙي اهم عهدي تان استعيفا ڏئي سنڌ هاري ڪميٽيءَ سان لاڳاپجي ويو پاڻ انهيءَ ڪميٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو ۽ "هاري حقدار" جي نالي سان هڪ اخبار جاري ڪيائين سندس سرواڻيءَ هيٺ انهيءَ ڪميٽيءَ سنڌ جي هارين ۽ ڏتڙيل عوام جي ڀلائيءَ لاءِ لاثاني ڪردار ادا ڪيو ۽ غريب هارين ۾ پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ شعور پيدا ڪيو هو هڪ مدبر سياستدان ۽ باشعور اڳواڻ هجڻ سان گڏ هڪ بلند پائي جو شاعر، مضمون نگار ۽ ڪالم نگار پڻ هو هن شاهڪار نظم لکيا، جيڪي سنڌي ادب جو وڏو سرمايو آهن هن مختلف موضوعن تي 21 کان وڌيڪ ننڍا ۽ وڏا ڪتاب لکيا هن عظيم اڳواڻ 21 مئي 1970ع تي وفات ڪئي سندس وصيت مطابق سندس جسد خاڪيءَ کي غلام شاهه ڪلهوڙي جي مزار جي احاطي ۾ دفنايو ويو.



پشپا پاوناڻي

پشپا پاوناڻي هندستان جي مشهور سنڌي گلوڪاره هئي. هوءَ 7 آڪٽوبر 1939ع تي ڪراچيءَ ۾ ڄائي، ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي ماڻٽن سان گڏ هندستان هلي وئي، هن پنڊت بوا دت، استاد چاند خان، استاد ڪان موتيهر ۽ ديوان موتيهر جهڙن وڏن ڪلاڪارن ۽ موسيقارن کان راڳ جي سکيا ورتي. هن سنڌي، هندي، پنجابي ۽ هندستان جي مختلف مقامي ٻولين ۾ سُر وکيريا ۽ داد حاصل ڪيو. هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي به پنهنجي آواز جو جادو جاڳايو. هوءَ ڪيترن ئي فن ۽ ثقافت سان لاڳاپيل تنظيمن ۽ ادارن جي ميمبر رهي، جن ۾ سنڌو آرٽس، سهڻي، سنڌو ڪلا سنگم، مهراڻ ۽ ٻيون تنظيمون شامل آهن. هن عمر جي پڇاڙڪي حصي ۾ نوجوان ۽ سيکڙو ڪلاڪارن کي لوڪ گيت ۽ صوفي ڪلام ڳائڻ جي سکيا لاءِ هڪ ادارو کوليو. آخرڪار 6 آگسٽ 2021ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو.



ناظم منگي

سنڌ جي هن سرموڙ شاعر 10 آڪٽوبر 1939ع تي ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ ٽڙٽي محبت ۾ اکيون کوليون سندس ڇٺيءَ جو نالو امان الله ولد محمد بچل منگي هو هن پرائمري تعليم ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ نئين گڏ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏوڪريءَ مان ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين هن زراعت کاتي ۾ فيلڊ اسسٽنٽ طور نوڪري ڪئي ۽ وفات کان ڪجهه عرصو پهريائين رٽائر ٿيو هو ننڍي هوندي کان ئي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. خاص طور تي غزل سندس من پسند صنف هئي شاعريءَ ۾ احمد خان آصف کي پنهنجو استاد مڃيندو هو هن 13 جولاءِ 1998ع تي شام جو ڇئين وڳي لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر پورو ڪيو ٽڙٽي محبت جي ادبين سندس ياد ۾ "ناظم يادگار ڪميٽي" قائم ڪئي سندس شاعريءَ جا ٻه مجموعا "داستان محبت" ۽ "سنڌوءَ چوليون" ڇپجي چڪا آهن.



سيد انور علي شاهه

ضلعي نوشهري فيروز جي پريا شهر جي هن مشهور سماجي ۽ سياسي شخصيت جو مختصر سوانحي خاڪو محترم نصير اعجاز جي ترتيب ڏنل ڪتاب "ڀهراور کان پريا- تاريخ جو سفر" ۾ ڏنل آهي سيد انور علي شاهه جو جنم 7 آڪٽوبر 1940ع تي ٿيو سندس والد سيد مراد علي شاهه به پريا جو مشهور سماج سڌارڪ ۽ سياستدان هو هن مئٽرڪ جو امتحان 1958ع ۾ ڏاڪري پاس ڪيو کيس زميندارِيءَ سان گڏ ڪتابن ۽ رسالن پڙهڻ جو گهڻو شوق هو هن جنرل ايوب خان جي دور ۾ ٿيل بي ڊي اليڪشن کٽي پريا جي ٽائون ڪميٽيءَ جي چيئرمين طور ذميداريون سنڀاليون هن 6 اپريل 2022ع تي هي جهان ڇڏيو.



ڊاڪٽر حافظ غلام محمد ڏاهري

هن نليواري تعليمدان، عالم ۽ اديب اڄوڪي ڏينهن تي 1958ع ۾ تعلقي قاضي احمد ضلعي شهيد بينظيرآباد جي ڳوٺ سوبي ڏاهريءَ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو هن شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ مان فارسيءَ ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪئي ان کان علاوه سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (اسلامڪ ڪلچر) ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون حاصل ڪيائين پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪيائين ۽ 2018ع ۾ ڪاليج پروفيسر طور رٽائر ٿيو هو هڪ بهترين سنڌيڪار ۽ عالم آهي سندس ترجمون ڪيل ڪتابن ۾ "نبراس تصاريف فارسيه"، "سراج المصلي" ۽ "المورد المحمدي مع تڪمله" شامل آهن.


مختيار انڙ

محمد علي حداد

اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ حضرت سچل سرمست رحه جي شاعريءَ جي پارکوءَ محمد علي حداد جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن نليواري انسان جو جنم 14 آگسٽ 1939ع تي خيرپور ميرس ۾ ٿيو 1970ع واري ڏهاڪي ۾ خيرپور جي مشهور ناز پائيليٽ هاءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو هن کي حضرت سچل سرمست رحه جي شاعري، خيرپور رياست جي تاريخ ۽ انهيءَ رياست جي تاريخي ماڳن ۽ مڪانن سان گهري دلچسپي هئي هو ادبي رسالن "سرمست" ۽ "آشڪار" سان ٻانهن ٻيليءَ طور لاڳاپيل رهيو هن ڪجهه وقت شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ به ڊيپوٽيشن تي ڪم ڪيو هن جي تصنيف ٿيل ڪتابن ۾ "سچل ببليوگرافي"، "حاميءَ جو ڪلام"، "محمد علي حداد جا مقالا" ۽ "تاريخ خيرپور" (اڻ مڪمل) شامل آهن هن 7 آڪٽوبر 1999ع تي لاڏاڻو ڪيو.



محمد پريل ڪلهوڙو

خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙو دادو ضلعي جو مشهور سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ۽ وڏو زميندار هو. سندس زندگيءَ جو احوال سائين جي ايم سيد جي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ پڙهي سگهجي ٿو هن جو جنم 1884ع ڌاري تعلقي ميهڙ جي ڳوٺ اگهاماڻي ۾ ٿيو سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيائين ان کان پوءِ تپيداريءَ جو ڪورس پاس ڪري روينيو کاتي ۾ تپيدار مقرر ٿيو پر 1935ع ۾ والد جي وفات کان پوءِ نوڪري ڇڏي پنهنجيون زمينون سنڀالڻ شروع ڪيائين سندس شمار پنهنجي تر جي انتهائي اثررسوخ وارن ماڻهن ۾ ٿيندو هو هن 2 ڀيرا دادو ضلعي جي لوڪل بورڊ جي صدر طور پڻ ڪم ڪيو هن پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ديني مدرسو قائم ڪيو جتي تر جا غريب شاگرد مفت ۾ تعليم حاصل ڪندا هئا. محمد پريل ڪلهوڙي 7 آڪٽوبر 1946ع تي وفات ڪئي.

حاجي نبي بخش جوڻيجو

اڄ مشهور سياستدان ۽ سخي مرد حاجي نبي بخش جوڻيجي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو ضلعي دادو تعلقي خيرپور ناٿن شاهه جي ڳوٺ علي بخش جوڻيجي ۾ 24 ڊسمبر 1916ع تي ڄائو هن گورنمينٽ هاءِ اسڪول بوبڙيءَ مان سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ 1941ع ۾ پوليس ۾ صوبيدار مقرر ٿيو هن اها نوڪري فقط 5 سال ڪئي. بعد ۾ استعيفا ڏئي پاڪستان مسلم ليگ ۾ شامل ٿي آزاديءَ واري تحريڪ جو حصو بڻجي ويو هو 1970ع، 1988ع، 1990ع ۽ 1997ع وارين عام چونڊن ۾ سوڀارو ٿي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو هو پنهنجي سخاوت سبب سموري سنڌ ۾ مشهور هو هن جي اوطاق تي مسڪين ماڻهن کي ٽئي ويلا مفت ۾ ماني ملندي هئي هن 7 آڪٽوبر 2011ع تي هن دنيا مان هميشه لاءِ موڪلايو.



نقش ناياب منگي

اڄوڪي ڏينهن تي سنڌ جو هي ناميارو نثر نويس ۽ شاعر اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو هو هن سرت پرڻي ساهتڪار 7 ڊسمبر 1947ع تي شڪارپور ۾ اکيون کوليون. سندس ڇٺيءَ جو نالو حق نواز هو ۽ سندس والد جو نالو عبدالمجيد منگي هو هن ابتدائي تعليم شڪارپور جي مشهور هائيڊر پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي، مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪشمور ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان اسلاميه ڪاليج سکر مان پاس ڪيائين. هن عملي زندگيءَ جي شروعات پيج کاتي ۾ اڪائونٽس ڪلارڪ طور ڪئي هن ڪشمور ۾ پڙهڻ دوران پنهنجي استادن مرحوم شعبان بخت ۽ آذر ناياب جي صحبت ۽ سرپرستيءَ ۾ شعر لکڻ شروع ڪيا. سنڌيءَ سان گڏ سرائڪي ۽ اردوءَ ۾ به شاعري ڪيائين. اڳتي هلي شاعريءَ سان گڏ نثر ۾ به پنهنجو پاڻ موڪيائين. پاڻ شڪارپور هسٽاريڪل سوسائٽي ۽ سنڌ ليکڪ يادگار ڪميٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن رهيو هو ڪتاب محل پبليڪيشن جي باني ميمبرن مان هڪ هو سندس علمي پورهئي ۾ "شڪارپور صديان کان"، "شڪارپور سيمينار"، "شڪارپور تاريخ جي آئيني ۾"، "اسان جا اديب اسان جا شاعر" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. هن 7 آڪٽوبر 2011ع تي وفات ڪئي.



CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I سعيد آباد
(روبرو جناب عبدالستار)
فيملي سوٽ نمبر 01 سال 2026

مسمات شهنيلا ڌيءُ عبدالرئوف زال شفيع محمد ذات جمالي رهاڪو ڳوٺ ٻگو جمالي سعيدآباد ضلعو مٽياري ..پلينٽف..بخلاف.. شفيع محمد ولد الله بچايو مسلم بالغ ذات جمالي رهاڪو ڄام ناڪو هالا نيو تعلقو هالا ضلعو مٽياري ..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I سعيد آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات راڻي ..پلينٽف..بخلاف.. ضرار حسين ولد بلال بلوچ ذات رند رهاڪو ٽنڊو جهانيه گهر نمبر TJ-8 محلا جي بي او حيدرآباد ڪينٽ ضلعو حيدرآباد ..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار پاسٽ اينڊ فيوچر مينٽيننس آف پلينٽف اينڊ مائنر اينڊ رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز ۽ ڊاور اماؤنٽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 12-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج II ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 57 سال 2026

مسمات نجم ڌيءُ غلام مصطفيٰ زال پرويز علي (2) بيبي رقيه ڌيءُ پرويز علي (3) شاڪر علي پٽ پرويز علي وينل ڳوٺ نيڪ محمد رند تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص ..پلينٽف..بخلاف.. پرويز علي ولد ذوالفقار علي ذات رهاڪو ڳوٺ بچل رند ديهه 318 تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص ..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ڏاج جو سامان ميڊيڪل ۽ خرچي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج II ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج II ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 69 سال 2026

مسمات عظمه ڌيءُ غلام رسول مسلم بالغ ذات ڪبيري رهاڪو بلوچ ڪالوني ڏگهڙي ..پلينٽف..بخلاف.. انور ولد رفيق مسلم بالغ ذات ڪبيري ڳوٺ راڄپوتن جو ڳوٺ تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص ..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج II ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I-MTMC ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

شريمتي ڪانو ڌيءُ روپو زال پيمجي هندو بالغ ذات ڪولهي رهاڪو ڳوٺ محمد اسماعيل راڄڙ نزد 78 موري تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص 03052114596 ..پلينٽف..بخلاف.. پيمجي ولد پونو ذات ڪولهي رهاڪو ڳوٺ حمير خاصخيلي نزد مڪڙ سمون تعلقو شجاع آباد ضلعو ميرپورخاص ..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I-MTMC ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج IX حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1959 سال 2026

مسمات حليد بتول زال سجاد علي عرف توفيق رهاڪو يونٽ نمبر 040 حفظ ڏاٿون لطيف آباد سيل نمبر 03473530659 ..پلينٽف..بخلاف.. سجاد علي عرف توفيق ولد محمد رفيق رهاڪو ڪالي موري لالو لاشاري هالا ناڪ حيدرآباد 03152723034 ..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج III حيدرآباد
فيملي ايگزيڪيوشن 125 سال 2026 فيملي سوٽ نمبر 1608 سال 2025

مسمات منيزا ڌيءُ مير در محمد ٽالپر رهاڪو بنگلو نمبر 227 الرحيم ولاز نزد پٺاڻي نگر قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف..بخلاف.. محمد اقبال ولد محمد چنل رهاڪو گهر نمبر B-320 ٻاڙو پٺاڻي آباد بلاڪ نمبر 09 ڪراچي سائوٽ سيڪنڊ ايڊريس ڳوٺ حسن پنهور خدا آباد تعلقو ضلعو دادو ..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف فيملي ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13 فيملي ڪورٽ ايڪٽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج III حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج V حيدرآباد
(روبرو جناب فهد ڪلهوڙو)
(فيملي سوٽ نمبر 565 سال 2026)

ظل هما زال سعيد احمد ميمڻ رهاڪو فليٽ نمبر 706 8th فلور شياز ريزيڊينسي نزد گلستان سجاد ڄامشورو روڊ پي ايس پٺاڻي نگر قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف..بخلاف.. محمد اسماعيل سولنگي ولد حاجي جان محمد سولنگي رهاڪو فليٽ نمبر 08 سيڪنڊ فلور محلا حاجي ولي محمد صدر حيدرآباد ..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سيڪنڊ سول/ فيملي اينڊ گارڊين جج حيدرآباد
(گارڊين سوٽ نمبر سال 2026)

مسمات نسيما زال مرحوم محمد اعظم سهتو فرسٽ ايڊريس هيپي هومز قاسم آباد حيدرآباد ..ايپليڪينٽ..بخلاف.. جنرل پبلڪ ايٽ لارج اينڊ بيا ..اپونٽس (1) بيبي فاطمه ڌيءُ مرحوم محمد اعظم سهتو عمر 16 سال... مائنر

مٿين اپونٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/ فيملي اينڊ گارڊين جج حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته مان ظهير عباس ولد خادم حسين ذات ڪنبر وينل شهر ڏکڻ ضلعو شڪارپور، جيئن ته مان عرض ٿو ڪريان ته مان بينڪ ملازم آهيان حبيب بينڪ جو مان پنهنجي بينڪ مان هائوس لون ڪيو آهي ۽ آئون شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڳوٺ سيڪٽر 28 اسڪيم 23 گلشن اقبال ڪراچي ۾ مان جڳهه ورتي آهي جڳهه مالڪ جو نالو مختيار احمد ولد محمد عمر چند آهي ڪنهن به پاڙ ڪي يا پاڙي واري يا ڪنهن سان به ڏيتي ليتي يا ڪاغذات ۾ ڪو ڦٽو فساد آهي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن ۾ بينڪ ۾ اطلاع ڏئي هو نوٽيس صرف پبلڪ نوٽيس لاءِ آهي

ظهير عباس ولد خادم حسين ذات ڪنبر وينل شهر ڏکڻ ضلعو شڪارپور

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي رستم خان ولد ميرمحمد خان ذات ٽالپر درخواست ڏني آهي ته سندس والده نالي غلام سڪينه زال مير محمد خان ٽالپر تاريخ 14-07-2025تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه 320B تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ سروي نمبر 139/1,2,7,8,9,10,15,16 14/10 45/1to16, 56/1to15 16/30, 57/1to16, 58/1,2,7,8,9,10,15,16 مان (64-00)ء ٻيا مان ڪليل حصي موجب ايراضي 00-08 ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ امام واهه ديهه 320B ۾ ڪري آئي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) مير غلام حسين (2) مير رستم خان (3) مير سهراب خان (4) مير شاهد حسين (5) مسمات شاهه بانو هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڻي

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نذير ولد محمد عرس رهاڪو ڳوٺ چٽو ميربحر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي محمد عرس ولد ٽالو خان تاريخ 09-01-2019تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 6/5,5A,10/2 ايراضي 20-07 ايڪڙ ديهه راهوڪي تپو اي ٽنڊو قيصر تعلقو حيدرآباد جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) نذير (پٽ) (2) عباس علي (پٽ) (3) سلميٰ (ڌي) (4) نسرين (ڌي) . جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڻاٽڪ مير پورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري، معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته نالي مسمات خديجه بيواهه رمضان چند وينل ڳوٺ سومر چند تعلقو ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس گهروارو رمضان چند ولد محمد رفيق جيڪو ٽالپر ڪميٽي مٽياري ۾ حاضر ڪلارڪ هو ۽ فقه سني جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 09-09-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات خديجه چند (بيواهه) (2) غلام فاطمه (ڌي) (3) محمد رفيق چند (والد) (4) مسمات گلان چند (والده) جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي سڪندرعلي ولد عبدالرشيد مجيدانو 4180106437915 شاڪر الله ولد ممتاز علي چند 4180106568689 جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه هوندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي خير محمد ولد محمد حسين ذات هاليپوٽو درخواست ڏني آهي ته سندس نالي عبدالمجيد ولد علي محمد هاليپوٽو تاريخ 02-09-2011 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه 332 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ سروي نمبر 106/1,2, 7 to 10, 15,16 104/7 11to14, 113/3to6 ۽ ٻيا مان ڪليل حصي موجب ايراضي 35-16 ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ گل محمد هاليپوٽو ديهه 332 ۾ ڪري آئي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) خير محمد (پٽيئڙو) هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڻي

گمشده پاس بڪ بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي زرعي زمين جي اصل پاس بڪ تاريخ 15-09-2026 تي ڪٿي ڪري گم ٿي وئي آهي ڪافي تلاش باوجود ملي نه سگهيو آهي اهڙي اطلاع لاڳاپيل ٿاڻي پڻ درج ڪرائي آهي منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي

محمداسلم سمون ولد نور محمد رهاڪو ڳوٺ ڪاڪو ميرپور ٻي او هٽڙي تعلقو ضلعو حيدرآباد

بقايا | 1 | روزاني عبرت

ڪري ڇڏيو، جوابدار گرفتار ڪرڻ جو مطالبو جوابدارن عطا الله آريجو عارف آريجو ۽ ظاهر آريجو مقتول جو قتل ڪيو آهي بهارو ٿاڻي جي پوليس جي سستي سبب جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا آهن، عورتن ۽ ٻارڙن سميت روڊ تي ويٺل آهيون، جوابدار گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي، روڊ بند هجڻ سبب اينڊ وينڊ ٽريفڪ معطل ٿي وئي، مسافر سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا ڪافي ڪلاڪن بعد ڊي ايس پي گمبٽ جي يقين ڏياڻي بعد روڊ کوليو ويو

بقايا | 2 | روزاني عبرت

پکي ڪٽي رواڻو ٿي ويو هوڏانهن وائلڊ لائيف کاتي جا عملدار شڪارين خلاف ڪارروائي ڪرڻ کان قاصر بڻيل آهن جنهن سبب شڪاري بي خوف ٿي ناياب پکين جو شڪار سرعام شڪار ڪرڻ بعد کين وڪرو ڪري رهيا آهن هوڏانهن هڪ شڪاري ٽولي جي اڳواڻ ٽالو ظاهر نه ڪرڻ جي شرط تي ٻڌايو ته ٻازن جو ڪاروبار انٽرنيشنل سطح تي ڪيو وڃي ٿو هن ٻڌايو ته وائلڊ لائيف کاتي جي ضلع عملدار سميت مٿي ليول جا عملدار به باز پڪڙڻ بعد حصو پتي وٺن ٿا.

بقايا | 3 | روزاني عبرت

سان ڪافي عرصي کان تڪرار هلندڙ هو جڏهن ته مڙس پاران وقتن به وقتن ڪيس مبينا طور مارڪٽ ۽ ذهني اذيت پڻ ڏني ويندي هئي جنهن سبب عورت مڙس جو گهر ڇڏي ڪجهه عرصي کان پنهنجي والدين وٽ رهندي هئي فوتي عورت جي والد وڌيڪ الزام لڳائيندي چيو ته سندس ڌيائي پاران مڙس خلاف خلع جو ڪيس فيملي ڪورٽ نوشهروفيروز ۾ پڻ هلندڙ هو وارثن موجب گذريل رات مڙس ۽ سندس پيئرن پاران فون ڪالز ذريعي مبينا طور ڌاري کي ذهني ٽارچر ۽ ڌمڪيون ڏنيون ويون جنهن ڪانپوءِ ڌاري انتهائي قدم کڻندي مبينا طور زهر پي ڇڏيو وارثن جو الزام آهي ته نوجوان عورت جي موت جا ذميوار سندس مڙس ۽ سندس خاندان جا ڀاتي آهن هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي ملوث ماڻهن خلاف فوري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ قتل جي ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي ٻئي طرف مورو پوليس فوتي عورت جو لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي ضروري قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم لاءِ مورو اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي پوليس موجب اصل حقيقتون جاچ ۽ پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ بعد وڌيڪ واضح ٿينديون.

بقايا | 4 | روزاني عبرت

حسين پٽ ايوب ڪنهن عبدالواحد پٽ وحيد علي، حوران زال ذوالفقار ماجده زال سليم ٻگهيو ۽ رڪشا ڊرائيور سخت زخمي ٿي پيا، حادثي جي اطلاع ملندي ئي جهلو ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي فوري طور دادو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو جتي زخمين کي طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي، پوليس واقعي بابت وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا | 5 | روزاني عبرت

ڪارروائي ۾ پوليس هڪ ڊمپر وين کي روڪي تلاشي دوران 16 هزار 5 سو پڙيون گٽڪا هٿ ڪري نوابشاهه جي رهواسين راشد علي بروهي ۽ عبدالله بروهي کي وين سميت گرفتار ڪري ورتو پوليس جوابدارن تي ڌار ڌار ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا | 6 | روزاني عبرت

خيرپور سائين رابطو ڪري ٽن ڏينهن اندر جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي خاطري ڪرائي آهي، جنهن بعد وارثن پنهنجو اعلانيل احتجاج ڪجهه ڏينهن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏيو آهي ان موقعي تي مقتول جي وارثن چيو ته انجنيئر فيصل گلزار پيتو کي هڪ مهينو اڳ ڪوٽ ڏيجي واري علائقي ۾ ڦر جي مزاحمت دوران هٿياربندن فائرنگ ڪري قتل ڪيو هو، جنهن واقعي ۾ ملوث ڪجهه جوابدار گرفتار ٿيڻ باوجود قتل ڪيس جا ٻيا جوابدار اڃا تائين قانون جي گرفت ۾ نه اچي سگهيا آهن، جنهن سبب مقتول جي وارثن ۾ سخت بيچيني ۽ ڳڻتي پکڙيل آهي وارثن جو چوڻ هو ته فيصل گلزار پيتو جي قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪرائڻ لاءِ مسلسل آواز اٿاري رهيا آهيون، جڏهن ته ڪيس ۾ اصل ماسٽر مائينڊ سميت ٻين ملوث جوابدارن جي گرفتاري انتهائي ضروري آهي، جيئن مقتول جي وارثن کي انصاف ملي سگهي ۽ اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ قانون جي بالادستي يقيني بڻجي سگهي مقتول جي وارثن موجب ايس ايس پي خيرپور پاران سائين رابطو ڪري ٽن ڏينهن اندر فيصل پيتو قتل ڪيس ۾ ملوث ٻين جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي آهي، جنهن ڪري ايس ايس پي جي خاطري ۽ ڏنل مهلت کي نظر ۾ رکندي هنن پنهنجو اعلانيل احتجاج ڪجهه ڏينهن لاءِ ملتوي ڪيو آهي هنن چيو ته خيرپور پوليس فيصل گلزار پيتو جي قتل واري ڪيس ۾ سنجيدگي سان اڳڀرائي ڪري، جاچ جو دائرو وڌائي اصل ماسٽر مائينڊ سميت قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي. وارثن مطالبو ڪيو ته ڪيس جي جاچ شفاف، غيرجانبدار ۽ منصفاڻي طريقي سان ڪري حقيقتون سامهون آنديون وڃن مقتول جي وارثن وڌيڪ چيو ته اسان خيرپور پوليس کي مجموعي طور هڪ هفتي جي مهلت ڏني آهي، جيڪڏهن ان مهلت دوران فيصل گلزار پيتو جي قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو ويو ته پيهر لائحه عمل جوڙي احتجاج جو اعلان ڪيو ويندو ۽ انصاف جي حصول تائين احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو هنن اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ته انجنيئر فيصل گلزار پيتو جي قتل ڪيس جي شفاف جاچ ڪرائي اصل ماسٽر مائينڊ ۽ ٻين سمورن ملوث جوابدارن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي، مقتول جي خون سان انصاف ڪيو وڃي ۽ وارثن کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا | 7 | روزاني عبرت

اڳواڻن ۾ شهر ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ شهرين، سياسي، سماجي ۽ مذهبي ڌرين جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. احتجاجي ريلي دوران شرڪت ڪندڙن ميونسپل ڪاميٽي جي انتظاميه خلاف سخت نعريبازي ڪندي شهر جا بنيادي مسئلا فوري طور حل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ريلي مختلف رستن تان ٿيندي مقرر ڪيل هنڌ تي پهتي، جتي اڳواڻن خطاب ڪندي ميهڙ شهر جي موجوده صورتحال تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ايڊووڪيٽ مير ڪوسو پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ محمد ايوب ڪوسو اهلسنت والجماعت جي سائين منظور چانڊيو ايڊووڪيٽ عابد حسين ڪلهوڙو، ايڊووڪيٽ پنهل ڪوسو عبدالفتاح شاهه، زبير احمد سمون، نبيل پنهور دلبر ڪوسو ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو اڳواڻن چيو ته ميهڙ شهر جا رهواسي ڊگهي عرصي کان بنيادي شهري سهولتن جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن. شهر جي مختلف علائقن ۾ صفائي جو مناسب انتظام نه هجڻ سبب گندگي جا ڍير موجود آهن، جڏهن ته نيڪال جو نظام پڻ بهتر نموني ڪم نه ڪرڻ سبب ڪيترن ئي علائقن ۾ گندي پاڻي جي نيڪال جو مسئلو پيدا ٿي رهيو آهي. هنن چيو ته صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي پڻ شهرين جو بنيادي حق آهي، پر ان حوالي سان به شڪايتون ختم نه ٿي سگهيون آهن. هنن وڌيڪ چيو ته شهري ڪيترن ئي ڏينهن کان پرامن احتجاج ذريعي پنهنجي جائز مطالبن ڏانهن انتظاميه جو ڌيان ڇڪائي رهيا آهن، پر اڃا تائين مسئلن جي مستقل حل لاءِ اثرائتا قدم نظر نه اچي رهيا آهن. اڳواڻن مطالبو ڪيو ته ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ شهر جي صفائي سٿرائي، ڊرينيج ۽ واٽر سپلاءِ جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کڻي. شهري اتحاد جي چيئرمين نياز علي ٻرڙو ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته شهرين جا مسئلا حل ٿيڻ تائين احتجاجي تحريڪ جاري رهندي. هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ميهڙ شهر جي بنيادي مسئلن جو فوري نوٽيس وٺي عملي طور تي ڪم شروع ڪيو وڃي، جيئن شهرين کي درپيش تڪليفن مان جهٽڪارو ملي سگهي. احتجاج دوران شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندي شهري اتحاد جي مطالبن جي حمايت جو اعلان ڪيو ۽ ميونسپل ڪاميٽي کان شهر ۾ صفائي، صاف پاڻي ۽ بهتر ڊرينيج سميت بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.

بقايا | 8 | روزاني عبرت

هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپر کي اڳاري ڏينهن ڪوٽ ڏيجي جي ٽڪر محلي واري امام بارگاهه ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. سندس جنازي نماز معروف عالم دين علامه سيد شهنشاهه حسين نقوي پڙهائي. جنازي نماز ۾ سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب سميت ملڪ جي مختلف علائقن مان هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي.هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپر 5 آڪٽوبر تي سکر جي ايس آءِ يو ٽي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويا هئا، جنهن کان پوءِ سندن ميت کي خيرپور جي تاريخي فيض محل آندو ويو. 6 آڪٽوبر تي سندس ميت کي فيض محل کان ڪوٽ ڏيجي منتقل ڪيو ويو، جتي هزارين ماڻهن سندن آخري ديدار ڪيو ڪوٽ ڏيجي شهر ۽ ڀرپاسي جا ڪيترائي علائقا سوڳ ۾ بند رهيا. مير علي مراد خان ٽالپر اڳوڻي رياست خيرپور جا آخري حڪمران هئا. آڪٽوبر 1955ع ۾ خيرپور رياست جي پاڪستان ۾ ضم ٿيڻ کان پوءِ سندن حڪمراني ختم ٿي وئي. ان کان پوءِ مير علي مراد خان ٽالپر پنهنجي باقي زندگي عبادت ۽ سماجي ڀلائي جي ڪمن ۾ گذاري. هو عبادت گذار هجڻ سان گڏ انسان دوست ۽ سخي شخص طور پڻ مشهور هئا.اڳوڻي خيرپور رياست 1783ع ۾ قائم ٿي. رياست جي حڪمرانن تعليم کي هميشه اهميت ڏيڻ سان گڏ امن امان قائم رکڻ تي خاص ڌيان ڏنو ان دور ۾ ماڻهو ڏينهن رات بنا ڪنهن خوف جي سفر ۽ ڪاروبار ڪندا هئا ۽ خيرپور رياست جو سمورو دور امن ۽ خوشحالي سان سڃاتو ويندو هو.ٽالپر حڪمرانن خيرپور ۾ ناز هاءِ اسڪول، گمبٽ ۾ مراد هاءِ اسڪول، ڪوٽ ڏيجي ۾ فيض هاءِ اسڪول، هنگورجا، ٿري ميرواهه ۽ پنگو ٻهڻ ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول قائم ڪرايا. جڏهن ته خيرپور ۾ گورنمينٽ ممتاز ڪاليج ۽ فيض امام لائبريري پڻ قائم ڪئي وئي. ٽالپر حڪمرانن جو دور علم، امن ۽ تعليم جي واڌاري جي حوالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.مير علي مراد خان ٽالپر جي جنازي نماز ۾ سندن پٽن مير عباس رضا ٽالپر پرنس مير مهدي رضا ٽالپر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ، يونيورسٽيز بورڊ جي سيڪريٽري محمد عباس بلوچ، اڳوڻي سيڪريٽري زراعت محمد جعفر عباسي، ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ ايس ايس پي امير سعود مگسي، صاحبزاده مير شاهنواز خان ٽالپر صاحبزاده مير پنهل خان ٽالپر صاحبزاده مير ظهير خان ٽالپر ريجنل يونين آف جرنلسٽس سنڌ جو صدر غلام عباس پنهور،اتر سنڌ جي صدر ۽ پريس ڪلب خيرپور جي سرپرست اعليٰ خان محمد خان، سکر ڊويزن جي صدر عبدالمجيد پنهور، ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور جي صدر اعجاز علي چانڊيو ايڊووڪيٽ، جنرل سيڪريٽري رئيس الطاف حسين مري، اتر سنڌ جي مشهور قانوندان اختيار احمد پنهور ايڊووڪيٽ ۽ ملڪ جي مختلف علائقن مان آيل هزارين عقيدتمندن شرڪت ڪئي.ٻئي طرف سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، سنڌ جي گهرو ۽ قانون واري وزير ضياء الحسن لنجار اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جيلاني، ايم اين اي ڊاڪٽر نفيسه شاهه جيلاني، اڳوڻي گهرو وزير منظور حسين وسان، ايم اين اي پير سيد فضل علي شاهه جيلاني ۽ ٻين مير علي مراد خان ٽالپر جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو هنن مرحوم جي ديني ۽ دنيوي خدمتن کي ساراهيندي سندس مغفرت لاءِ دعا پڻ ڪئي. هوڏانهن خيرپور آرٽس ڪائونسل جي صدر مختيار ملڪ ۽ جنرل سيڪريٽري حبدار جاگيراڻي، اڳوڻي خيرپور رياست جي پرنس هزهائينيس مير علي مراد خان جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته مرحوم هڪ تعليم يافته، ديانتدار شريف ۽ باوقار شخصيت هئا، جن کي تاريخ ۾ هميشه عزت ۽ احترام سان ياد رکيو ويندو.

بقايا | 9 | روزاني عبرت

واسي اشرف ولد گل محمد ڪوسو ٽڏي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته عبدالرحمان ولد گل محمد ڪوسو نظام ولد محمد نواز ڪوسو عابد سومرو حاجي اسحاق ولد سائينداد ڪوسو نذير ولد محمد حسين ڪوسو ۽ نظير ڪوزو سخت زخمي ٿي پيا حادثي ڪانپوءِ فوتي جي لاش ۽ زخمين کي تعلقا اسپتال ٽنڊو آدم منتقل ڪيو ويو جتان زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب کين وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو مليل ڄاڻ موجب حادثي جو شڪار خيرپور ٿاڻي شاهه جا رهواسي هئا، جيڪي شهداپور مان ڦٽو رڪشو خريد ڪري واپس وڃي رهيا هئا ته شهداپور روڊ تي سامهون ايندڙ ڊاٽسن سان ٽڪر ٿي پيو حادثي ڪانپوءِ ڊاٽسن جو ڊرائيور گاڏي سميت موقعي تان فرار ٿي ويو پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا | 10 | روزاني عبرت

ڪري ڪيس ٽنگن ٻانهن ۾ چڪ هڻي سخت زخمي ڪري ڇڏيو سخت زخمي حالت ۾ ڪيس اسپتال آندو ويو جتي ڪيس طبي امداد ڏيڻ بعد رواڻو ڪيو ويو ٻي طرف علائقي واسين ۽ ڳوٺائن دانهيندي ٻڌايو ته ٽينگري جي رڙين تي اسان ڳوٺائي پهچي ويا سين ۽ ٽينگري کي ڪتي جي وڌيڪ حملي کان بچايو سين اسانجي تعلقي ٽنڊو غلام حيدر اندر هڪ مهيني ۾ ڪيترائي اهڙا چتن ڪتن جي ڏاڙهن جي واقعا ٿيا آهن ڳوٺائن ٽائون انتظاميه جي آفيسرن کي ڪافي پيرا دانهون ڪيون سين پر اسانجي ڪنهن به نه ٻڌي هنن چيو ٽائون انتظاميه ٽنڊو غلام حيدر ۾ ڪتن جي بجيٽ هوندي به ڪتا مارڻ جي مهم نه ٿي هلائين ته جيئن معصوم ٻارن جون زندگيون بچي سگهن هنن چيو ته ڪجهه وقت اڳ ڪتن جي حملي ۾ معصوم ٽينگري ۽ هڪ عورت پڻ فوت ٿي چڪي آهي.

بقايا | 11 | روزاني عبرت

گرفتار نه ٿي سگهيا آهن، عورتن ۽ ٻارڙن سميت روڊ تي ويٺل آهيون، جوابدار گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي، روڊ بند هجڻ سبب اينڊ وينڊ ٽريفڪ معطل ٿي وئي، مسافر سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا ڪافي ڪلاڪن بعد ڊي ايس پي گمبٽ جي يقين ڏياڻي بعد روڊ کوليو ويو

بقايا | 12 | روزاني عبرت

آڌو احتجاج ڪندي چيو ته چوري جي وارادات بابت فوري طور پوليس کي اطلاع ڏنو ويو پر واقعي کي ٻه ڏينهن گذري وڃڻ باوجود نه ته چوري ٿيل رقم واپس ٿي سگهي آهي ۽ نه ئي جوابدارن خلاف ڪا ڪارروائي سامهون اچي سگهي آهي. ميونسپل ملازمن جو چوڻ هو ته سرڪاري آفيس مان تالو ٽوڙي ڪيش رقم چوري ٿيڻ شهر ۾ وڌندڙ بدامني تي سوال اٿاري ٿو هنن چيو ته شهرين ۽ سرڪاري ادارن جي ملڪيتن جو تحفظ يقيني بڻائڻ پوليس جي ذميواري آهي، تنهن ڪري چوري جي واقعي جي شفاف جاچ ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي. احتجاج ڪندڙ ميونسپل ملازمن ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي خيرپور ۽ ڊي ايس پي گمبٽ کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي چوري ٿيل 79 هزار رپيا واپس ڪرايا وڃن، جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ گمبٽ شهر ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي شهرين ۽ سرڪاري ادارن جي مال ۽ ملڪيت جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي.

بقايا | 13 | روزاني عبرت

مالي بي ضابطگين جي اعليٰ سطحي ۽ فارينزڪ جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي. خط ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته 2015ع کان هن وقت تائين مقرر رهندڙ وائيس چانسلرن، رجسٽرارن، ڊائريڪٽر فنانس، ريزيڊنٽ آڊيٽرز ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن جي دور جو رڪارڊ فارينزڪ طريقي سان چيڪ ڪيو وڃي. سينڊيڪيٽ ميمبر مير الله بخش ٽالپر يونيورسٽي جي فنڊن، سرڪاري گرانٽس، ترقياتي منصوبن، پگهارن، پينشن، تحقيقي گرانٽس ۽ ٻين سمورن مالي اڪائونٽس جو فارينزڪ آڊٽ ڪرائڻ سان گڏ يونيورسٽي ۾ موجود مالي خساري جا سبب پڻ معلوم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا | 14 | روزاني عبرت

طور ٿي آهي.ايس ايس پي خيرپور موجب گرفتار زخمي ڌاڙيل ڦر چوري، پوليس مقابلن ۽ ٻين سنگين ڏوهن جي ڪيسن ۾ پوليس کي گهربل هو پوليس موجب گرفتار ڌاڙيل جو ڪرمنل رڪارڊ ٻين ضلعن مان پڻ معلوم ڪيو پيو وڃي .

بقايا | 15 | روزاني عبرت

پنهي جوابدارن خلاف مختلف ٿاڻن تي ڪيس داخل ٿيل آهن.پوليس مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڪاروائين ڪري چوري ۽ ڦر ٿيل 5 موٽرسائيڪلون ۽ هڪ موبائل فون هٿ ڪري ورتي جن کي ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ اصل مالڪن حوالي ڪيو ويو.ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي ڪاروائين تي ايس ايڇ اوز ۽ سندن پوليس ٽيمن کي شاباشي جو پيغام ڏنو آهي.

بقايا | 16 | روزاني عبرت

جي وڏي آبادي جو گذر سفر برساتي زراعت، مال پالڻ ۽ موسمي چراگاهن تي دارومدار رکي ٿو تنهن ڪري چوماسي جون برساتون گهربل مقدار ۾ نه پوڻ سبب زراعت، چوپائي مال، پيئڻ جي پاڻي ۽ ماڻهن جي روزگار تي خراب اثر پئجي رهيو آهي.

بقايا | 17 | روزاني عبرت

سنڌي پنهنجي وطن، درياهه، وسيلن جي مالڪي کي بچائڻ لاءِ متحد، منظم ۽ هڪ آهن.

بقايا | 18 | روزاني عبرت

هن وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي کي چٽي ۽ واضح نموني سان وفاقي حڪومت کان محسن نقوي، مصطفيٰ ڪمال ۽ خالد مقبول جي استعفيٰ جو مطالبو ڪرڻ کپي، سنڌي قوم سنڌ جي بقا خاطر گڏجي اڳتي وڌي،مرڪزي چيئرمين سان مرڪزي اڳواڻ پنهل ساريو اڪبر مري، ضلع صدر عبدالستار بروهي ،عمران صفي، زبير شيخ، بشير ڪاڪيپوٽو سميت پارٽي اڳواڻ ۽ ورڪر به ساڻس گڏ هئا.

بقايا | 19 | روزاني عبرت

پاڻي جي نمونن جي جاچ ۽ موجوده صورتحال کان آگاهه ڪيو .اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته سنڌو درياءَ جي مختلف هنڌن وٽان حاصل ڪيل پاڻي جي نمونن جي واٽراينڊ سيوريج سيپا، آبپاشي، مهراڻ يونيورسٽي ۽ واٽر ڪميشن جي ليبارٽريز ۾ جانچ ڪئي وئي جنهن ۾ ٽي ڊي ايس جي مقدار اٽڪل 595 کان 600 ريڪارڊ ٿي جيڪا مقرر معيار موجب آهي _ ڪمشنر حيدرآباد لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته سنڌو درياهه جي مختلف جڳهن تان پاڻي جا نمونا باقاعدگي سان حاصل ڪري ٽي ڊي ايس جي مقدار جي مسلسل نگراني ۽ مختلف لاڳاپيل ليبارٽريز مان جانچ جو عمل جاري رکيو وڃي ته جيئن پاڻي جي معيار بابت قابل اعتماد ۽ بروقت انگ اکر موجود رهن

بقايا | 20 | روزاني عبرت

اهلڪارن هڪ ٻئي مٿان فائرنگ پڻ ڪئي هئي جنهن بعد مڱڻيجا برادري جا ماڻهن وڏي انگ ۾ اچي ٿاڻي ۾ افراتفري پکيڙي هئي جنهن جو ايس ايس پي خيرپور نوٽيس وٺندي پنهي اهلڪارن کي نوڪرين مان برطرف ڪري ڇڏيو ۽ نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو آهي ان حوالي سان ايس ايس پي خيرپور جو چوڻ آهي ته ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي جيڪو به ڊسيپلين جي ڀڃڪڙي ڪندو ان خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا | 21 | روزاني عبرت

۾ پلي ڪارڊ کڻي ڊاڪٽر اشوڪ خلاف نعري بازي ڪندا پريس ڪلب اڳيان پهتا جتي پيل برادري جي اڳواڻ پريم پيل ڪائونسلر صوفي رميش ۽ سوشل ورڪ سيد اعجاز شاهه چيو ته ڊاڪٽر پاران پيل ڦور خلاف گندا لفظ ڳالهائڻ جي مذمت ڪيون ٿا ۽ مطالبو ڪيون ٿا ته جيسٽائين ڊاڪٽر اشوڪ پيل برادري کان معافي نه وٺندو تيسٽائين احتجاج جاري رهندو

بقايا | 22 | روزاني عبرت

قيد سان گڏ 15.15 سال قيد ۽ مقتولن جي وارثن کي ٻه ٻه لک رپيا ڏنڊ ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو واقعي جو ڪيس مقتولن جي سوٽ اختر علي جي فرياد تي پڊعيدن ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو ڪيس ۾ چالان ٿيل ويو هئو ته جوابدارن 2020ع ۾ پڊعيدن ٿاڻي جي حد مان اعجاز حسين راڄپر ۽ نور احمد راڄپر کي اغوا ڪرڻ بعد قتل ڪيو هو ڪيس ۾ نامزد ٿيل جوابدار اڳ ئي جيل ۾ قيد آهن، جن کي جيل انتظاميه وڊيو لنڪ ذريعي عدالت ۾ پيش ڪيو.

بقايا | 23 | روزاني عبرت

سوار هو جتان روڊ تي ڪريل پنهنجي چپل کڻڻ لاءِ هيٺ لٿو ته پويان کان ايندڙ ٽرڪ سندس مٿان چڙهي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو حادثي ڪانپوءِ نوجوان جو لاش ضروري ڪارروائي لاءِ سول اسپتال سجاول منتقل ڪيو ويو جتي ضروري ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو.

بقايا | 24 | روزاني عبرت

ايس پي ايسٽ زبير نذير احمد شيخ جي مطابق هٿ ڪيل منشيات جي ماليت ڏيڍ ڪروڙ رپين کان وڌيڪ آهي. پوليس منشيات جي منتقليءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ ٻه گاڏيون پڻ پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيون آهن. ايس ايس پي ايسٽ موجب گرفتار جوابدار خيبر پختونخواهه کان ڪراچي تائين منشيات جي سپلاءِ ڪندو هو. ملزم جي خلاف ٽيو ٽائون ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. سندس ڏوهاري رڪارڊ جي تصديق ڪئي پئي وڃي ۽ فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿيل سندس ساٿين جي گرفتاريءَ لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن.

بقايا | 25 | روزاني عبرت

ڪانفرنس دوران مختلف سياسي جماعتن سان تعلق رکندڙ عورت اڳواڻن، سماجي ۽ ڪاروباري شخصيتن باضابطه طور پيپلز پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو.

بقايا | 26 | روزاني عبرت

ميمبر جان محمد، سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر رشيد راڄڙ صمصام خان، وڪيل اڳواڻ احسان سيال، رحمان ڪورائي، جمن پنهور لياقت خاصخيلي ۽ ٻين وڪيلن شرڪت ڪئي.

بقايا | 27 | روزاني عبرت

ڪئي ۽ اسڪول ۾ ڳوٺائن جي گڏجاڻيون ڪري کين ٻارن کي اسڪولن ۾ داخلا جي خاص تاڪيد ڪئي

بقايا | 28 | روزاني عبرت

جو ڪاروبار ڪندو هئو هاڻي اچانڪ ڪافي عرصي کان گم ٿي ويو آهي جنهن جي اسان کي ڪابه ڄاڻ نه آهي جنهن ڪري اسان پريشان آهيون هاڻي وري وياجن مون کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي ديلي منهنجي ۾ ديدنا آهن اسان اوهان جي پٽ پرويز ڏني اسان جا پيسا اهن جيڪا اسان کان ڪاروبار ڪرڻ لاءِ ورتا آهن جنهن جي مون کي ڪابه ڄاڻ نه آهي جنهن جي وياجين مان وصول ڪرڻ لاءِ مون ڌمڪائي رهيا آهن ان لاءِ مان ايس ايس پي نوشهروفيروز ڊي ايس پي مورو ايس ايڇ او مورو کان مطالبو ڪيو ٿا وياجن مان جان ڇڏائي وڃي مون تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا | 29 | روزاني عبرت

مشڪلاتن ۾ اضافو ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته وڏن ٽيڪس چورن خلاف اثرائتي ڪارروائي جي ضرورت آهي. هن اهڙن خيالن جو اظهار پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل بزنس فورم ڪراچي جي ڪنوينر عبدالقادر هاشمائي پاران فنڪشنل ليگ هائوس ڪلفٽن ۾ واپاري برادري جي ماڻ ۾ ڏنل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو.

بقايا | 30 | روزاني عبرت

دانهيندي چيو ته ٻه هفتا اڳ اسان جي نوجوان عبدالرشيد سولنگي کي بيگناهه قتل ڪيو ويو جنهن جو ڪيس داخل پڻ ٿيل آهي پر پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جيڪا وڏي زيادتي آهي هنن چيو ته جوابدار حاڪم، مظهر جواد سولنگي ۽ ٻيا سرعام گهمي رهيا آهن جيڪي ڪيس تان هٿ نه کڻڻ جي صورت ۾ سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن قتل به اسان جي نوجوان کي ڪيو ويو آهي ۽ جان کان مارڻ جون ڌمڪيون به جوابدار اسان کي ڏئي رهيا آهن هنن ايس ايس پي نوشهروفيروز سميت ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪري اسانکي انصاف ڏنو وڃي.

بقايا | 31 | روزاني عبرت

ٻه ڄڻا موقعي تي فوت، جڏهن ته 20 کان وڌيڪ مسافر زخمي ٿي پيا، فوتين ۾ عمرڪوٽ واسي 35 ورهين جو اصغر ولد قاسم بجير ۽ 30 ورهين جو علي حسن ولد محمد هارون خاصخيلي شامل آهن، حادثي جو اطلاع ملندي ئي امدادي ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون ۽ زخمين کي فوري طور سول اسپتال عمرڪوٽ منتقل ڪيو ويو جتي ڪين طبي امداد فراهم ڪئي وئي، زخمين مان ٻن ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب کين وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد منتقل ڪيو ويو ذريعن موجب حادثو موڙاسيو موڙ پرسان روڊ جي خراب حالت سبب پيش آيو بس عمرڪوٽ کان مبارڪ جوڻ طرف وڃي رهي هئي، حادثي ڪانپوءِ علائقي ۾ ڳڻتي جي لهر پکڙجي وئي، ٻئي طرف فوت ٿيل نوجوانن جا مڙهه گهرن ۾ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

بقايا | 32 | روزاني عبرت

ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ڏاڻ گولو اياز سومرو ۽ ان جا سهولت ڪار ۽ ايجنٽ سجاد ڊرائيور قلعجي شهر جي ماڻهن جا ڪروڙين رپيا فراڊ ڪري هڙپ ڪري ويا آهن ۽ هن وقت هو سرعام گهمي رهيا آهن انتظاميه انهن خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي متاثر امام بخش پنهور چيو ته جيسٽائين منهنجا پندرهن لک رپيا واپس نٿا ڪيا وڃن آئون پنهنجو احتجاج جاري رکندس رٽائرڊ فوجي اهلڪار آهيان انصاف وٺڻ لاءِ پاڪ ڪتاب کڻي دادو جي عدالت ڏانهن به ويندس جيڪڏهن پوءِ به انصاف نه مليو ته پريس ڪلب اڳيان پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيندس

بقايا | 33 | روزاني عبرت

سمون، غلام سرور مري، لونگ مري، خالد چانڊيو ۽ اسد عمراڻي سميت ٻين ڪئي.

بقايا | 34 | روزاني عبرت

روپين جون بجلي تارون ڪٽي فرار ٿي ويا جڏهن ته مختيارڪار آفيس جاتي پرسان رات دير سان نامعلوم چورن شبير ميمڻ جي ڪپڙن جي دڪان جا تالا ٽوڙي دڪان اندر موجود ڪيش رقم ۽ قيمتي ڪپڙا چوري ڪري فرار ٿي ويا.

بقايا | 35 | روزاني عبرت

ماريجي ويو جڏهن ته ٻيا چور فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا اطلاع ملڻ تي محمود چنا پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مارجي ويل چور جي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو

بقايا | 36 | روزاني عبرت

جي برنس وارڊ ۾ علاج دوران فوت ٿي ويو چانڊيو پيل الزام هنيو ته فيڪٽري ۾ مزدورن لاءِ مناسب سيفٽي انتظام موجود نه هئا ۽ انتظاميا جي غفلت سبب سندس پٽ حياتي وڃائي ويٺو جنهن جو ڪيس لوڻي ڪوٽ ٿاڻي تي داخل ۽ عدالت ۾ هلندڙ آهي هن چيو ته هڪ سال گذرڻ باوجود فيڪٽري مالڪن پاران واعدن باوجود وارثن جي ڪا مالي مدد يا داد رسي نه ڪئي وئي. هن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فيڪٽري مالڪن کان داد رسي ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا | 37 | روزاني عبرت

ٽڪر هڻي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل تي سوار هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو جڏهن ته ٻيو سخت زخمي ٿي پيو حادثو ان وقت پيش آيو جڏهن موٽرسائيڪل سوار درگاهه عباس پير واري علائقي مان گذري رهيا هئا ته نامعلوم ٽرالر کين ٽڪر هنيو ٽڪر ايترو ته شديد هو جو موٽرسائيڪل سوار روڊ تي ڪري پيا ۽ سخت زخمي ٿي پيا. حادثي ڪانپوءِ ٽرالر ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو جڏهن ته اطلاع ملڻ تي مقامي ماڻهو ۽ لاڳاپيل ادارا واقعي واري هنڌ پهچي ويا. حادثي ۾ فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ ڪامران علي ولد الله ڏنو گهيلو طور ٿي آهي. جڏهن ته ٻئي زخمي کي ڳنڀير حالت ۾ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال مٽياري منتقل ڪيو ويو، جتي ڊاڪٽرن پاران کيس طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي. حادثي سبب علائقي ۾ ڏک ۽ ڳڻتي جي لهر پکڙجي وئي، جڏهن ته پوليس پاران واقعي بابت وڌيڪ جاچ ۽ ڪارروائي جو سلسلو جاري آهي. پوليس فرار ٿيل ٽرالر ۽ ان جي ڊرائيور جي ڳولا پڻ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا | 38 | روزاني عبرت

خانپورمهر جي ڳوٺ پڙ شريف ۾ گل محمد مهر جي گهر ۾ رات جي وقت نامعلوم چور داخل ٿي گهر ۾ بيٺل 2 موٽرسائيڪلون ۽ 2 واشنگ مشينون چوري ڪري فرار ٿي ويا. چوري جي واقعن سبب علائقي واسين ۾ خوف ۽ بيچيني پکڙجي وئي آهي، شهرين پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ڦر ۽ چوري جي وارداتن ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري مسروق سامان واپس ڪرائي علائقي ۾ امن امان بحال ڪيو وڃي.

بقايا | 39 | روزاني عبرت

حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو ايس ايس پي شڪارپور محمد ڪليم موجب، ٿاڻي ٽيو فوجداري جي حدن ۾ زرڪيل روڊ واري علائقي ۾ پوليس ۽ ڏوهه جي ارادي سان موجود ڌاڙيل گروهه وچ ۾ مبينا مقابلو ٿيو جنهن دوران ٻنهي پاسن کان فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي.

بقايا | 40 | روزاني عبرت

جي ٽيم جوابدار جي موجودگي جي اطلاع تي ڇاپو هنيو ، جتي جوابدار پوليس کي ڏسي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پوليس ڪيس پيڇو ڪري ڊوڙائي ڊوڙائي گرفتار ڪري ورتو پوليس دعويٰ ڪئي آهي ته گرفتار جوابدار وٽان هٿيار پڻ هٿ ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب جوابدار کي يارو لنڊ ٿاڻي تي لاڪ اپ ڪيو ويو آهي، جڏهن ته آخري اطلاعن تائين پوليس طرفان واقعي بابت باقاعده پريس رليز جاري نه ڪئي وئي هئي.

بقايا | 41 | روزاني عبرت

پاڪستان (ڊبليو ايم سي) جي زير اهتمام حيدرآباد جي هڪ مقامي هوٽل ۾منعقد ڪيل پنجن ڏينهن واري ميڊيا ٽريننگ ورڪشاپ "دي ڊيجيٽل ڊيموڪريسي لينڊ اسڪيپ " سوشل ميڊيا، شهري شرڪت ۽ عوامي رابطي ۾ خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو.

بقايا | 42 | روزاني عبرت

چاڙهي دعا ڪئي جنهن بعد عظيم الشان جلسو ٿيو جنهن کي خصوصي خطاب ٽاليواري عالم مفتي عبدالخالق چانڊيو ، مولانا محمد صالح ۽ ٻين ڪندي چيو ته دين اسلام محبت ڀائيچاري ۽ صبر وارو دين آهي پر ڪشمڪش ۽ سوشل ميڊيا واري دور ۾ خاص ڪري نئين نسل دين کان پري ٿيندو وڃي

بقايا | 43 | روزاني عبرت

هي پر سندس خاندان جو سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ سماجي ورثي سان به گهرو تعلق رهيو آهي. خيرپور رياست جي تاريخ ۽ سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي ورثي ۾ ٽالپر خاندان جو نمايان ڪردار رهيو آهي، جنهن کي تاريخ ۾ هميشه ياد رکيو ويندو

بقايا | 44 | روزاني عبرت

ٿرو مگسي صحافين کي ٻڌايو ته هو پاڻ معذور آهي ۽ سندس زمين جا سمورا قانوني ڪاغذ پڻ موجود آهن. هن وڌيڪ چيو ته تازو ڪيس هاري ڪارڊ پڻ جاري ڪيو ويو آهي، جيڪو سندس زرعي زمين سان لاڳاپيل هجڻ جو ثبوت آهي. هن چيو ته زمين تي مبينا قبضي سبب هو سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي ۽ پنهنجي جائز حق کان محروم آهي.

بقايا | 45 | روزاني عبرت

نوجوان شامل آهن. جڏهن ته هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ۽ پوليس اهلڪار پڻ زخمي ٿي پيو.

بقايا | 46 | روزاني عبرت

ارسلان اسلام شيخ ايشين ڊيولپمينٽ بئنڪ جي هيڊڪوارٽر منيلا ۾ منعقد ڪيل ڪلائميٽ ايڊاپٽيشن انويسٽمينٽ پلاننگ فورم (CAIP) کي خطاب ۽ ميڊيا سان گفتگو ڪندي چيو آهي ته حڪومت سنڌ ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي گڏيل سهڪار سان سنڌ جي پنجن ڊويزنل هيڊڪوارٽرز سکر، حيدرآباد، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص ۽ شهيد بينظيرآباد ۾ شهري ترقي ۽ موسمياتي تحفظ جي منصوبن تي تقريبن هڪ ارب آمريڪي ڊالر يعني 278 ارب رپين جي سيڙپڪاري ڪئي ويندي.

بقايا | 47 | روزاني عبرت

کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي سخت هدايت ڪندي چيو آهي ته زخمين جي علاج ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي نه ڪئي وڃي ۽ کين هر ممڪن طبي امداد فراهم ڪئي وڃي. وڏي وزير زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا پڻ ڪئي آهي ۽ لاڳاپيل اختيارين کي حادثي بابت ضروري قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪيون آهن.

بقايا | 48 | روزاني عبرت

يرغمال ڪري ڇڏيو جنهن جي باوجود ضلعي انتظاميا ۽ پوليس انتظاميا ڪو به ڪنٽرول نه ڪري سگهي نه ماحول کي پُرامن رکي سگهي فوتي عورت جي وارثن اسپتال ۾ بي خوف ٿي ڀڃ ڊاهه ڪندا رهيا انهي حوالي سان سينٽر ذريعن جو چوڻ آهي ته عورت جي فوت ٿيڻ شرط هٿياربندن سينٽر تي حملو ڪري ڪنٽرول سنڀالي ورتو ميڊيڪل سينٽر تي داخل ٿيل ٻار جن تي آڪسيجن لڳل هئي هنگامي سبب آڪسيجن گيس بند ٿيڻ ۽ ڦاٿڻ سبب ٽي تازا ڄاول ٻار فوت ٿي ويا

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

آئوٽ سورس بنيادن تي ماتحت ۽ ٻئي اسٽاف جي ڀرتي

اسپيشل اڪانامڪ زون اٿارٽي، سنڌ (SEZA) پاران اسپيشل اڪانامڪ زون اٿارٽي، سنڌ لاءِ "آئوٽ سورس بنيادن تي ماتحت ۽ ٻئي اسٽاف" جي فراهميءَ ۾ تجربيڪار ۽ سٺي شهرت رکندڙ ڪمپنين/فرمن کان آن لائين آڇون گهرائجن ٿيون.

2. تفصيلي جائزو وٺڻ جي معيار، ڪم جي دائري ۽ ٻين تفصيلن تي ٻڌل ٽينڊر دستاويز SPPRA جي ويب سائيٽ (e-Procurement) https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/ EPAD's سسٽم ۽ اسپيشل اڪانامڪ زون اٿارٽي (SEZA) جي ويب سائيٽ www.sezasindh.gos.pk تان (جمعو) 9 آڪٽوبر 2026 کان (اڱارو) 27 آڪٽوبر 2026 تائين ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
3. خريداري جو طريقو: ڪليل مقابلي واري آڇ لاءِ هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار هوندو. واڪ ڏيندڙن لاءِ لازمي آهي ته اهي پنهنجون تجويزون (Proposals) SPPRA EPADs پورٽل (https://portalsindh.eprocure.gov.pk) ذريعي اپلوڊ ڪن.
4. فنانشل تجويزن سان گڏ -/220,000 روپيا (فقط ٻه لک ويهه هزار روپيا پاڪستاني) بڊ ضمانت طور جمع ڪرائڻ لازمي آهي. جيڪا SPP رولز 2010 (تازي ترميم ٿيل) جي رول (2)37 جي عين مطابق هجي. آڇ جي هيءَ ضمانت آڇ جو مدو ختم ٿيڻ کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ 90 ڏينهن تائين ڪارآمد هجڻ گهرجي ۽ "اسپيشل اڪانامڪ زون اٿارٽي" جي نالي تي هجڻ گهرجي.
5. مالياتي تجويزون کولڻ: صرف انهن فرمزجون مالياتي تجويزون کوليون وينديون ۽ وڌيڪ جائزي لاءِ غور هيٺ آنديون وينديون جيڪي ٽيڪنيڪل جائزي ۾ ڪامياب ٿيندا.
6. هارڊ ڪاپي جمع ڪرائڻ: مڪمل تجويز (ٽيڪنيڪل ۽ مالياتي) جي اصل هارڊ ڪاپي، جيڪا اِي پيڊس پورٽل تي اپلوڊ ڪيل ورجن سان بالڪل ۽ هوبهو ۽ هڪجهڙي هجي، سا اسپيشل اڪانامڪ زون اٿارٽي جي آفيس ۾ پڻ جمع ڪرائڻ لازمي آهي.
7. جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ: تجويزون 27 آڪٽوبر 2026 (اڱارو) شام 3:00 وڳي تائين يا ان کان اڳ رقمي طور (آن لائين) ايس پي پي آر اي EPADs سسٽم ذريعي جمع ٿيڻ گهرجن.
8. آڇون کولڻ: آڇون (اڱارو) 27 آڪٽوبر 2026 شام 3:30 وڳي کوليون وينديون. مقرر ڪيل ڪميٽيءَ جا سڀ ميمبر SPPRA EPADs پورٽل ذريعي آن لائين اجلاس ۾ شرڪت ڪندا.
9. واڪ ڏيندڙن کي سختيءَ سان هدايت ڪئي وڃي ٿي ته اهي جائي واري هنڌ تي شخصي طور موجود رهن. جيڪڏهن ڪو واڪ ڏيندڙ اجلاس دوران موجود نه هوندو ته ان کي غير حاضر تصور ڪيو ويندو ۽ سندس آڇ تي غور نه ڪيو ويندو.
10. غلط بياني: جائزي يا معاهدي جي ڪنهن به مرحلي تي غلط يا گمراهه ڪندڙ معلومات فراهم ڪندڙ ڪنهن به فرم کي نااهل ڪيو ويندو.
11. پروڪيورنگ ايجنسي: اسپيشل اڪانامڪ زون اٿارٽي (SEZA) وٽ SPPRA رولز 2010 (تازي ترميم ٿيل) جي رول 25(1) تحت معاهدي جي منظوري کان اڳ ڪنهن به وقت سڀني يا ڪنهن به آڇ کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ آهي.
12. اضافي شرط:

(a) هيٺين حالتن ۾ آڇون پنهنجو پاڻ رد ڪيون وينديون:

- شرطيه يا ٽيليگرافڪ جمع ٿيل تجويزون
- بڊ سيڪيورٽي جي غير موجودگي يا غلط جمع ٿيل هجڻ
- اصل بڊ سيڪيورٽي SEZA، سنڌ جي دفتر ۾ جمع نه ڪرائڻ
- مقرر ڪيل آخري تاريخ کان پوءِ حاصل ٿيندڙ تجويزون
- بليڪ لسٽ ٿيل فرمز پاران شرڪت

(b) سڀني واڪ ڏيندڙن لاءِ لازمي آهي ته اهي هڪ حلف نامو فراهم ڪن ته سندن فرم /ايجنسي کي ڪنهن به سرڪاري يا خانگي اداري پاران ڪڏهن به بليڪ لسٽ ناهي ڪيو ويو.

اسسٽنٽ مينيجر پروڪيورمينٽ
اسپيشل اڪانامڪ زون اٿارٽي، سنڌ
پهرين منزل، بلاڪ A، فائنانس ۽ ٽريڊ سينٽر،
شاهراهه فيصل، ڪراچي فون
نمبر: 021-99207557
procurement@sezasindh.gos.pk
www.sezasindh.gos.pk

I WORK FOR SINDH | JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/4463/2026

تصحيح

اين آءِ ٽي جي درستگي بابت اشتهار: "سنڌ اسپيشل اڪانامڪ زون اٿارٽي جي اداري جي ڍانچي جي بهتريءَ سميت ڪاروباري منصوبو تيار ڪرڻ لاءِ صلاحڪاري فرم جي ڀرتي"

حوالو نمبر: / INF-KRY: 4045-26 روزاني دي نيوز، روزاني ايڪسپريس ۽ روزاني عبرت

سنڌ اسپيشل اڪانامڪ زون اٿارٽي جي اداري جي ڍانچي جي بهتريءَ سميت ڪاروباري منصوبو تيار ڪرڻ لاءِ صلاحڪاري فرم جي ڀرتيءَ بابت ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس (NIT) جي حوالي سان.

حوالو نمبر /INF-KRY: 4045-26 دي نيوز، روزاني ايڪسپريس ۽ روزاني عبرت جي حوالي سان، مهرباني ڪري هيٺين ترميم کان آگاهه رهو:

1. موجوده آڇ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت: 6 آڪٽوبر 2026 (اڱارو) شام 3:30 وڳي.
2. ترميم ٿيل (نئين) آڇ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت: 26 آڪٽوبر 2026 (سومر) شام 3:30 وڳي.
3. موجوده بڊ سيڪيورٽي رقم: ڪل آڇ جي رقم (ڪوٽ ٿيل قيمت) جو 2 سيڪڙو.
4. ترميم ٿيل (نئين) بڊ سيڪيورٽي رقم: -/PKR 1,200,000 (فقط ٻارهن لک پاڪستاني رپيا)، جيئن SPP رولز 2010 (تازي ترميم سان) جي رول (2)37 ۾ بيان ٿيل آهي.
5. شايع ٿيل اين آءِ ٽيءَ جا باقي سڀ شرط ۽ ضابطا ساڳيا رهندا.

اسسٽنٽ مئنيجر پروڪيورمينٽ
اسپيشل اڪانامڪ زون اٿارٽي، سنڌ
پهرين منزل، بلاڪ A، فائنينس ۽ ٽريڊ سينٽر،
شاهراهه فيصل، ڪراچي
ٽيليفون: 021-99207557
اي ميل: procurement@sezasindh.gos.pk
ويب سائيٽ: www.sezasindh.gos.pk

I WORK FOR SINDH | JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/4460/2026

گمبٽ لڳ قتل ٿيل مقتول عجيب آريجا جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاجي ڌرڻو

مقتول جي امڙ ۽ وارثن ٻيرلوءِ ٻاءِ پاس بند ڪري جوابدارن جي گرفتار جو مطالبو ڪيو

ڇهہ ڏينهن گذرڻ باوجود ٻهارو ٽاڪي جي پوليس جوابدار گرفتار نہ ڪري سگهي آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

روڊ بند هجڻ ڪري ٻنهي پاسن کان گاڏين جون قطارون لڳي ويون ڊي ايس پي مظاهرين کي يقين ڏيارڻ روڊ کولرايو

خيرپور/راڻيپور (نمائندن وٽان) گمبٽ جي ڪچي واري علائقي ۾ ڇهہ ڏينهن اڳ ٻهارو ٽاڪي جي حد ۾ قتل ٿي وڃي مقتول عجيب آريجو جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ سبب سنڌس امڙ ۽ وارثن ٻيرلو ٻاءِ پاس بند
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

خيرپور: قتل ٿيل نوجوان جا وارث روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن، ٻي طرف پوليس اهلڪار مقتول جي والدہ سان ڳالهائي رهيا آهن

ٽنڊوآدم پوليس پاران 6 جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڳجهي اطلاع تي ڪار تي ڇاپو هڻي ڪراچي واسي منشيات فروشن کي گرفتار ڪيو: پوليس

وين تي ڇاپو هڻي راشد ۽ عبدالله بروهي کي گرفتار ڪري وڏي مقدار گٽڪا هٿ ڪيا آهن

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم بي سيڪشن پوليس ايس ايڇ او محمد حنيف مهر جي اڳواڻي ۾ مخفي اطلاع تي شڪي ڪار کي روڪي تلاشي دوران گاڏي جي مختلف خانن ۾ رکيل زهريلي گٽڪي جون 10 هزار پڙيون هٿ ڪري ڪراچي سان تعلق رکندڙ 4 منشيات فروشن سيف علي مغيري، نصيب الله سري، هيبت خان ۽ غلام قادر بروهي کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن تہ بي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ انجنيئر فيصل گلزار پتو جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاج

وارثن نثار پتو، ساگر پتو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

ڪيس جي ماسٽر مائينڊ سميت ٻين ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

خيرپور(د ر) خيرپور پرسان ڪوٽڏيجي ۾ ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي هٿيارٻندن هٿان هڪ مهينو اڳ قتل ٿيل انجنيئر فيصل گلزار پتو جي قتل ڪيس ۾ ٻين جوابدارن جي گرفتاري نہ ٿيڻ خلاف مقتول جا وارث نثار پتو ساگر پتو ۽ ٻين خيرپور ۾ احتجاج ڪندي صحافين آڏو دانهيندي چيو آهي تہ فيصل پتو جي قتل ۾ ملوث ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ايس ايس پي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شهري اتحاد جي احتجاجي ريلي

صفائي، ڊرينيج ۽ صاف پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ خلاف 24 هين ڏينهن بہ مظاهرو ڪيو ويو

مطالبن جي مڃتا تائين احتجاج جاري رکيو ويندو، ميونسپل ڪاميٽي ڪان عملي قدم کڻڻ جي اپيل

ميهڙ(ن ع) ميهڙ شهر ۾ صفائي ستٿرائي، ڊرينيج جي تباهہ حال نظام، صاف پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ ۽ ٻين بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شهري اتحاد ميهڙ پاران شروع ڪيل احتجاجي تحريڪ24هين ڏينهن بہ جاري رهي ان سلسلي ۾ شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي ٻرڙو جي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

دادو تيز رفتار رڪشا ڪتي کي بچائيندي کاهي ۾ ڪري پيو، 5 ڄڻا زخمي

دادو(د ر) دادو مورو روڊ تي تيز رفتار رڪشا ڪتي کي بچائيندي کاهي ۾ ڪري پيو 5 ڄڻا سخت زخمي، جهلو ٽاڪي جي پوليس زخمين کي دادو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو. دادو کان نوابشاهہ ويندي دادو-مورو روڊ تي تيز رفتار رڪشا اوچتو روڊ تي آيل ڪتي کي بچائڻ دوران بي قابو ٿي کاهي ۾ ڪري پيو جنهن جي نتيجي ۾ رڪشا ۾ سوار غلام
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ نوجوان سيارو اچڻ کان اڳ سوڙون سبي رهيو آهي

ڪپرو لڳ شڪارين وڏيڪ ۾ بحري باز پڪڙي ورتا, انگ 10 ٿي ويو

ايٽهار مان مادي ۽ ٻوڙيجي واري علائقي مان بحري جو نر شڪارين پڪڙي ورتو

وائلڊ لائيف کاتي جا عملدار شڪارين خلاف ڪاروائي ڪرڻ کان قاصر بڻيل آهن

ڪپرو(ن ع) چوڪيدارين ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ باز پڪڻ معان شڪارين جا لاماڙ جاري، ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب ايٽهار واري علائقي مان بحري باز جي مادي شڪاري ٽولي جي اڳواڻي ٻوڙيجي واري علائقي مان بحري باز جو نر شڪاري ٽولي پڪڙي ورتو آهي، جڏهن تہ پڪڙيل مادي باز 45 لکن عيوض واپاري کي وڪرو ڪئي وئي جيڪو موقعي تي رقم ڏئي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ عورت مبينا طور زهر کائي فوت، وارثن پاران مڙس تي ذهني دٻاءُ جا الزام

لطيف ڪالوني ۾ صوبيا زال زاهد عباسي زهر کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

ڏيڍ کي مڙس ۽ ساهرن ذهني ٽارچر ۽ ڌمڪيون ڏيون تہ انتهائي قدم کنيو انصاف ڪيو وڃي: وارث

مورو (ن ع) مورو شهر جي لطيف ڪالوني ۾ بن نياڻين جي ماءُ مسمات صوبيا زال زاهد عباسي مبينا طور زهر کائي خودڪشي ڪري ڇڏي اطلاع ملڻ بعد مورو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي عورت جو لاش تحويل ۾ وٺي وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي ان موقعي تي فوتي ناري جي والد معصوم نياڻين سان گڏ بيان ڏيندي الزام هنيو تہ سندس نياڻي جو مڙس زاهد عباسي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ لڳ مسافر بس ڪلٽي، ٻہ ڄڻا فوت، 20 کان وڌيڪ زخمي

موڙاسيو موڙ پرسان روڊ جي خراب حالت سبب بس بي قابو ٿي ڪلٽي ٿي پئي

حادثي جي نتيجي ۾ اصغر ولد قاسم بجير ۽ علي حسن ولد هارون خاصخيلي ٿڏي تي فوت

اطلاع تي امدادي ٽيمون پهچي زخمين کي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪن جي حالت نازڪ

عمرڪوٽ (د ر) عمرڪوٽ کان مبارڪ جوٽڙ طرف ويندڙ مسافر بس موڙاسيو موڙ پرسان روڊ جي خراب حالت سبب بي قابو ٿي ڪلٽي ٿي پئي، حادثي جي نتيجي ۾
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: روڊ حادثي ۾ تباهہ ٿيل ٽرڪ ۽ زخمي شخص اسپتال ۾ داخل آهي

قلعجي اسٽيشن ۾ مبينا فراڊ خلاف رٽائرڊ فوجي اهلڪار جو چوٿين ڏينهن بہ احتجاج

قلعجي اسٽيشن (ن ع) قلعجي اسٽيشن جي رهواسي رٽائرڊ آرمي اهلڪار امام بخش پنهور جو چوٿين ڏينهن بہ پاڪ ڪتاب کڻي ڊان گولو اياز سومرو ۽ عرفان کهرو خلاف قلعجي پريس ڪلب کان دادو پريس ڪلب تائين پيادل مارچ ڪري احتجاج ڪندي چيو تہ ڊان گولو اياز سومرو ۽ عرفان کهرو پنهنجا پئسا واپس گهرڻ تي موٽمار
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

مورو: فوتي عورت جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

نوشهروفيروز ۾ نيشنل هاءِ وي جو ڪم سست رفتاري سان هلڻ خلاف احتجاج

مختلف سياسي، سماجي ۽ صحافتي تنظيمن پاران ٻئي ڏينهن بہ احتجاج جاري رکيو

ٺيڪيدار کي حفاظتي معيارن تي عمل ڪرائڻ سان گڏ انساني جانيون بچائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن

نوشهروفيروز(د ر) نوشهروفيروز مان گذرندڙ نيشنل هاءِ وي جو ڪم سست رفتاري سان جاري رکڻ ۽ ٺيڪيدار ڪمپني پاران پبلڪ سيفٽي جا مناسب انتظام نہ ڪرڻ خلاف مختلف سياسي، سماجي ۽ صحافتي ڌرين پاران ٻئي ڏينهن الله واري چونڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي پريس ڪلب نوشهروفيروز جي صدر محمد يونس راڄپر ايم ظفر ڏگهہ راڄا رجب
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

جاتي ۾ هڪ ئي رات چوري ۽ ڦر جون چار وارداتون، واپارين ۽ شهرين ۾ خوف

درگاهہ پير اڙو پرسان استاد کان هٿيارن جي زور تي موٽرسائيڪل، موبائيل فون ۽ نقد رقم ڦر

پول ڪيرائي بجلي جون تارون چوري، مختلف دڪانن جا تالا ٽوڙي ڪيش ۽ سامان بہ ٻهاري ويا

جاتي (رپورٽ: شڪيل رزاق لوهار) جاتي شهر ۽ پرپاسي ۾ امن امان جي صورتحال تي سوال اٿاري ڇڏيندڙ هڪ ئي رات اندر چار مختلف هنڌن تي چوري ۽ ڦر جون وارداتون پيش آيون جنهن سبب واپارين ۽ شهرين ۽ استادن ۾ ڳڻتي جي لهر ڇانئجي وئي آهي سجاول کان مين بجلي فيڊر جون چورن ڏهہ بجلي جي پولن تان بجلي جون تارون لاهي چار بجلي پول ڪيرائي لکين
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ فيڪٽري حادثي ۾ فوت پورهيت جي وارثن جو انصاف لاءِ احتجاج

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ پريس ڪلب آڏو ڳوٺ پڪڙي ڏڙ واسي چاندو ڀيل پنهنجي خاندان سان گڏ احتجاج ڪندي چيو تہ سندس 31 ورهين جو پٽ مختيار ڀيل چامشوري جي لوٽي ڪوٽ واري علائقي ۾ ماشاالله ڪريش پلانٽ تي ڪم دوران گذريل سال آڪٽوبر ۾ ٻاهہ لڳڻ سبب سخت زخمي ٿيو جيڪو ڪراچي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ويجهو مبينا زرعي زمين تان موٽر چوري ڪندي فائرنگ ۾ چور مارجي ويو

ڳوٺ حاجي جوان خان ڪلهوڙو ۾ چورن زمين مان موٽر چوري ڪرڻ جي ڪوشش

ڳوٺاڻن جي پهچڻ تي فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ چور مارجي ويو، پوليس لاش تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪئي

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ جي ڪچي واري علائقي محمود چنا ۾ زرعي زمين تان موٽر چوري ڪندي فائرنگ ۾ چوري مارجي ويو. گمبٽ جي ڪچي واري علائقي محمود چنا ٽاڪي جي حد ڳوٺ حاجي جوان خان ڪلهوڙو ۾ زرعي زمين مان موٽر چوري ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مبينا مالڪن ۽ چورن جي وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي پئي جنهن دوران گولين لڳڻ سبب هڪ چور
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

خيرپور رياست جي آخري حڪمران مير علي مراد خان ٽالپر جو مڙهہ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

جنازي نماز ۾ سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب سميت ملڪ جي مختلف علائقن مان هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي

مير علي مراد خان ٽالپر جي لاڏاڻي تي ڪوٽ ڏيجي شهر ۽ پرپاسي جا ڪيترائي علائقا سوڳ ۾ بند رهيا

لاڏاڻي تي سيد مراد علي شاهہ، ضياءُ الحسن لنجار، سيد قائم علي شاهہ، منظور وسان ۽ ٻين گهري ڏک جو اظهار ڪيو

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيدپنهور) خيرپور رياست جي آخري حڪمران مير علي مراد خان ٽالپر جو مڙهہ مٽيءَ ماءُ حوالي هزارين ماڻهن جي شرڪت تفصيل موجب اڳوڻي رياست خيرپور جي آخري حڪمران
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

خيرپور مير علي مراد ٽالپر جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

ٽنڊو آدم ۾ ڊاٽسن ۽ ڦڏي رڪشا ۾ زوردار ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، 6 ڄڻا سخت زخمي

شهدادپور روڊ تي پيش آيل حادثي ۾ ڪي اين شاهہ واسي اشرف ولد گل محمد ڪوسو ٿڏي تي دم ڏنو

حادثي ۾ زخمي عبدالرحمان، نظام، عابد، اسحاق، نديم، نظير ڪوسو ۽ لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو، زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) شهدادپور روڊ تي ڊاٽسن ۽ ڦڏي رڪشي وچ ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت جڏهن تہ 6 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا حادثي ۾ ڦڏي رڪشي تي سوار خيرپور ناٿن شاهہ
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: ڊاٽسن ۽ ڦڏا رڪشي جي ٽڪر ۾ فوت ٿيل اشرف ولد گل محمد ڪوسو

ٽنڊو غلام حيدر ۾ آوارا ڪتن جو آزار، 7 ورهين جي نينگري کي ڏاڙهي زخمي

ڳوٺ گهرام چانڊيو ۾ گهر ٻاهران بيٺل سهاڻا چانڊيو تي ڪتي حملو ڪري زخمي ڪيو

مهيني دوران ڪتن جي ڏاڙهڻ جا ڪيترائي واقعا، ڳوٺاڻن پاران ڪتا مار مهم نہ هلائڻ تي ڳڻتي

ٽنڊو محمد خان(د ر) ٽنڊو محمد خان ضلعي جي تعلقي ٽنڊو غلام حيدر ۾ آوارہ ڪتن جو آزار وڌي ويو ڳوٺ گهرام چانڊيو ۾ 7 ورهين جي معصوم نينگري سهاڻا چانڊيو تي حملو ڪري ڪيس سخت زخمي ڪري وڌو تفصيل موجب ٽنڊو غلام حيدر جي ڳوٺ گهرام چانڊيو ۾ معصوم نياڻي7 سالا سهاڻا چانڊيو گهر ٻاهران بيٺي هئي تہ اوچتو ڇني ڪتي مٿس حملو
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: ڪتي جي ڏاڙڻ سبب زخمي ٿيل معصوم نينگري

ٿرپارڪر ۾ برساتن جي کوٽ، ڏڪار خطرو، سريندر ولاسائي جو چيف سيڪريٽري سنڌ کي خط

چوماسي جون برساتون گهٽ پوڻ سان نقصان، مال، پيئڻ جي پاڻي ۽ روزگار کي نقصان جو خدشو آهي: سريندر ولاسائي

متاثر علائقن جو فوري تعلقي وار جائزو وٺي غريب خاندانن کي مفت ڪڻڪ، پاڻي جا ٽينڪر ۽ خوراڪ فراهم ڪئي وڃي

ملير (د-ر) سنڌ اسيمبلي جي ميمبر سريندر ولاسائي ٿرپارڪر ۾ غير مناسب ۽ غير باقاعدہ چوماسي جي برساتن سبب پيدا ٿيل صورتحال تي ڳڻتي ظاهر ڪندي ضلعي کي فوري طور آفت سٽيل/ڏڪار متاثر ضلعو قرار ڏيڻ لاءِ چيف سيڪريٽري سنڌ کي خط لکي چڏيو آهي چيف سيڪريٽري سنڌ ڏانهن لکيل خط ۾ ايم پي اي سريندر ولاسائي چيو آهي تہ ٿرپارڪر
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

اٺ ڪروڙ سنڌي پنهنجي وطن، درياهہ جي مالڪي کي بچائڻ لاءِ متحد آهن، اياز پليجو

سنڌ هڪ تاريخ، هڪ تهذيب، هڪ ڌرتي، هڪ اجتماعي ياد ۽ هڪ زندہ قومي وجود آهي

حاڪمن ٻڌي ڇڏڻ سگهن ٿيون ۽ سنڌ جي تاريخي وجود ۽ وحدت بابت اسان جا فيصلا ۽ اصول تبديل ٿيا تہ سگهون

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ پاران سنڌ جي ورهاڱي، جلالپور ڪئنال، مهانگائي، ڪرپشن، ميرٽ جي لتاڙ بدامني لاقانونيت ۽ ٻين سنڌ دشمن منصوبن خلاف 11 آڪٽوبر ڄامشوري 23 آڪٽوبر مٽياري ۾ قومي عوامي تحريڪ جي سربراهہ اياز لطيف پليجو جي اڳواڻي ۾ محبت سنڌ ريليون ۽ جلسي عام ڪيا ويندا اياز لطيف پليجي چيو تہ اٺ ڪروڙ
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سنڌي قوم سنڌ جي بقا خاطر گڏجي اڳتي وڌي: نياز ڪالاڻي

پ پ وفاق کان محسن نقوي، مصطفيٰ ڪمال ۽ خالد مقبول جي استعيفيٰ جو مطالبو ڪرڻ گهرجي

قوم ڪمون شهيد ڌرتي جيان لاڙڪاڻي ۽ ڪراچي واري وحدت مارچ ۾ شريڪ ٿئي

ڳوٺي ياسين (ن ع) جسقم (شهيد بشير خان قريشي) جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ڳوٺي ياسين پهچي 15 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۾ رٿيل وحدت مارچ جاڳرتا مهم جي حوالي سان شهرين سان ملاقاتون ڪيون ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي هن چيو تہ سنڌي قوم ڪمون شهيد واري ڌرتي جيان گڏ تي لاڙڪاڻي ۽ ڪراچي واري وحدت مارچ ۾ شريڪ ٿي ۽
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: مقتول نوجوان جي قاتل کي گرفتار ڪري آندو پيو وڃي، ٻي طرف قبر ڪشائي ڪئي پئي وڃي

مٽياري ويجهو ٽرالر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، ٻيو زخمي

درگاهہ عباس پير وٽ تيز رفتار نامعلوم ٽرالر جو موٽرسائيڪل سان زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ ڪامران علي ڳهيلو موقعي تي فوت ۽ هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو

زخمي ۽ لاش اسپتال منتقل، ٽرالر ڊرائيور موقعي تان فرار، ڪارروائي بعد مڙهہ وارثن حوالي

مٽياري (د ر) مٽياري ويجهو درگاهہ عباس پير وٽ خوفناڪ حادثي ٽرالر جي ٽڪر ۾ هڪ ڄڻو فوت، ٻيو سخت زخمي مٽياري: مٽياري ويجهو درگاهہ عباس پير وٽ تيز رفتار نامعلوم ٽرالر موٽرسائيڪل کي زوردار
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

شڪارپور پوليس پاران مقابلي ۾ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

شڪارپور (د ر) شڪارپور ۾ مبينا پوليس مقابلي دوران ڦر جي ڪوشش ناڪام بڻائي وئي جڏهن تہ 16 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ گهربل اشتهاري ڌاڙيل زخمي
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ۽ پرپاسي بدامني تي ضابطو نہ آيو، چوري ۽ ڦرجون بہ وارداتون

پر روڊ وٽ هٿيارٻند ڳوٺائي يامين کي زخمي ڪري موٽرسائيڪل ڦري فرار ٿي ويا

ڳوٺ پڙ شريف واسي گل محمد مهر جي گهران چور بہ موٽرسائيڪل ۽ سامان ٻهاري ويا

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر ويجهو ڳوٺ حاجي حبيب مهر جي رهواسي محمد يامين مهر کان پر روڊ وٽ نامعلوم هٿيارٻندن موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، مزاحمت ڪرڻ تي جوابدارن ڪيس للين جا وار ڪري زخمي ڪري ڇڏيو ۽ سندس موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا. واقعي بعد زخمي محمد يامين مهر کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو ٻئي طرف
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

پشاور: برسات دوران گاڏيون پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهيون آهن ٻي طرف برساتي پاڻي جو نيڪال ڪيو پيو وڃي

گمبٽ جي ڪچي واري علائقي ۾ چهہ ڏينهن اڳ قتل ٿيل مقتول عجيب آريجا جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاجي ڌرڻو

مقتول جي امڙ ۽ وارثن ٻيرلوءِ ٻاءِ پاس بند ڪري جوابدارن جي گرفتار جو مطالبو ڪيو

ڇهہ ڏينهن گذرڻ باوجود ٻهارو ٽاڪي جي پوليس جوابدار گرفتار نہ ڪري سگهي آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

روڊ بند هجڻ ڪري ٻنهي پاسن کان گاڏين جون قطارون لڳي ويون ڊي ايس پي مظاهرين کي يقين ڏيارڻ روڊ کولرايو

گمبٽ (رپورٽ: مريد حسين ڏانوري) گمبٽ جي ڪچي واري علائقي ۾ ڇهہ ڏينهن اڳ ٻهارو ٽاڪي جي حد ۾ قتل ٿي وڃي مقتول عجيب آريجو جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ سبب سنڌس امڙ ۽ وارثن ٻيرلو ٻاءِ پاس بند ڪري ڇڏيو جوابدار گرفتار ڪرڻ جو مطالبو جوابدارن عطا الله آريجو عارف آريجو ۽ طاهر آريجو مقتول جو قتل ڪيو آهي ٻهارو ٽاڪي جي پوليس جي سستي سبب جوابدار
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ميونسپل آفيس مان چوري خلاف ملازمن جو احتجاجي مظاهرو

ملازمن ملازمن نياز حسين چنو الله ڏنو شيخ، مريد شيخ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

امن امان صورتحال بهتر بڻائي شهرين ۽ سرڪاري ادارن جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ شهر ۾ چوري ۽ بدامني جا واقعا وڌڻ لڳا آهن ون فائو آفيس پرسان واقع گمبٽ جي پراڻي ميونسپل آفيس ۾ بہ ڏينهن اڳ چوري جي واردات ٿي آهي، جتي نامعلوم چورن الماڙي جو تالو ٽوڙي اندر رکيل ڪيش رقم 79 هزار رپيا چوري ڪري فرار ٿي ويا واقعي کان پوءِ ميونسپل ملازمن نياز حسين چنو الله ڏنو شيخ مريد شيخ سعيد ٿل ۽ ٻين ميڊيا
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

زرعي يونيورسٽي ۾ مبينا مالي بي ضابطگين جي جاچ لاءِ نائب چيئرمين ۽ وڏي وزير کي خط

سينڊيڪيٽ ميمبر مير الله بخش ٽالپر يونيورسٽي انتظاميا جي ڪارڪردگي تي خط لکي ڇڏيو

سينڊيڪيٽ اجلاس ۾ سٺ ڪروڙ کان وڌيڪ مبينا بي ضابطگين جو ذڪر ٿيڻ جي دعويٰ

ٽنڊوڄام(د ر) زرعي يونيورسٽي ۾ مبينا مالي بي ضابطگين جي جاچ لاءِ سينڊيڪيٽ ميمبر پاران نائب چيئرمين ۽ وڏي وزير کي خط خبر موجب زرعي يونيورسٽي جي سينڊيڪيٽ ميمبر مير الله بخش ٽالپر يونيورسٽي انتظاميا جي ڪارڪردگي تي عدم اعتماد جو اظهار ڪندي نائب چيئرمين ۽ وزيراعليٰ سنڌ کي خط لکي يونيورسٽي ۾ مبينا ڪرپشن ۽
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪنب پوليس پاران ڌاڙيل کي مقابلي بعد زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(د ر) ٽاڪي ڪنب جي حد اندر جسڪاڻي فروٽ فارم پرسان پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن دوران پوليس هڪ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جڏهن تہ سندس ٻيو ساٿي مان هڪ پسٽل پڻ هٿ ڪيو ويو ايس ايس پي خيرپور موجب گرفتار زخمي ڌاڙيل جي سڃاڻپ ذوالفقار علي عرف ڪامران چانڊيو
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران ٻن جوابدار گرفتار ڪري چوري ٿيل 5 موٽرسائيڪلون ۽ سامان هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(د ر) خيرپور پوليس مختلف ڪارروايون دوران 2 اشتهاري جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن تہ پوليس چوري ۽ ڦر ٿيل 5 موٽرسائيڪلون ۽ هڪ موبائل فون پڻ هٿ ڪري ورتو ڊي ايس پي گمبٽ، ايس ايڇ او ٽاڪو ڪنب، شاهہ لطيف، بي سيڪشن ۽ ٻيرلو پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪندي اسدالله عرف اختر حسين چانڊيو ۽ هاشم اسلامي کي گرفتار ڪيو
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: بلدياتي اڪيڊمي ٽنڊوڄام ۾ ڪورس مڪمل ڪرڻ بعد ٽائون چيئرمين حاجي نواز بروهي ۽ ٻين جو ورتل گروپ فوٽو

سوشل ميڊيا انتظاميا تائين معلومات جي بروقت رسائي ۾ مددگار ثابت ٿيندا آهن: ڊويزنل ڪمشنر

موجوده دور ۾ ڊيجيٽل ميڊيا عوامي رابطي ۽ شهري شرڪت جو هڪ اهم ذريعو بڻجي چڪو آهي

ڪميونيڪيشن جي شاگردن کي معاشري جي حقيقي مسئلن جي نشاندهي لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي چيو آهي سوشل ميڊيا، خاص طور تي واٽس ايپ گروپس انتظاميا تائين معلومات جي بروقت رسائي ۾ مددگار ثابت ٿيندا آهن جڏهن تہ ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا جي استعمال ۾ ذميواري ۽ تصديق کي ڌيان ۾ رکڻ نهايت ئي ضروري آهي _ اهڙن خيالن جو اظهار هن ورمين ميڊيا سينٽر
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ۽ يارو لنڊ پوليس پاران موچ لنڊ ڪيس ۾ گهربل جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر ۽ يارو لنڊ پوليس سومر موري واري علائقي ۾ گڏيل ڪارروائي ڪندي اڪل ٿي هفتا اڳ پراڻي تڪرار تان قتل ٿيل چڪي مڙس موچ علي لنڊ جي قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار پير بخش عرف پيرل لنڊ کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ايس ايڇ او خانپورمهر رب ڏنو ڪلهوڙو موجب پوليس
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ڪنري پرسان درگاهہ ڏاڏي شاهہ فقير جو ٻارهون سالياني ڏهاڙو عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

شفيع محمد شاهہ، دوست محمد ميمڻ ۽ ٻين جلوس جي صورت ۾ درگاهہ تي چادر چاڙهي دعا گهري

تقريب ۾ مفتي عبدالخالق چانڊيو ۽ ٻين عالمن جا خطاب، محبت، ڀائيچاري ۽ صبر جو پيغام

عمرڪوٽ (د ر) ڪنري لڳ درگاهہ ڏاڏي شاهہ فقير جو سالياني ٻارهون ڏهاڙو عقيدت و احترام سان ملهايو ويو سادات اڳواڻ سيد شفيع محمد شاهہ اڳوڻي صوبائي صلاحڪار ڊاڪٽر دوست محمد ميمڻ درگاهہ جي خادم ماسٽر نظر محمد رند درگاهہ هوت فقير رحہ جي گادي نشين فقير علي بخش رند، عبدالغفور ٻهراڻي ۽ ٻين جلوس جي صورت ۾ درگاهہ تي چادر
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر: موچ علي لنڊ قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار کي گرفتار ڪري آندو پيو وڃي

مير علي مراد خان ٽالپر جو تعلق رڳو خيرپور رياست تائين محدود نہ هو: منظور وسان

مير صاحب جي لاڏاڻي سان خيرپور هڪ اهم تاريخي شخصيت کان محروم ٿي ويو آهي

علي مراد ٽالپر خاندان جو نمايان ڪردار رهيو آهي جنهن کي تاريخ ۾ هميشه ياد رکيو ويندو

خيرپور(د ر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻي صوبائي وزير منظور وسان خيرپور رياست جي والي هز هائينس مير علي مراد خان ٽالپر جي لاڏاڻي تي سندس فرزند پرنس مير مهدي رضا ٽالپر سان تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ان موقعي تي صوبائي وزير منظور وسان چيو تہ مير علي مراد خان ٽالپر جو تعلق رڳو خيرپور رياست تائين محدود نہ
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد جو سنڌو درياهہ ۾ پاڻي جي معيار بابت اجلاس منعقد

ٽي ڊي ايس جي مقدار اڪل 595 کان 600 ريڪارڊ ٿي جيڪا مقرر معيار موجب آهي: فياض عباسي

سيپا سنڌو درياهہ جي پرپاسي فائر صنعتي يونٽس ۾ ٽريٽمينٽ پلانٽس جي موثر ۽ مسلسل آپريشن کي يقيني بڻائي

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي جي صدارت هيٺ سنڌو درياهہ ۾ پاڻي جي معيار ۽ ٽي ڊي ايس جي مقدارت بابت هڪ اجلاس سندس آفيس شهباز بلڊنگ حيدرآباد ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ واٽر ڪميشن، اٻپاشي سنڌ انوائرمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي (سيپا) ۽ واٽر اينڊ سيوريج سميت لاڳاپيل ادارن جي عملدارن
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

پيرجوڳوٺ ٿاڻي جي ٻن اهلڪارن ۾ جهيڙي جو ايس ايس پي نوٽيس ورتو

ايس ايس پي اهلڪار فدا حسين ڪنڊ ۽ سراج مگنيجو کي برطرف ڪري ڇڏيو

گمبٽ (ت.ر) پيرجوڳوٺ ٿاڻي جي ٻن پوليس اهلڪارن فدا حسين ڪنڊ ۽ سراج احمد مگنيجو وچ ۾ ٿيل جهيڙي جو ايس ايس پي خيرپور نوٽيس وٺندي ٻنهي اهلڪارن کي نوڪرين مان برطرف ڪري ڇڏيو نوٽيفڪيشن جاري پيرجوڳوٺ ٿاڻي تي مقرر پوليس اهلڪارن فدا حسين ڪنڊ ۽ سراج احمد مگنيجو وچ ۾ معمولي ڳالهہ تان جيهڙو ٿي پيو هو ۽ ٻنهي پوليس
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڳوٺي ياسين: جسقم اڳواڻ نياز ڪالاڻي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

نوشهروفيروز عدالت پاران ٻٽي قتل ڪيس ۾ 3 جوابدارن کي عمر قيد ۽ 15،15 سال قيد جي سزا

نوشهرو فيروز(د ر) نوشهروفيروز عدالت ٻٽي قتل ڪيس ۾ 3 جوابدارن کي عمر قيد ۽ 15،15 سال قيد جي سزا نوشهرو فيروز فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج ۽ ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ غلام رضا ٻرڙو جي عدالت ٻٽي قتل جو ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي ٽن جوابدارن کي سزا ٻڌائي ڇڏي عدالت جوابدارن امتياز علي سولنگي، محمد حسين سولنگي ۽ شعبان سولنگي کي عمر
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

جام نواز علي ۾ معذور زميندار جو زرعي زمين تي مبينا قبضي خلاف احتجاج، انصاف جي اپيل

جام نواز علي (ن ع) ڳوٺ علي مردان عرف پيو مگسي جي رهواسي نمرو ولد الله بخش مگسي جام نواز علي پريس ڪلب ۾ صحافين اڳيان دانهيندي چيو آهي تہ سندس 6 ايڪڙ 27 گهنٽا زرعي زمين ديهہ پالي 1 ۽ 2، ضلع ٽنڊوالهيار ۾ واقع آهي جنهن تي بااثر ماڻهن ۽ تيل ڪمپني وارن پاران مبينا طور قبضو ڪيو ويو آهي
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: هڪ شخص واڻ جا ڳيڙها گاڏي تان لاهي رهيو آهي

ڊاڪٽر اشوڪ جي مبينا اڻڳي رويي ۽ ڀيل قوم خلاف ڳالهائڻ تي ڀيل برادري جو احتجاج

ٽنڊوغلام علي ۾ مظاهرين ٻلي ڪارڊ کڻي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

ڀيل برادري پاران مبينا ڪٺن لفظن جي مذمت، ڊاڪٽر کان معافي وٺڻ جو مطالبو

ٽنڊوغلام علي(ن ع) ڳوٺ ٽري نظاماڻي جي ڊاڪٽر اشوڪ جي مبينا اڻڳي رويي ۽ ڀيل قوم خلاف ڳالهائڻ تي ڀيل برادري جو مظاهرو خبر موجب ٽنڊوغلام علي ويجهو ڳوٺ ٽري نظاماڻي جي سرڪاري اسپتال جي انچارج ڊاڪٽر اشوڪ جي اڻڳي رويي ۽ ڀيل قوم کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ خلاف ڀيل برادري جو پريم ڀيل ۽ صوفي رميش جي اڳواڻي ۾ ڪيهارو کان ماڻهن هٿن
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

سجاول-ٺٽو روڊ تي ٽرڪ هيٺان چيپاڻجي نوجوان فوت، علائقي ۾ سوڳ

رڪشا مان ڪريل چپل کڻڻ لاءِ لٿل محمد موسيٰ خاصخيلي مٿان پريان ايندڙ ٽرڪ چڙهي وئي

حادثي ۾ نوجوان موقعي تي ئي فوت، لاش سول اسپتال منتقل، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي

سجاول(د ر) سجاول-ٺٽو روڊ تي ٽرڪ هيٺان چيپاڻجي نوجوان فوت، سجاول-ٺٽو روڊ تي سيدپور پرسان روڊ حادثي ۾ ٽرڪ هيٺان اچي نوجوان فوت ٿي ويو ٻڌايو پيو وڃي تہ نوجوان محمد موسيٰ خاصخيلي رڪشا ۾
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ شخص ڪچوريون ٺاهي رهيو آهي

ڪراچي ۾ منشيات خلاف ڪارروائي، 81 ڪلو چرس سميت جوابدار گرفتار

نيو ٽائون پوليس ڪارروائي ڪري بين الصوبائي منشيات نيٽ ورڪ جي اهم ڪارندي کي گرفتار ڪيو

منشيات جي منتقلي لاءِ استعمال ٿيندڙ ٽي گاڏيون تحويل ۾، فرار ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيو ٽائون پوليس گلشن اقبال ۾ ڪارروائي ڪندي ڏيڍ ڪروڙ رپين کان وڌيڪ ماليت جو منشيات هٿ ڪري ورتي تفصيل موجب نيو ٽائون پوليس ڳجهي اطلاع تي گلشن اقبال بلاڪ 14 ويجهو ڪارروائي ڪندي پوليس بين الصوبائي منشيات جي نيٽ ورڪ جي اهم ملزم عبدالصمد پٽ انعام الرحمان کي گرفتار ڪري ورتو ۽ سندس قبضي ۾ موجود ٽن گاڏين مان 81 ڪلوگرام اعليٰ معيار جي منشيات چرس هٿ ڪيو ايس
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

پيپلز پارٽي واحد جماعت آهي جنهن جي رنگ، نسل ۽ ٻولي جي ڪا بہ تفريق ناهي: شگفتہ جماڻي

پارٽي هميشہ عورتن جي ونگ کي پارٽي جي ريڙهہ جي هڏي جي حيثيت ڏني آهي

جنهن طريقي سان ماڻهو پارٽي ۾ شامل ٿي رهيا آهن اهو عوام جي اعتماد جو ثبوت آهي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) پاڪستان پيپلز پارٽي شعبہ خواتين سنڌ جي صدر ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر شگفتہ جماڻي چيو آهي تہ صوفين جي ڌرتي سنڌ اردو ڳالهائيندڙن سميت پاڪستان ۾ ڳالهائي ويندڙ سمورين ٻولين سان تعلق رکندڙ ماڻهن ۽ هر طبقي کي پنهنجو بڻايو آهي پيپلز پارٽي واحد جماعت آهي جنهن جي رنگ، نسل ۽ ٻولي جي ڪا بہ تفريق ناهي ۽ سڀني لاءِ پارٽي جا دروازا کليل آهن بلاول هائوس ڪراچي جي ميڊيا سيل ۾ پريس
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ايس ايم لا ڪاليج جي شاگردن ۽ وڪيلن جو سنڌ وحدت مارچ

لا ڪاليج کان ڪراچي پريس ڪلب تائين مارچ ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي

وڪيل اڳواڻن جو سنڌ جي ورهاڱي خلاف هر پليٽ فارم تي آواز اٿارڻ ۽ جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان

ڪراچي(بيورو رپورٽ) سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف ايس ايم لا ڪاليج جي اسٽوڊنٽ ايڪشن ڪميٽي پاران لا ڪاليج کان پريس ڪلب تائين سنڌ وحدت مارچ ڪيو ويو لا ڪاليج جي شاگردن، ڪراچي بار ۽ سنڌ بار ڪائونسل جي اڳواڻن مارچ ۾ شرڪت ڪري سنڌ جي ورهاڱي کي رد ڪري ڇڏيو ريلي ۾ ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر نواز وڙائچ سنڌ بار ڪائونسل جي وائيس چيئرمين اشتياق احمد ميمڻ سنڌ بار ڪائونسل جي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪراچي مختلف واقعن دوران 4 ڄڻا فوت، 263 چوري ٿيل موبائل فون واپس

لياري ۾ مقابلي دوران هڪ جوابدار مارجي ويو، اهلڪار زخمي، نيو ڪراچي ۾ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

حسن آباد سعيد پلازہ مان عورت شائستہ جو مليو، نيو ڪراچي پرسان حسنين ولد حسين بخش جو ڳوڙو ڪيپل لاش هٿ

سرجاني ٽائون مان بوري ۾ بند لاش هٿ، معصوميہ اسپتال پرسان ڪامران زخمي حالت ۾ هٿ، اسپتال ۾ فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي شهر جي مختلف علائقن ۾ ڏوهاري واقعن مبينا پوليس مقابلن ۽ ٻين واقعن دوران هڪ مبينا ڏوهاري جي مارجي وڃڻ سميت 4 ڄڻا مارجي ويا، جن ۾ هڪ عورت ۽ هڪ
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو لڳ وائلڊ لائف کاتي عملدارن پاران ٻن شڪارين گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) وائلڊ لائيف کاتي جي ڊپٽي ڪنزرويٽر حيدرآباد واجد علي شيخ جي حڪمن تي ڄامشورو واري علائقي ۾ غير قانوني شڪار خلاف ڪارروائي ڪئي وئي وائلڊ لائيف ڄامشورو جي اهلڪارن غفار جمالي ۽
بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي پنجن ڊويزنل شهرن لاءِ هڪ ارب ڊالر جي سيڙپڪاري

صاف پاڻي، سيوريج، سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ۽ جديد ٽيڪنالاجي تي ڪم ٿيندو: ارسلان اسلام شيخ

نومبر 2026 ع کان عالمي ڪنسلٽنٽس پاران موسمي تبديلي ۽ شهري منصوبابندي تي ڪم شروع ڪرڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي گڏيل سهڪار سان سنڌ جي پنجن ڊويزنل هيڊڪوارٽرز سکر، حيدرآباد، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص ۽ شهيد بينظيرآباد ۾ شهري ترقي موسمياتي تحفظ جي منصوبن لاءِ تقريبن هڪ ارب آمريڪي ڊالر يعني 278 ارب رپين جي سيڙپڪاري ڪئي ويندي ميئر سکر ۽ ترجمان سنڌ حڪومت بئريسٽر
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: هڪ گڏهہ گاڏي تي لاڏاڻو ڪٽنب سفر ڪري رهيو آهي

عمرڪوٽ حادثي ۾ 2 ڄڻا ڄڻن جي فوت ٿيڻ تي وڏي وزير پاران ڏک جو اظهار

ڏک جي گهڙيءَ ۾ حڪومت متاثر خاندانن سان گڏ آهي: مراد علي شاهہ

وڏي وزير پاران زخمين کي بهترين طبي سهولتون ۽ هر ممڪن طبي امداد فراهم ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ عمرڪوٽ ۾ پيش آيل حادثي جي نتيجي ۾ 2 ڄڻن جي فوت ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي وڏي وزير فوت ٿيلن جي وارثن سان دلي تعزيت ڪندي چيو آهي تہ ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ حڪومت متاثر خاندانن سان گڏ آهي سيد مراد علي شاهہ انتظاميا کي حادثي ۾ زخمي ٿيل 15 کان وڌيڪ مسافرن
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو غلام علي: ڊاڪٽر جي اڻڳي رويي خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

حڪمرانن ٽيڪس تي ٽيڪس لڳائي عوام ۽ واپاري برادري تي بار وڌايو آهي: سردار عبدالرحيم

ننڍن واپارين کي سهولتون بدران ٽيڪسن ۽ نوٽيسن ذريعي مشڪلاتن ۾ اضافو ڪيو پيو وڃي

ڪراچي جا واپاري اڳ ئي مهانگائي سبب پريشان آهن، وڌيڪ ٽيڪسن سان ڪاروباري سرگرميون متاثر ٿينديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم چيو آهي تہ حڪمران ٽيڪس تي ٽيڪس لڳائي عوام ۽ واپاري برادري تي بار وڌائي ڇڏيو آهي ننڍن واپارين کي سهولتون ڏيڻ بدران مختلف ٽيڪسن ۽ نوٽيسن ذريعي سنڌن
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ ڳوٺاڻن جو نوجوان جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف احتجاج

ڳوٺ پرند واسي سولنگي برادري عبدالرشيد جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو

ٻہ هفتا گذرڻ باوجود پوليس جوابدار گرفتار ناهن ڪيا، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

نوشهروفيروز(د ر) نوشهروفيروز ويجهو ڳوٺ پرند جي رهواسي سولنگي برادري جي رهواسين جو نوجوان عبدالرشيد سولنگي جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي امجد سولنگي دادلي سجاد سولنگي اعجاز سولنگي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا جن نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ نعري بازي ڪئي ان موقعي تي ميڊيا اڳيان
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز: عبدالرشيد سولنگي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

محرابپور ۽ پرپاسي ٽي اي او پرائمري اسڪولن جي وزٽ ڪري اسٽيڊي ليول ۽ حاضري چيڪ ڪئي

محرابپور(د ر) محرابپور ٽي اي او پرائمري اسڪولز غلام شبير هاليپوٽو طرفان تعلقي محرابپور جي مختلف ڳوٺن جي اسڪولن جي وزٽ ڪئي ۽ استادن ۽ شاگردن جي اسٽيڊي ليول ۽ حاضري چيڪ
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

مورو واسي پورهيت جو وياجن ظلم خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

مورو(ن ع) مورو شهر جي ڪچيرو روڊ جو رهواسين پورهيت حق نواز مهر وياجن ظلم خلاف مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو تہ منهنجو پٽ پرويز علي مهر مورو شهر جي ڪپڙا بازار جي موبائيل مارڪيٽ ۾ موبائيل ڪپائڻ
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ ۾ ويم دوران عورت فوت، وارثن جو نجي ميڊيڪل سينٽر تي ڪاهہ

عورت فوت وارثن جو سينٽر تي حملو هٿيارٻند ٽي عملي کي يرغمال ڪري ڇڏيو

پوليس يرغمال ٿيل عملي کي گرفتار ڪري ٿاڻي تي وٺي آئي، عورت جي وارثن کي مطالبا تسليم ڪرڻ جي خاطري

سينٽر تي داخل ٿيل بار جن تي آڪسيجن لڳل هئي، هنگامي سبب آڪسيجن گيس بند ٿيڻ سبب تي تازا ڄاول ٻار فوت ٿي ويا: ذريعا

ڪنڊڪوٽ (د ر) ڪنڊڪوٽ شهر جي ڪشمور روڊ تي قائم نجي ميڊيڪل سينٽر تي لولائي برادري جي عورت ويم دوران فوت ٿي وڃي عورت جي فوت ٿيڻ بعد گڏ آيل وارثن ميڊيڪل سينٽر تي هنگامو شروع ڪري ڇڏيو ۽ اطلاع ڪري هٿيارٻندن کي گهرايو ويو هٿيارن سان آيل ماڻهن سينٽر کي سيل ڪري عملي کي
بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.